ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94)   اربع 11 فيبروري 2026 ع 22 شعبان المعظم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويهه   شمارو (180)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

صوبائي ڪابينا پاران پرڏيهه رهندڙ پاڪستانين کي جائيداد جي خريداري ۾ سهولتون ڏيڻ ۽ لاڙڪاڻي ۾ سبزي منڊي قائم ڪرڻ جي منظوري

پاڪستاني سفارت خانن ۽ مشنز ۾ آن لائن سيل ڊيڊ جاري ڪرڻ جي دلڙي کي وڊيو وينڊو اوورسيز پاڪستانين کي رجسٽريشن آفيسن ۾ ذاتي حاضري کان ڇوٽ حاصل ٿيندي

ڊوٽيڪ جو عمل نادرا سان ڳنڍيل اي-رجسٽريشن سسٽم ذريعي ڪيو ويندو جنهن تحت آڱرين جا نشان ۽ چهري جي سڃاڻپ جي سهولت ڪنهن به سب رجسٽرار آفيس يا پيپلز سروس سينٽر ۾ دستياب هوندي

اڳوڻي علاالدين پارڪ جي 18 ايڪڙ زمين کي سطح زمين تي بس ڊيپو طور استعمال ڪرڻ لاءِ سينيئر ٽرانسپورٽ وزير مڪاني حڪومت جي وزير ۽ ميئر ڪراچي کي جي مفاد ۾ گڏجي ويهي هن معاملي تي فيصلو ڪرڻ جي هدايت

ٽريفڪ پڇڪڙين جي چالانن (اي-ٽڪيٽن) جي تيز تر فيصلي لاءِ ڪابينا صوبي ۾ ڪنزيومر ڪورٽن کي ٽريفڪ ڪورٽس قرار ڏيڻ جي منظوري ڏني: هاءِ ڪورٽ جي منظوري بعد اختيارن جو تعين ٿيندو

ماحولياتي تبديلي سان مقابلي ۽ عالمي ماحولياتي ذميوارين جي پوري ڪرڻ لاءِ ڪابينا ضلعي سجاول ۾ 163902 هيڪٽر (405002 ايڪڙ) انٽرٽائيڊل زمين کي محفوظ ٻيلو قرار ڏيڻ جي منظوري ڏني

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ صوبائي ڪابينا جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ اوورسيز پاڪستانين لاءِ ڊجيٽل پراپرٽي رجسٽريشن، صوبائي اي-اسٽيمپنگ سسٽم جي مقامي سطح تي منتقلي، انفراسٽرڪچر سيس تڪرار جي حل لاءِ فريم ورڪ، ڪنزيومر ڪورٽن کي ٽريفڪ ڪورٽس قرار ڏيڻ، ڪراچي بي آر ٽي ريڊ لائين لاءِ زمين بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پشاور ڪور هيڊ ڪوارٽر ۾ امن امان بابت اعليٰ سطحي اجلاس، امن امان جي صورتحال تي غور

عسڪري ۽ سياسي قيادت جو دهشتگردي خلاف جنگ ۾ گڏجي هلڻ تي اتفاق

وزيراعليٰ سهيل آفريدي جي محسن نقوي ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرن سان ملاقات خوشگوار رهي

اجلاس ۾ قبيلائي ضلعن جي بهتري لاءِ اجتماعي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پشاور ڪور هيڊ ڪوارٽر ۾ امن امان بابت اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ وفاقي گهرو وزير محسن نقوي، خيبر پختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آفريدي ۽ ڪور ڪمانڊر پشاور شرڪت ڪئي. ذريعن موجب اجلاس ۾ عسڪري ۽ سياسي قيادت دهشتگردي خلاف جنگ ۾ گڏجي هلڻ تي اتفاق ڪيو سهيل آفريدي جي محسن نقوي ۽ ٻين بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪراچي آءِ جي سنڌ جو سي ٽي ڊي جو دورو، دهشتگردي خلاف ڪوششن جو جائزو ورتو

آءِ جي سنڌ کي سي ٽي ڊي جي مجموعي ڪارڪردگي، وسيلن تي بريفنگ ڏني وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍهو سنڌ جي محڪمه انسداد دهشتگردي (CTD)جو دورو ڪيو آءِ جي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اين ايف سي تحت صوبن کي مالي سال جي پهرين ڇهه ماهي ۾ 36 ڪرب 16 ارب 98 ڪروڙ رپيا منتقل

پهرين ڇهه ماهي ۾ اين ايف سي تحت پنجاب کي 17 ڪرب 96 ارب 22 ڪروڙ 60 لک روپيا ڏنا ويا: ناڻي وزارت

سنڌ کي 9 ڪرب هڪ ارب 44 ڪروڙ 10 لک روپيا، خيبر پختونخوا کي 5 ڪرب 86 ارب 5 ڪروڙ 60 لک روپيا منتقل

بلوچستان کي 3 ڪرب 32 ارب 37 ڪروڙ 50 لک روپين جا فنڊز منتقل ڪيا ويا آهن: جاري ڪيل انگ اکر

اسلام آباد (اي پي پي) قومي ماليات ڪميشن (اين ايف سي) تحت وفاق پاران صوبن کي مالي سال جي پهرين ڇهه ماهي ۾ 36 ڪرب 16 ارب 98 ڪروڙ روپين جا فنڊز منتقل ڪيا ويا آهن ناڻي وزارت پاران جاري انگن اکرن موجب پهرين ڇهه ماهي ۾ اين ايف سي تحت پنجاب کي 17 ڪرب 96 ارب 22 ڪروڙ 60 لک روپيا، سنڌ کي 9 بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ ۽ ڊائريڪٽر جنرل معيظ پيرزادو

استادن جي گريڊ 21 ۾ ترقين لاءِ تجويز ڪيل "5 ٽيئر پروموشن فارمولي" تي اڳڀرائي

قائم ڪيل ڪميٽي جو سفارشن جي توثيق ڪندي منظوري لاءِ اعليٰ اختيارين ڏانهن موڪلڻ جو فيصلو

فارمولي تحت گريڊ 21 جي سيٽن ۾ اضافو ڪيو ويندو، پروموشن جي تناسب ۾ پڻ ردوبدل ڪيو ويندو:نديم الرحمان ميمڻ

نئين ڍانچي سان استادن جي حوصلي افزائي ٿيندي، اداري جي ڪارڪردگي وڌندي ۽ تعليمي معيار ۾ بهتري ايندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ڪالج ايجوڪيشن کاتي ۾ استادن جي گريڊ 21 ۾ ترقين لاءِ تجويز ڪيل "5 ٽيئر پروموشن فارمولي" تي اهم اڳڀرائي ٿي آهي. جنهن تي قائم ڪيل ڪميٽي سفارشن جي توثيق بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

نيشنل جوڊيشل اينالٽيڪس ڊيش بورڊ عدالتي نظام ۾ شفافيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو: چيف جسٽس آف پاڪستان

پاڪستان ۾ عدالتي سڌارن جي سفر ۾ هڪ اهم سنگ ميل طور تي نيشنل جوڊيشل اينالٽڪس ڊيش بورڊ باضابطه جاري ڪيو ويو

ڊيش بورڊ لا اينڊ جسٽس ڪميشن آف پاڪستان نيشنل انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ (اين آءِ ٽي بي) جي فني سهڪار سان تيار ڪيو ويو آهي

ڊيش بورڊ عدالتي ڊيٽا کي هڪ جامع ۽ مربوط نظام ۾ سمائي فيصلا سازي، اسٽريٽجڪ منصوبا بندي ۽ اداره جاتي احتساب کي اڳتي وڌائيندو: جسٽس محمد علي مظهر

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته نيشنل جوڊيشل اينالٽيڪس ڊيش بورڊ عدالتي نظام ۾ شفافيت، ڪارڪردگيءَ جي نگراني ۽ باخبر پاليسي سازي ۾ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس ۽ سپريم ڪورٽ جا جج هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽسن سان گڏ جڊيشل پرفارمنس اينالاٽيڪس ڊيشبورڊ جي افتتاحي تقريب ۾ شريڪ آهن

سياسي اختلاف وساري دهشتگردي خلاف هڪ ٿيڻ جي ضرورت آهي: خواجا آصف

ڪٿي نه ڪٿي سيڪيورٽي بريچ ٿيندي آهي، اسان کي سيڪيورٽي وڌيڪ سخت ڪرڻ جي ضرورت آهي

پڪ آهي ته اسان دهشتگردن کي شڪست ڏينداسين ۽ سمورين ڏکيائين تي ضرور ضابطو آڻينداسين: وزير دفاع

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته دهشتگردي خلاف سياسي اختلاف وساري گڏ ٿيڻ جي ضرورت آهي اسلام آباد حملي بابت سوال جي جواب ۾ خواجا آصف چيو ته ان ۾ ڪو بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۾ ٻه ڄڻا فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

بلڙي شاهه ڪريم پوليس جي مدرسي ۽ ڳوٺن ۾ ڇاپا، ڪيترائي گرفتار

پوليس ڇاپي ۾ حافظ ولي الله سومري ٽن عورتن کي گرفتار ڪري ورتو

عبدالسلام سومري جي گهر تي ڇاپو هنيو ويو پر ڪا به گرفتاري نه ٿي سگهي

بلڙي شاهه ڪريم (ت ر) بلڙي پوليس جي وڏن آفيسرن ڏنا واهه تي واقع مفتي محمد صادق سومري جي مدرسي تي ڇاپو بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

اي-پروڪيورمينٽ ۽ EPADS سسٽم لاڳو ٿيڻ سان سرڪاري خريداري ۾ شفافيت کي يقيني بڻايو ويندو:ضيا لنجار

سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو 46هون اجلاس ڪراچي ۾ ٿي گذريو

پروڪيورنگ ايجنسين جي تربيت، هيلپ ڊيسڪ جي قيام ۽ ماهر ليگل ڪائونسل جون خدمتون فراهم ڪرڻ جا اهم فيصلا

SPPRAجو مضبوط ۽ فعال ڪردار عوامي اعتماد ۽ مالي نظم و ضبط جي قيام لاءِ انتهائي اهم حيثيت رکي ٿو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي (SPPRA) جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو 46هون اجلاس اڄ ڪراچي ۾ منعقد ٿيو جنهن جي صدارت صوبائي وزير قانون ، گهرو کاتا ۽ چيئرمين SPPRA بورڊ ضياءَ الحسن لنجار ڪئي. اجلاس ۾ صوبي اندر سرڪاري پروڪيورمينٽ جي مجموعي نظام، پاليسي سڌارن، ڪاڪيدار شفافيت ۽ مالي نظم ۽ ضبط سان لاڳاپيل معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو.اجلاس دوران پروڪيورمينٽ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ابوظهبي: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني سان متحده عرب امارات جي اسيمبلي جو اسپيڪر سقر گوباش ملاقات ڪري رهيو آهي

اسلام آباد: ازبڪستان جو سفير علي شير تختيو صدر آصف علي زرداري سان ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي پاڪستان يوٿ پارليامينٽ وفد جي صوبائي محتسب سنڌ سان ملاقات

نوجوانن ۽ شاگردن کي محتسب جي آفيس ۽ شڪايتن جي حل جي طريقيڪار بابت آگاهي ڏني

عوامي شڪايتن جو مفت ۽ تيز حل فراهم ڪرڻ صوبائي محتسب جو مقصد آهي: محمد سهيل راجپوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت سان پاڪستان يوٿ پارليامينٽ جي وفد سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي وفد ۾ مختلف تعليمي ادارن جا شاگرد ۽ شاگردياڻيون شامل هيون بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پوليس ۽ رينجرز جا اهلڪار به ڌوهارين کان محفوظ ناهن:ڪاشف شيخ

ميهڙ واقعي ۾ شهيد پوليس اهلڪارن جي قاتلن کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي

سنڌ ۾ ڪچي ۽ پڪي جا ڌاڙيل آزاد گهمي رهيا آهن جڏهن ته شريف ۽ امن پسند ماڻهو پوليس گردي جو شڪار آهن

ڪراچي(بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ ميهڙ ۾ ڪن پوليس اهلڪارن جي قتل جي شديد مذمت ۽ افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته دهشتگردي جي ان واقعي ۾ ملوث ڌوهارين بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

وزيراعليٰ پنجاب جو بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز لاءِ 10 ارب رپيا مدد جو اعلان

مريم نواز بلوچستان جو دورو ڪيو، هن ڪوئيٽا ۾ ايف سي هيڊ ڪوارٽر ۾ تقريب ۾ شرڪت ڪئي

بلوچستان جي عوام جو جذبو ۽ پاڪستان سان وابستگي ساراهه جوڳي آهي. بلوچستان جي هر ممڪن مدد ڪنداسين: مريم نواز

ڪوئيٽا (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز لاءِ 10 ارب رپين جي مدد جو اعلان ڪيو آهي مريم نواز بلوچستان جو دورو ڪيو هن ڪوئيٽا ۾ ايف سي هيڊ ڪوارٽر ۾ تقريب ۾ شرڪت ڪئي جنهن دوران هن سيڪيورٽي فورسز لاءِ 10 ارب رپين بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال سان ڪمبوڊيا جي واپار واري وزير چم نمل ملاقات ڪري رهي آهي

ڪراچي گل پلازه باهه ڪيس ۾ شفاف جاچ لاءِ انڪوائري ڪميشن قائم، جسٽس آغا فيصل سربراهه مقرر

انڪوائري ڪميشن تعميراتي منظوري، فنڊ ۽ بلڊنگ پلان جي پڇاڙين، ايمرجنسي رسپانس ۽ فائر سيفٽي جي تفصيلي جاچ ڪندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گهرو وزير سنڌ ضياءَ الحسن لنجار جي هدايتن تي گل پلازه باهه ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي سامهون آئي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪورنگي ۾ ٿري ايم پي او تحت پيش آيل واقعو انتهائي شرمناڪ آهي:حليم عادل شيخ

پي ٽي آءِ ڪراچي جي صدر راجا اظهر ۽ اڳواڻ فهيم خان کي غيرقانوني طور گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ ۾ ٿري ايم پي او تحت تحريڪ انصاف جي ڪارڪنن جي نظر بندي خلاف داخل درخواستن تي ٻڌڻي ٿي ٻڌڻي دوران پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي سرڪاري گرلز ڪاليجن ۾ بغير اجازت تصويرون ڪڍڻ ۽ سوشل ميڊيا تي شيئر ڪرڻ تي پابندي

ڪاليج ايجوڪيشن کاتي فيس بڪ، واٽس ايپ ۽ ٻين ڊجيٽل پليٽ فارمز تي بغير اجازت فوٽوگرافي کي ناقابل برداشت قرار ڏنو

خلاف ورزي ڪندڙ پرنسپلز ۽ عملو کاتي سطح تي تاديبي ڪارروائي سان گڏ قانوني ڪارروائي کي به منهن ڏيندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ڪاليج ايجوڪيشن کاتي عورت استادن، ليڪچررز ۽ شاگردياڻين جون تصويرون بنا اجازت ڪڍڻ ۽ سوشل ميڊيا تي شيئر ڪرڻ جي وڌندڙ واقعن جو سخت نوٽيس وٺندي صوبي جي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين راڻا مشهود سان ازبڪستان جي آرٽيفشل انٽيلجنس بابت صلاحڪار ملاقات ڪري رهيو آهي

باقراڻي ويجهو ٽريڪٽر جي ٽڪر سبب معصوم ٻينگر فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ ميان اسحاق کوهارو ۾ 10 ورهين جو باغ کوهارو زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال نيو پي ويو ته رستي ۾ فوت ٿي ويو، پوليس ڊرائيور کي گرفتار جاچ شروع ڪئي

باقراڻي(ن ع) باقراڻي لڳ يونيورسٽي ايٽ آريجا ٿاڻي جي حد ڳوٺ ميان اسحاق کوهارو ۾ پئسن عيوض مٽي ڍوئيندڙ ٽريڪٽرن جي ڪمپنيءَ جي ٽريڪٽر جي ٽڪر ۾ ڳوٺ ميان اسحاق کوهارو واسي 10 سالا ٻينگر باغ علي ولد ذوالفقار علي کوهارو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي گنڀير حالت ۾ وارثن ۽ ڳوٺاڻن اسپتال ويا ۾ معصوم ٻينگر رستي ۾ ئي بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

نوري آباد ويجهو ٽرالر ۽ ڪار ۾ ٽڪر سبب عورتن ۽ ٻارن سميت 7 ڄڻا زخمي

ايم نائين موٽر وي تي حادثي ۾ مزمل، خديجه، اقرا، ارسل، نورالله ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمن پهچي زخمين کي اسپتال منتقل ڪري ٽريفڪ بحال ڪرائي

نوري آباد (ن ع) نوري آباد پرسان ٽريفڪ حادثي ست ڄڻا زخمي ميرپورخاص کان ڪراچي ويندڙ ڪار ايم-9 موٽروي تي نوري آباد پرسان ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي حادثي جي نتيجي ۾ ست ڄڻا زخمي ٿي پيا جن ۾ ٻه مرد، ٽي عورتون ۽ ٻه ٻار شامل هئا زخمين جي سڃاڻپ مزمل خديجه اقرا ارسل نورالله عبدالمجيد غلام رسول جي نالن سان ٿي اطلاع ملڻ تي ريسڪيو ٽيمون فوري بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد جهيڙي جو زخمي نوجوان ڪراچي اسپتال ۾ فوت، لاش رکي ڌرڻو

حالي روڊ الوحيد ڪالوني ۾ مبينا جهيڙي سبب زخمي ٿيل سيف الله گذي دم ڏٽي حوالي ڪيو

مقتول جي وارثن حيدرآباد پريس ڪلب آڏيان لاش رکي احتجاجي ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي

جوابدار شايان ۽ ٻين فائرنگ ڪري سيف الله کي زخمي ڪيو، پوليس جوابدار گرفتار نٿي ڪري:مظاهرين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي حالي روڊ جي الوحيد ڪالوني ۾ 15 ڏينهن اڳ مبينا جهيڙي جو زخمي نوجوان زخمن جا سور نه سهندي ڪراچي جي اسپتال ۾ دم ڏئي ڇڏيو، مقتول جي وارثن بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي شراب جي وڪري تي پابندي ۽ لائسنس رد ڪرڻ واري متحده ميمبر جي رٽ رد ڪري ڇڏي

"ڪراچي جي سمنڊ ۾ گندو پاڻي ڇڏيو پيو وڃي، جنهن جي ڪري سمنڊ ۾ سنگين آلودگي پيدا ٿي رهي آهي. ڪراچي جي سيوريج ۽ گندي پاڻي جي علاج کي بهتر بڻايو وڃي" متحده ميمبر عامر صديقي جي رٽ پڻ رد

سنڌ ۾ پلاسٽڪ جي ٿيلهين تي مڪمل پابندي آهي. وڏيون ڪمپنيون ڪاغذن ڏانهن منتقل ٿي ويون آهن ۽ ڪجهه ڪمپنين عدالت سان رابطو ڪيو آهي: سيد حسين شاهه

سنڌ ۾ تمر جا ٻوٽا لڳايا ويا آهن، ڪراچي، بدين ۽ ٺٽي جي ساحلي لائينن تي 54 هزار کان وڌيڪ وڻ لڳايا ويا آهن ۽ وڏين صنعتن کي وڻ لڳائڻ جي ضرورت آهي

ماحولياتي خلاف ورزين لاءِ ڇهه سئو کان وڌيڪ ڪارروائيون ڪيون ويون آهن، کاتي ۾ سيڙپ نوڪريون ميرٽ تي ڏنيون ويون آهن. هن وقت اڃا ٻه هڪ جاءِ خالي آهي جيڪا سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي ڀري ويندي

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو/ مجيد عباسي) سنڌ اسيمبلي جو اجلاس اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جي صدارت هيٺ ٿي گذريو سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ اڱاري ڏينهن پرائيويٽ ميمبرن جي ڏينهن جي موقعي تي مخالف ڌر جي ميمبرن پاران پيش ڪيل سڀئي قراردادون رد ڪيون ويون ۽ انهن مان ڪا به منظور نه ٿي سگهي ايم ڪيو ايم ميمبر عامر صديقي پنهنجي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

افغانستان مان دهشتگردي ۽ واپارڪڏ ٽئا هلي سگهن: طارق فضل

سرحدي رستي جي بندش کان پوءِ 1100 کان وڌيڪ پاڪستاني وطن واپس آيا آهن

اڪتوبر 2025ع ۾ مداخلت ۽ پاڪستاني چوڪين تي حملن کان پوءِ سرحد بند ڪئي وئي هئي

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن بابت وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته افغانستان مان دهشتگردي ۽ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ باني کي جيل ۾ دستياب سهولتن جو جائزو وٺڻ لاءِ ايڊووڪيٽ سلمان صفدر فرينڊ آف دي ڪورٽ مقرر

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ تحريڪ انصاف جي باني خلاف توشه خانه فوجداري ڪيس جي ٻڌڻي دوران جيل ۾ سندس موجوده صورتحال ۽ دستياب بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف نئين قائم ٿيل بئنڪ رقامي اسلامڪ بئنڪ جي چيئرمين عبدالله المعياري کي رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ ڏئي رهيو آهي

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف انڊونيشيا جي سيڙپڪاري واري وزير روشن روسلاني سان هٿ ملائي رهيو آهي

پاڪستان ۽ انڊونيشيا ۾ اقتصادي ۽ سيڙپڪاري لاڳاپن کي وڌائڻ تي اتفاق

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ انڊونيشيا جي وزير ۾ وفدن جي سطح تي ڳالهه ٻولهه ٿي

گڏيل سيڙپڪاري پاڪستان - انڊونيشيا حصيداري کي هٿي ڏيڻ لاءِ اهم محرڪ ثابت ٿي سگهي ٿي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار انڊونيشيا جي سيڙپڪاري ۽ ڊائون اسٽريم بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

صدر مملڪت پاران پاڪستاني عورتن جي صلاحيت، عزم ۽ حوصلي کي خراج تحسين پيش

عورتون اسان جي ملڪ جي سماجي ۽ معاشي ڍانچي کي مضبوط بڻائين ٿيون: صدر آصف زرداري

اسان جي يونيورسٽين ۽ اعليٰ تعليمي ادارن ۾ داخلا وٺندڙن ۾ عورتن جو انگ اڌ کان وڌيڪ ٿي چڪو آهي

عورتون مسلم دنيا ۾ سائنسي تعاون، صحت ۾ جدت ۽ موسمياتي مسئلن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت ۾ ڪردار ادا ڪري رهيون آهن

اسان جون ڌيئرون مهارت ۽ بلند حوصلي سان اڳتي وڌي رهيون آهن ۽ علم ۽ تحقيق جي ذريعي پاڪستان جي خدمت لاءِ تيار آهن

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري پاڪستاني عورتن جي صلاحيت، عزم ۽ حوصلي کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته پاڪستاني عورتون ۽ ڇوڪريون سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ جدت جي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نوجوان ڦاهو کائي زندگي جو آٽي ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) زمان ٽائون جي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

غيرقانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ ملوث 2 جوابدار گرفتار

ڪروڙين روپين جي ملڪي ۽ پرڏيهي ڪرنسي هٿ ڪئي وئي: ايف آءِ اي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي تحقيقاتي اداري (ايف آءِ اي) جي ڪمرشل بينڪنگ سرڪل ۽ ڪارپوريٽ ڪرائم سرڪل بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

نيسلي پاڪستان مسلسل ٻيو ڀيرو او آءِ سي سي آءِ ڪلائيميٽ چيمپيئن ايوارڊ کٽي ورتو

وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق مسعود ملڪ نيسلي جي موسمياتي تبديلي، زيرو ڪاربن، بهتر پيدا ٿيندڙ زراعت ۽ ري سائيڪلنگ لاءِ ڪوششن کي ساراهيو

ڪانفرنس ۾ 30 ملڪن جي 200 کان وڌيڪ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي نمائندن، اعليٰ سرڪاري آفيسر ۽ مالي ادارن جي نمائندن شرڪت ڪئي

نيسلي پاڪستان گرين هائوس گيس جي اخراج ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي، شمسي توانائي ۽ ري سائيڪلنگ منصوبن ذريعي ماحولياتي پائيداري لاءِ پرعزم

ڪراچي(پ ر) نيسلي پاڪستان کي چوٿين پاڪستان ڪلائيميٽ ڪانفرنس ۾ موسمياتي تبديلي ۽ زيرو ڪاربن بهتر پيدا ٿيندڙ زراعت ۽ ري سائيڪلنگ تي ٻڌل نظامن کي منهن ڏيڻ ۾ ان جي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ماحوليات وارو وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ نيسلي پاڪستان جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جيسن اواسينا کي ايوارڊ ڏئي رهيو آهي

قومي اسيمبلي اجلاس ۾ صحت واري وزير جي غير موجودگي تي ملڪ ۾ نون پوليو ڪيسن بابت ڏنل ڇڪتاڻ نوٽيس رد

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي اجلاس دوران صحت واري وزير جي غير بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

قومي اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ قومي اسيمبلي طريقيڪار جي قاعدي 2007 جي قاعدن70، 73 ۽ 250 ۾ ترميم منظور ڪري ورتي

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبليءَ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ٿائين عالمي پاڪستان آرمي ٽيم اسپرٽ مقابلا پڄاڻي تي پهتا، تقريب ۾ فيلڊ مارشل به شريڪ

عالمي پاڪستان آرمي ٽيم اسپرٽ مقابلا 9 فيبروري 2026ع تي کاريان ۾ ڪاميابي سان پڄاڻي تي پهتا

5 فيبروري 2026ع کان شروع ٿيل اهي مشقون پنجاب، پاڪستان جي ٽيم جابلو علائقن ۾ منعقد ڪيون ويون

راولپنڊي (اي پي پي) چيف آف ڊفينس فورسز ۽ آرمي چيف، فيلڊ مارشل سيد عاصم منير پاڪ آرمي ٽيم اسپرٽ مقابلن ۾ فوجين ۽ فني ٽيم جي ڪوشش جي تعريف ڪندي روائتي تربيتي طريقن بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد ۾ گورنر سنڌ جي سينيٽر علامه راجا ناصر عباس سان ملاقات

ملاقات ۾ گورنر سنڌ مسجد سانحي جي مذمت ڪندي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو

دهشتگرد ڪڏهن به پنهنجي ناپاڪ ارادن ۾ ڪامياب نه ٿيندا: ڪامران ٽيسوري

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري پارليامينٽ هائوس اسلام آباد ۾ سينيٽ ۾ مخالف ڌر جي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب تقريب ۾ ڳالهائي رهيو آهي

ورلڊ ڊفينس شو 2026ع ۾ پاڪ فضائيه جي، جي ايف-17 بلاڪ ٿري ۽ سپر مشاق جي شرڪت

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪ فضائيه جو جٿو سعودي عرب ۾ منعقد ورلڊ ڊفينس شو 2026ع ۾ شريڪ آهي جتي پي اي ايف جي جديد ترين جي ايف-17 ٿنڊر بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: بينڪ ۽ اي ٽي ايم تان شهرين کي لٽيندڙ گروهه جا ٻه ڦورو گرفتار

ڪيماڙي ۽ ماڙيپور پوليس ٽيڪنيڪل بنيادن تي ڪارروائي ڪري جوابدارن کي هٿ ڪيو

گرفتار جوابدارن وٽان پستول، موٽر سائيڪلون ۽ ڦر ٿيل موبائيل فون برآمد ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بينڪ مان رقم ڪڍي نڪرندڙ شهرين کي لٽيندڙ انتهائي مطلوب ڦورو گروهه کي پوليس گرفتار ڪري بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي گوليمار جي علائقي مان عورت جو تشدد ٿيل لاش هٿ

25ورهين جي ڪنزه علاج دوران فوت، منهن تي زخم ۽ تشدد جا نشان مليا

واقعي بابت مڙس کان بيان ورتا ويا آهن، وڌيڪ جانچ ڪئي پئي وڃي: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) رضويه پوليس ٿاڻي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار پي ٽي آءِ ايم پي اي واجد حسين کان معافي ورتي

پوليس کي ڪنهن به غير قانوني ڪم جي اجازت ناهي، ذميوارن خلاف ڪارروائي ٿيندي: ضياءَ لنجار

ايس ايڇ او ۽ لاڳاپيل عملي کي هٽايو ويو آهي، محمد فاروق جي گرفتاري جي به جاچ ڪئي پئي وڃي

شاهراهه فيصل هڪ اهم هاءِ وي آهي، عدالتن مان حڪم آهن ته روڊ بلاڪ ڪندڙن خلاف دهشتگردي جا ڪيس داخل ڪيا وڃن

ڪراچي (رپورٽ : راهب گاهو/ مجيد عباسي) سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار 8 فيبروري جي احتجاج دوران پوليس جي زيادتي تي پي ٽي آءِ جي ايم پي اي واجد حسين کان معافي ورتي آهي گهرو بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

خيرپور ۾ آپريشن جي دٻاءَ سبب وڌيڪ هڪ ڌاڙيل پاڻ کي پوليس جي حوالي ڪيو

ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل سڪندر علي ناريجو پاڻ سرينڊر ڪري ڇڏيو آهي: پوليس

جوابدار قتل، چوري، ڌاڙا، ڀتو خوري، پوليس مقابلن سميت ٻين ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل هو

خيرپور(عبدالمجيدڀنڀرو) ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ سکر ناصر آفتاب جي حڪم تي ڌاڙيلن خلاف جاري نجات مهراڻ آپريشن بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: همدرد فائونڊيشن جي صدر سعديه راشد نونهال اسيمبلي کي خطاب ڪندي

ٽنڊوآدم ۾ حيسڪو ملازم بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب زخمي، ڪراچي اسپتال منتقل

ٻاءِ پاس لڳ لائين مين شاهد حسين کي 11 هزار وولٽ جي تارن مان ڪرنٽ لڳو

ڪيس تعلقي اسپتال اندر ويو جتان حالت خراب ٿيڻ تي ڪراچي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ٽنڊوآدم (ن ع) حيسڪو سب ڊويزن بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ميهڙ لڳ ڦر واقعي ۾ شهيد ٿيندڙ ٽن پوليس اهلڪارن جي جنازي نماز ادا

جنازي نماز ۾ ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو سميت سياسي سماجي اڳواڻن جي شرڪت

اهلڪارن جا جنازا کڻڻ وقت ماحول سوڳوارو ٿي ويو، سيڪيورٽي جا انتظام پڻ سخت ڪيا ويا

شهيد اهلڪار عرفان چانڊيو، حفيظ مهيسر ۽ امام الدين کوسو جي سرڪاري اعزاز سان تدفين

ميهڙ (ن ع) فريدآباد قاضي عارف روڊ تي ڦر واقعي ۾ شهيد ٿي ويل 3 پوليس اهلڪارن جي جنازي نماز ميهڙ عيدگاهه ۾ ادا ڪئي وئي، شهيد پوليس اهلڪارن عرفان چانڊيو حفيظ مهيسر امام الدين بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ميهڙ: شهيد ٿيل پوليس اهلڪارن جي جنازي نماز ۾ ڊي آءِ جي ۽ ٻيا عملدار شريڪ آهن

ڪراچي لڳ جهيڙي دوران 55 سالن جو همراهه قتل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قائد آباد ٿاڻي جي حد مجيد ڪالوني جي علائقي اسپتال بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

گورنر سنڌ جو دادو ۾ ٽن اهلڪارن جي شهادت تي عقيدت جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ ڪامران بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 — طارق فضل

واپار گذ تعا هلي سگهن. افغانستان سان سرحدي رستي جي بندش کان پوءِ 1100 کان وڌيڪ پاڪستاني وطن واپس آيا آهن افغانستان سان هوائي رستي اچ وڃ جاري آهي. گذريل ڏينهن قومي اسيمبلي ۾ پاڪ افغان سرحد جي بندش بابت شاگردن کي پيش ايندڙ مشڪلاتن جي حوالي سان ڌيان ڇڪايو نوٽيس جي جواب ۾ ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري ايوان کي ٻڌايو ته هن وقت 947 پاڪستاني شاگرد افغانستان ۾ موجود آهن ۽ اسان جو سفارتخانو انهن سان رابطي ۾ آهي. انجم عقيل جي سوال جي جواب ۾ هن ٻڌايو ته افغانستان ۾ تعليم پرائيندڙ شاگردن جو ڪل انگ 2050 آهي. انهن مان گهڻا ڪابل ۽ جلال آباد ۾ ميڊيڪل جي شعبي ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن سرحدن جي بندش کان اهي روڊ رستي ايندا ويندا هئا. آڪٽوبر 2025ع ۾ مداخلت ۽ پاڪستاني چوڪين تي حملن کان پوءِ سرحد بند ڪئي وئي هئي ان کان پوءِ پاڪستان جوابي ڪارروائي ڪئي ڳالهيون به ٿيون جڏهن ته طالبان حڪومت اها خاطري ڪرائڻ لاءِ تيار نه هئي ته پنهنجي سرحد تان مداخلت روڪيندي هن ٻڌايو ته 1100 پاڪستاني شاگرد هوائي رستي واپس آيا آهن باقي پنهنجي تعليم جاري رکن پيا. ٻنهي ملڪن وچ ۾ فضائي رستي اچ وڃ جاري آهي.

بقايا 2 — منظوري

جي استعمال ۾ تبديلي انڊس ڊيلٽا ۾ محفوظ ٻيلن جي ايراضي ۾ واڌ، پوليس حد بندين جي نئين سر ترتيب، لاڙڪاڻي ۾ وڏي فروٽ ۽ سبزي منڊي جي قيام ۽ خاص عدالتي مقررين جي توثيق جي منظوري ڏني وئي. اوورسيز پاڪستانين لاءِ ڊجيٽل پراپرٽي رجسٽريشن، اوورسيز پاڪستانين کي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ بورڊ آف ريونيو سنڌ جي وڏي وزير جي هدايتن تي سنڌ رجسٽريشن (ترميمي) بل 2025 ڪابينا اڳيان پيش ڪيو. تجويز ڪيل ترميم تحت پاڪستاني سفارت خانن ۽ مشنز ۾ آن لائن سيل ڊيڊ جاري ڪرڻ جي ڊائري کي وڌايو ويندو. سنڌ رجسٽريشن ايڪٽ 1908 جي سيڪشن 38 ۾ ترميم بعد اوورسيز پاڪستانين کي رجسٽريشن آفيسن ۾ ذاتي حاضري کان ڇوٽ حاصل ٿيندي. توثيق جو عمل نادرا سان ڳنڍيل اي-رجسٽريشن سسٽم ذريعي ڪيو ويندو جنهن تحت آڱرين جا نشان ۽ چهري جي سڃاڻپ جي سهولت ڪنهن به سب رجسٽرار آفيس يا پيپلز سروس سينٽر ۾ دائري اختيار جي پابندي کان سواءِ دستياب هوندي. ڪابينا صوبائي اي-اسٽيمپنگ سسٽم کي پنجاب انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ (PITB) کان سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي ڪمپني (SITC) ڏانهن منتقل ڪرڻ جي منظوري ڏني. SITC سان پنجن سالن جو ماسٽر سروس ايگريمينٽ تجويز ڪيو ويو جنهن تحت ماهوار سروس چارجز 70 لک رپيا هوندا ۽ هر سال 10 سيڪڙو واڌ ٿيندي. مستقبل ۾ SITC طرفان موبائل ايپ، پيپر ليس اسٽيمپ ڊيوٽي، قومي سڃاڻپ ڪارڊ (CNIC) سان لنڪنگ ۽ ٽو فيڪٽر آٿنٽيڪيشن جهڙيون اپ گريڊيشنون شامل ڪيون وينديون. هي سسٽم ڊي ايڇ اي، سي ڊي سي ۽ انشورنس ڪمپنين سميت وڏن ادارن سان ڳنڍيو ويندو ته جيئن صوبائي آمدني حاصل ڪرڻ جو عمل وڌيڪ مؤثر بڻائي سگهجي. ٽريفڪ چيڪوڪين جي چالانن (اي-ٽڪيٽن) جي تيز تر فيصلي لاءِ ڪابينا صوبي ۾ ڪنزيومر ڪورٽن کي ٽريفڪ ڪورٽس قرار ڏيڻ جي منظوري ڏني. سنڌ هاءِ ڪورٽ سان مشاورت بعد هر ضلعي ۾ موجود ڪنزيومر ڪورٽن کي ٽريفڪ ڪيسن جا اختيار ڏنا ويندا جنهن سان نيون عدالتي عمارتون تعمير ڪرڻ کان سواءِ ٽريفڪ ڪيسن جا تڪڙا ۽ اثرائتا فيصلا ممڪن ٿي سگهندا. انفراسٽرڪچر سيس تڪرار بابت ڊگهي عرصي کان هلندڙ قانوني تڪرار جي حل لاءِ ڪابينا سنڌ ڊولپمينٽ اينڊ مينٽيننس آف انفراسٽرڪچر سيس بابت جامع فيصلي واري تجويز تي غور ڪيو. وڏي وزير ٻڌايو ته هن تجويز تحت لڳ ڀڳ 342 ارب رپيا جيڪي هن وقت 635 عدالتي ڪيسن ۾ بينڪ گارنٽين جي صورت ۾ ڦاٿل آهن. انهن جو حل ڪڍيو ويندو. تجويز مطابق درخواست گذار پنهنجي مجيل رقمن جو 15 سيڪڙو ٽن مرحلن ۾ ادا ڪندا (جولاءِ 2026، آڪٽوبر 2026 ۽ جولاءِ 2027)، جڏهن ته باقي رقم 12 برابر سالياني قسطن ۾ ادا ڪئي ويندي. ڪابينا انهن نان پليئنٽس لاءِ به ٽيڪس ريٽ 0.8 سيڪڙو تائين گهٽائڻ تي غور ڪيو جيڪي قانوني پابندي ڪن ٿا يا 30 مارچ 2026 کان اڳ پنهنجي مڪمل واجب الادا رقم ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهن. هي شرح ٽن سالن بعد 0.85 سيڪڙو ٿي ويندي. ڪابينا واپار کي هٿي ڏيڻ لاءِ ري ايڪسپورٽس تي مڪمل ڇوٽ ڏيڻ جي تجويز جي منظوري ڏني ان کي صوبائي اسيمبلي ڏانهن موڪلي ڇڏيو. ڪابينا ڪراچي بس ريپڊ ٽرانزٽ (بي آر ٽي) ريڊ لائين لاءِ زمين جي استعمال ۾ اهم تبديلي تي غور ڪيو. ڪابينا کان اڳوڻي علاءِالدين پارڪ (باغ ڪراچي) جي 18 ايڪڙ زمين کي سطح زمين تي بس ڊيپو طور استعمال ڪرڻ جي منظوري طلب ڪئي وئي. زير زمين ڊيپو بدران سطح زمين تي ڊيپو قائم ڪرڻ سان منصوبي ۾ لڳ ڀڳ 4 ارب رپين جي بچت ۽ تعميراتي مدي ۾ نمايان گهٽتائي متوقع آهي. وڏي وزير سينيئر ٽرانسپورٽ وزير مڪاني حڪومت جي وزير ۽ ميئر ڪراچي کي هدايت ڪئي ته هو شهر جي مفاد ۾ گڏجي ويهي هن معاملي تي فيصلو ڪن. اجلاس ۾ منصوبي جي ڪوريڊور روڊ جي ڪم جو به جائزو ورتو ويو جنهن ۾ ٻڌايو ويو ته ڪي اليڪٽرڪ فيبروري 2026 جي آخر تائين سب يوٽيلٽي شفٽنگ مڪمل ڪندي جڏهن ته موسميات فلائي اوور ۽ نمائش انڊر پاس جهڙا اهم حصا مارچ 2026 تائين مڪمل ڪرڻ جو هدف رکيو ويو آهي. انڊس ڊيلٽا جي گرين شيلڊ ۾ واڌ ماحولياتي تبديلي سان مقابلي ۽ عالمي ماحولياتي ذميوارين جي پوري ڪرڻ لاءِ ڪابينا ضلعي سجاول ۾ 163902 هيڪٽر (405002 ايڪڙ) انٽرٽائيڊل زمين کي محفوظ ٻيلو قرار ڏيڻ جي منظوري ڏني. وڏي وزير چيو ته اهي علائقا سامونڊي طوفانن ۽ تيز لهرن خلاف قدرتي حفاظتي ديوار طور ڪم ڪن ٿا ۽ هتي "بلو ڪاربان" ذخيرو ڪرڻ جي صلاحيت ايرنڊڙ ٻيلن جي ڀيٽ ۾ ڪي کان پنج ڀيرا وڌيڪ آهي. ڏوهن جي وڌندڙ شرح ۽ آبادي ۾ تبديلي کي نظر ۾ رکندي ڪابينا ميرپورخاص ۾ واقع گهوڙو شريف پوليس چوڪي کي مڪمل پوليس ٿاڻي جو درجو ڏنو. هي فيصلو ڦلهڏيون پوليس ٿاڻي کان 22 ڪلوميٽر پري هجڻ ۽ علائقي ۾ وڌندڙ آبادي سبب ڪيو ويو. ان جي ابتڙ پوليس ٿاڻو ملاڪ کي پوليس چوڪي ۾ تبديل ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي، جيڪو هاڻي پوليس ٿاڻو ڪوراڻي (سب ڊويزن مورو، نوشهرو فيروز) جي انتظامي ڪنٽرول هيٺ ڪم ڪندو. صالح پور ڪچو ۽ ملڪاڻي سميت پنج ديهون پوليس ٿاڻو ڪوراڻي جي دائري اختيار ۾ منتقل ڪيون وينديون ته جيئن وسيلن جو مؤثر استعمال ٿي سگهي. سنڌ حڪومت زرعي واپار کي هٿي ڏيڻ ۽ مارڪيٽنگ سهولتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ لاڙڪاڻي ۾ فروٽ ۽ سبزي منڊي (منڊي) جي قيام جي منظوري ڏني جنهن تي اندازاً 4.8 ارب رپيا خرچ ايندو. ڪابينا سنڌ جي وڏي وزير طرفان اڳ ۾ منظور ڪيل سمري کان پوءِ ٻن سينيئر ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ججن جي خاص (ايڪس ڪيڊر) مقررين جي باضابطہ توثيق ڪئي. جسٽس (ر) نوشاد علي مغل کي حيدرآباد ۾ اينٽي انڪروچمينٽ ٽريبونل جو پريزائيڊنگ آفيسر مقرر ڪيو ويو جڏهن ته جسٽس (ر) رحمت الله مورو کي سنڌ ريونيو بورڊ جي اپيليٽ ٽريبونل جو جوڊيشل ميمبر مقرر ڪيو ويو.

بقايا 3 — اتفاق

اسٽيڪ هولڊرن سان ملاقات خوشگوار رهي ذريعن موجب سهيل آفريدي ڪابينا سميت 3 ڪلاڪن تائين ڪور هيڊ ڪوارٽر ۾ رهيو هن سانجهاندو به ڪور هيڊ ڪوارٽر ۾ ڪيو امن امان بابت اجلاس ۾ سالا ڪنڊ ڊويزن ۾ صوبائي حڪومت جي قاعدن ۽ ضابطن کي ساڌل طور لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ذريعن موجب اجلاس ۾ صوبي ۾ مستقل طور امن امان جي قيام لاءِ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ۽ قبيلائي ضلعن جي بهتري لاءِ اجتماعي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ويو.

بقايا 4 — جائزو ورتو

سنڌ جي آمد تي پوليس جو چاق و چوبند دستو گارڊ آف آنر پيش ڪيو ايڊيشنل آئي جي سي ٽي ڊي ۽ ڊي آئي جي سي ٽي ڊي پاران آئي جي سنڌ جو استقبال ڪيو ويو آئي جي سنڌ سي ٽي ڊي جي مختلف شعبن سميت فيوزن سينٽر جو پڻ دورو ڪيو ۽ آفيسرن ۽ اسٽاف سان ملاقات ڪندي انهن جي فرائض جي انجامدهي ۽ پيشه ورانہ معاملن تي تفصيلي تبادلو خيال ڪيو ڊي آئي جي سي ٽي ڊي آئي جي سنڌ کي محڪمي جي مجموعي ڪارڪردگي، وسيلن ٽيڪنيڪل اوزارن ۽ ٻين معاملن تي بريفنگ ڏني انهي سان گڏ سي ٽي ڊي جي دهشتگردي ۽ سنگين جرمن جي روڪٿام ۾ ڪردار بابت جامع معلومات پڻ ڏني وئي آءِ جي سنڌ سي ٽي ڊي جي شعبن جي مجموعي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ۽ وڌيڪ ضروري هدايتون جاري ڪيون جاويد عالم اوڍهو سي ٽي ڊي جي دهشتگردي خلاف ڪوشش کي ساراهيو ۽ مؤثر ۽ مربوط حڪمت عملي تي زور ڏنو.

بقايا 5 — منتقل

ڪرب هڪ ارب 44 ڪروڙ 10 لک رپيا، خيبر پختونخوا کي 5 ڪرب 86 ارب 5 ڪروڙ 60 لک رپيا ۽ بلوچستان کي 3 ڪرب 32 ارب 37 ڪروڙ 50 لک رپين جا فنڊز منتقل ڪيا ويا آهن موجوده مالي سال جي پهرين ٽه ماهي ۾ اين ايف سي تحت پنجاب کي 8 ڪرب 82 ارب 32 ڪروڙ 60 لک رپيا، سنڌ کي 4 ڪرب 41 ارب 55 ڪروڙ 60 لک رپيا، خيبر پختونخوا کي 2 ڪرب 87 ارب 14 ڪروڙ 70 لک رپيا ۽ بلوچستان کي هڪ ڪرب 64 ارب 25 ڪروڙ 80 لک رپين جا فنڊز منتقل ڪيا ويا هئا. واضح رهي ته گذريل مالي سال دوران اين ايف سي تحت پنجاب کي 33 ڪرب 26 ارب 83 ڪروڙ 70 لک رپيا، سنڌ کي 17 ڪرب 4 ارب 34 ڪروڙ 90 لک رپيا، خيبر پختونخوا کي 11 ڪرب 2 ارب 85 ڪروڙ 40 لک رپيا ۽ بلوچستان کي 7 ڪرب 19 ارب 97 ڪروڙ 60 لک رپين جا فنڊز جاري ڪيا ويا هئا.

بقايا 6 — اڳڀرائي

ڪندي انهن کي منظوري لاءِ اعليٰ اختيارين ڏانهن موڪلڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي هن فيصلي تحت گريڊ 21 تائين ترقيءَ جا موقعا وڌائڻ، پروموشن جي تناسب ۾ تبديلي ۽ ڪارڪردگي توڙي تجربي کي ترقيءَ جو بنيادي معيار بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ سيڪريٽري ڪالج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ سنڌ نديم الرحمان ميمڻ جي صدارت هيٺ ڪالج استادن جي ترقين لاءِ تجويز ڪيل 5 ٽيئر پروموشن فارمولي جو هڪ اهم جائزو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڊائريڪٽر جنرل ڪالجز سنڌ، سروسز کاتي، جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ۽ ناڻي کاتي جي نمائندن سميت تعليمي ماهرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سنڌ پروفيسرز اينڊ ليڪچررز ايسوسيئيشن (سپلا) جي مطالبي ۽ ٻين صوبن خاص طور تي خيبرپختونخواهه ۾ لاڳو 5 ٽيئر ماڊل جو تفصيلي تقابلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ڪميٽي کي بريفنگ ڏني وئي ته موجوده 4 ٽيئر ڍانچي ۾ ترميم وقت جي ضرورت آهي ۽ گريڊ 21 تائين ترقيءَ جا موقعا استادن جي پيشي ورانہ حوصلي افزائيءَ لاءِ انتهائي اهم آهن سيڪريٽري ڪالج ايجوڪيشن نديم الرحمان ميمڻ چيو ته ڪارڪردگي ۽ تجربي جي بنياد تي ترقي حاصل ڪرڻ هر آفيسر جو حق آهي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته 5 ٽيئر فارمولي تحت گريڊ 21 جي سيٽن ۾ اضافو ڪيو ويندو جڏهن ته پروموشن جي تناسب ۾ پڻ رد و بدل ڪيو ويندو ڪميٽي ڪارڪردگي، تجربي ۽ پيشي ورانہ قابليت کي بنياد بڻائي ترقي ڏيڻ جي اصول جي توثيق ڪئي ۽ گريڊ 21 کي هڪ اعليٰ اعزازي سطح طور متعارف ڪرائڻ جون تجويزون پڻ غور هيٺ آيون ناڻي کاتي جي مالي راءِ ۽ انتظامي پهلوئن کي نظر ۾ رکندي، ڪميٽي گڏيل طور تي 5 ٽيئر فارمولي بابت سفارشون تيار ڪري منظوري لاءِ اعليٰ اختيارين کي موڪلڻ جو فيصلو ڪيو آهي اجلاس ۾ ان ڳالهه تي به غور ڪيو ويو ته نئين ڍانچي سان استادن جي حوصلي افزائي ٿيندي، اداري جي ڪارڪردگي وڌندي ۽ تعليمي معيار ۾ بهتري ايندي سيڪريٽري ڪالج ايجوڪيشن نديم ميمڻ وڌيڪ چيو ته جيڪو بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندو اهو ئي ترقيءَ جو حقدار هوندو غير تسلي بخش ڪارڪردگي برداشت نه ڪئي ويندي تعليم هر شهريءَ جو بنيادي حق آهي ۽ هر شخص لاءِ تعليم جو حصول حڪومت جي ذميواري آهي اجلاس جي پڄاڻي ۾ ڪميٽي سفارشن کي باضابطہ طور تي منظور ڪندي انهن کي ايندڙ ڪارروائيءَ لاءِ حڪومت ڏانهن موڪلڻ جي توثيق ڪري ڇڏي

بقايا 7 — [illegible]

هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو اهڙن خيالن جو اظهار هن نيشنل جوڊيشل اينالٽڪس ڊيش بورڊ جي افتتاحي تقريب کي خطاب دوران ڪيو سپريم ڪورٽ جي سڌ سماءَ واري شعبي مان جاري پڌرائيءَ موجب پاڪستان ۾ عدالتي سڌارن جي سفر ۾ هڪ اهم سنگ ميل طور تي نيشنل جوڊيشل اينالٽڪس ڊيش بورڊ باضابطہ جاري ڪيو ويو آهي جنهن کي نيشنل جوڊيشل پاليسي ميڪنگ ڪميٽي (اين جي پي ايم سي) جي ڊگهي عرصي کان غور هيٺ اداره جاتي ويزن جي عملي تعبير قرار ڏنو پيو وڃي اهو ڊيش بورڊ لا اينڊ جسٽس ڪميشن آف پاڪستان نيشنل انفارميشن ٽيڪنالاجي بورڊ (اين آءِ ٽي بي) جي فني سهڪار سان تيار ڪيو ويو آهي جنهن ۾ سپريم ڪورٽ، فيڊرل شريعت ڪورٽ ۽ سڀني ملڪ جي هاءِ ڪورٽس جي آءِ ٽي ڊائريڪٽريٽس ويجهو سهڪار ڪيو آهي ان پليٽ فارم جو مقصد عدالتي ڊيٽا کي هڪ مربوط ۽ ريئل ٽائيم اينالٽڪس نظام ۾ گڏائڻ آهي ته جيئن شاهدين تي ٻڌل فيصلي سازي، اداره جاتي شفافيت ۽ ڪارڪردگي تي ٻڌل گورننس کي هٿي ڏئي سگهجي. تقريب ۾ چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي، نيشنل جوڊيشل آٽوميشن ڪميٽيءَ جي چيئرمين جسٽس محمد علي مظهر سپريم ڪورٽ ۽ فيڊرل آئيني عدالت جي معزز ججن سڀني ملڪ جي هاءِ ڪورٽس جي چيف جسٽس رجسٽرارن پاڪستان بار ڪائونسل جي نمائندن آءِ ٽي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وزارت جي سيڪريٽري، اين آءِ ٽي بي جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ۽ سينيئر عدالتي ۽ فني عملدارن شرڪت ڪئي جسٽس محمدعلي مظهر پنهنجي خطاب ۾ منصوبي جي تياريءَ جي مرحلي ۽ نمايان خصوصيتن تي روشني وجهندي ٻڌايو ته هي ڊيش بورڊ عدالتي ڊيٽا کي هڪ جامع ۽ مربوط نظام ۾ سمائي فيصلہ سازي، اسٽريٽجڪ منصوبا بندي ۽ اداره جاتي احتساب کي اثرائتو بڻائيندو آءِ ٽي واري وزارت جي سيڪريٽري ان موقعي تي بين الادارہ جاتي سهڪار جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته حڪومت عدالتي نظام سميت سمورن سرڪاري ادارن ۾ ٽيڪنالاجي جي اثرائتي استعمال لاءِ پرعزم آهي. بعد ۾ چيف جسٽس نيشنل جوڊيشل اينالٽڪس ڊيش بورڊ جو باضابطہ افتتاح ڪيو جنهن کان پوءِ شرڪت ڪندڙن کي سڌيءَ ريت عملي مظاهري ذريعي ڊيش بورڊ جي تجزياتي صلاحيتن، ريئل ٽائيم مانيٽرنگ سسٽم ۽ نظر ايندڙ ڊيٽا آرڪيٽيڪچر کان آگاهه ڪيو ويو چيف جسٽس پنهنجي خطاب ۾ ڊيش بورڊ کي عدالتي نظام لاءِ هڪ اثرائتو گورننس ٽول قرار ڏيندي چيو ته هي نظام شفافيت اڳتي سوچ رکندڙ ۽ ڪارڪردگي جي نگراني کي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ڏيندو هن لا اينڊ جسٽس ڪميشن آف پاڪستان اين آءِ ٽي بي ۽ عدالتي آءِ ٽي ٽيمن جي ڪاوشن کي ساراهيو جنهن عدالتي سڌارن جي پراڻي تصور کي عملي شڪل ڏني تقريب جي پڄاڻيءَ تي نيشنل جوڊيشل آٽوميشن ڪميٽي ۽ منصوبي جي سرگرم ترقياتي ٽيمن جي ميمبرن ۾ يادگاري شيلڊز ورهايون ويون نيشنل جوڊيشل اينالٽڪس ڊيش بورڊ جي جاري ٿيڻ کي عدالتي نظام ۾ ڊيٽا تي ٻڌل گورننس طرف هڪ وڏو قدم قرار ڏنو پيو وڃي، جيڪو عدليه جي نظام جي جديد ڪاري، اثرائتي پاليسي سازي ۽ عوام دوست انصاف جي فراهمي جي عزم جي عڪاسي آهي.

بقايا 8 — خواجا آصف

شڪ ناهي ته ڪٿي نه ڪٿي سيڪيورٽي بريچ ٿيندي آهي اسان کي سيڪيورٽي وڌيڪ سخت ڪرڻ جي ضرورت آهي بچاءَ واري وزير جو چوڻ هو ته اسان جي فوج، پوليس ۽ قوم دهشتگردن خلاف بهادري سان وڙهي رهي آهي يقين آهي ته اسان دهشتگردن کي شڪست ڏينداسين ۽ سمورين ڏکيائين تي ضرور ضابطو آڻينداسين

بقايا 9 — فوت

مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ روڊ حادثن ۾ مزدور سميت 2 ڄڻا فوت ٿي ويا. شاهراهِ فيصل تي پي اين ايس جوهر جي ويجهو زيرِ تعمير عمارت ۾ ڪم ڪرڻ جي دوران بلنديءَ تان ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ مزدور مظهر علي پٽ مشتاق علي فوت ٿي ويو بلديا جي علائقي يوسف ڳوٺ ڪٽ جي ويجهو روڊ حادثي ۾ نامعلوم شخص فوت ٿي ويو

بقايا 10 — گرفتار

مدرسي ۾ موجود حافظ ولي الله سومرو کان عورتن کي گرفتار ڪري ويا جڏهن ته صبح چار بجي ڌاري بلوڙي پوليس جي پندرهن موبائلن ۾ سوار اهلڪارن جو جنهاڻ سومرو ۾ مرحوم عبدالسلام سومري جي گهر تي ڇاپو ڪا به گرفتاري نه ٿي سگهي پوليس ورڪ جنهاڻ لڳ ڳوٺ صديق مگسي تي ڇاپو ڏيئي ٻارهين ڪلاس جي شاگرد ارشاد مگسي کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته پوليس ان کان پهرين شاه لطيف جي پارڪو عبدالشڪور سومري کان علاوه عبدالمجيد سومرو کي به گرفتار ڪري ورتو

بقايا 11 — ضياءَ لنجار

جي موجوده طريقيڪار کي وڌيڪ شفاف، مؤثر ۽ جوابده بڻائڻ لاءِ مختلف تجويزن ۽ قدمن تي غور ڪيو ويو. اجلاس کي خطاب ڪندي چيئرمين SPPRA بورڊ ضياءَ الحسن لنجار چيو ته شفاف، مؤثر ۽ جوابده پروڪيورمينٽ سسٽم ئي سٺي حڪمراني (گڊ گورننس) جو بنياد آهي. جڏهن ته پروڪيورمينٽ جا سڀئي مرحلا قانون ۽ قاعدن موجب هلائڻ حڪومت سنڌ جي اولين ترجيح آهي. هن واضح ڪيو ته اي-پروڪيورمينٽ ۽ ڊجيٽل سڌارن وسيلي نه رڳو بدعنواني جا امڪان گهٽ ٿيندا، پر نظام ۾ شفافيت ۽ اعتماد ۾ به نمايان واڌارو ٿيندو. چيئرمين SPPRA بورڊ ضياءَ الحسن لنجار ان ڳالهه تي زور ڏنو ته سرڪاري وسيلن جو صحيح، بروقت ۽ ذميوارانہ استعمال لازمي آهي ۽ پروڪيورمينٽ قانونن تي عملدرآمد ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. هن وڌيڪ چيو ته SPPRA جو مضبوط ۽ فعال ڪردار عوامي اعتماد ۽ مالي نظم و ضبط جي قيام لاءِ انتهائي اهم حيثيت رکي ٿو. اجلاس ۾ پاليسي سازي، ڪاتيدار هم آهنگي ۽ سڀني لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز جي مؤثر شموليت کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ تي اتفاق ڪيو ويو. سيپرا بورڊ جي 46هين اجلاس ۾ هيٺيان اهم فيصلا ڪيا ويا: اي-پيڪ ايڪويزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) جي فوري لاڳو ڪيو وڃي ته جيئن سرڪاري خريداري جي عمل ۾ مڪمل شفافيت يقيني بڻائي سگهجي. پروڪيورنگ ايجنسين ۽ بولي لڳائيندڙن کي پيش ايندڙ روزمره مسئلن جي حل لاءِ خصوصي "EPADS هيلپ ڊيسڪ" قائم ڪرڻ جي هدايت. مالي سال 2025-26 لاءِ SPPRA جي سالياني بجيٽ جي باقاعده منظوري. عوامي اثاثن جي نيڪالي (Disposal of Public Assets) بابت تجويز ڪيل قاعدن (Rules) جي منظوري. قانوني معاملن ۾ مؤثر مدد لاءِ ماهر ليگل ڪائونسل (Legal Counsel) جون خدمتون حاصل ڪرڻ جو فيصلو. پروڪيورنگ ايجنسين ۽ بولي لڳائيندڙن جي پيشيوارانہ تربيت ۽ صلاحيت وڌائڻ تي خاص ڌيان ڏيڻ جي هدايت. مؤثر نگراني، شفاف عملدرآمد ۽ بروقت فيصلن کي يقيني بڻائڻ لاءِ SPPRA بورڊ جا اجلاس ٽه ماهي بنيادن تي منعقد ڪرڻ جو فيصلو. اجلاس جي پڄاڻي تي ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو ته سنڌ ۾ سرڪاري پروڪيورمينٽ نظام کي جديد گهرجن سان هم آهنگ، شفاف ۽ عوام دوست بڻائڻ لاءِ سڌارا جاري رکيا ويندا. اجلاس ۾ ميمبر صوبائي اسيمبلي سول سوسائٽي جي نمائندن سميت اهم شخصيتن شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن ۾ سرڪاري عملدار ۽ سيڪريٽرين وائيس چيئرمين SPPRA بورڊ، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ سنڌ، سيڪريٽري (GA)، ايس جي اي اينڊ سي ڊي، سيڪريٽري خزانو کاتو سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز کاتو سيڪريٽري قانون کاتو سيڪريٽري آبپاشي کاتو سيڪريٽري سائنس اينڊ انفارميشن ٽيڪنالاجي کاتو چونڊيل نمائندا ۽ پروفيشنل ميمبر ارباب لطف الله (ميمبر صوبائي اسيمبلي سنڌ)، سيما خرم (ميمبر صوبائي اسيمبلي سنڌ)، ڪاشف علي ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل پاڪستان جو نمائندو، صدر ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز عبدالسميع کيهي مينيجمينٽ ۽ مالي شعبي جو ماهر پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي اسماعيل آئي ٽي شعبي جو ماهر ناظم آيف حاجي سول سوسائٽي جو نمائندو انجنيئر عارف عثماني ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) پاران نامزد نمائندو شامل هئا.

بقايا 12 — ڌرڻو

نوجوان سيف الله گدي جو لاش ڪراچي سان کڻي اچي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون رکي ڌرڻو هنيو ان موقعي تي مقتول جي پيءُ مزمل الزام هڻندي چيو ته 15ڏينهن اڳ جوابدار شايان ۽ ٻين فائرنگ ڪري زخمي ڪيو هو جنهن کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ڪراچي جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو جتي هو سومر جي صبح فوت ٿي ويو. هن چيو ته پوليس منهنجي پٽ جي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار نٿي ڪري. هن مطالبو ڪيو ته پٽ سيف الله جي قتل ڪيس ۾ ڪهڙيل جوابدار گرفتار ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 13 — زخمي

طور واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي ويجهي نوري آباد ٽراما سينٽر منتقل ڪيو جتي کين طبي امداد ڏني وئي پوليس موجب حادثي بعد روڊ تان گاڏيون هٽائي ٽريفڪ بحال ڪئي وئي

بقايا 14 — ڪهرام

فوت ٿي وئي جنهن بعد يونيورسٽي ٿاڻي جي پوليس ۽ وڏو منشي ياسين زهراڻي نينگر جي مڙهه کي پوسٽ مارٽم لاءِ ڊاڪٽري ڪٺائي ويا، هوڏانهن قانوني ڪارروائي بعد نينگر جو مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو آهي. هوڏانهن فوتي نينگر جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ سندس جي وارثن عورتن کي بيهوشي جا دورا پئجي رهيا هئا جنهن بعد نينگر جي مڙهه کي آبائي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو ۽ تڏي تي سندس جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي هوڏانهن يونيورسٽي ٿاڻي جي پوليس واقعي ۾ ملوث ٽريڪٽر ڊرائيور ۽ ڪمپنيءَ مالڪ حبيب الله پٺاڻ کي گرفتار ڪري ورتو آهي ۽ وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. هوڏانهن ذريعن وٽان معلوم ٿيو آهي ته ڪمپني مالڪ ۽ فوتي نينگر جي وارثن ۾ پوليس راضپو ڪرائڻ لاءِ سرگرم آهي.

بقايا 15 — پابندي

سمورن ڪاليجن ۾ اهڙي عمل تي مڪمل پابندي لاڳو ڪري ڇڏي آهي. ڊائريڪٽوريٽ آف ڪاليج ايجوڪيشن ڪراچي ريجن جي ڊائريڪٽر پروفيسر قاضي ارشد حسين صديقي طرفان جاري ڪيل هدايت موجب فيس بڪ، واٽس ايپ سميت ٻين ڊجيٽل پليٽ فارمز تي بغير اجازت تصويرون شيئر ڪرڻ قابل سزا ڏوهه قرار ڏنو ويندو. سرڪاري ڪاليجن جي پرنسپلز ڏانهن جاري ڪيل مراسلي ۾ چتايو ويو آهي ته خصوصي سيڪريٽري، ڪاليج ايجوڪيشن کاتي کي ڪجهه عورتن ڪاليجن ۾ پيش آيل واقعن کي انتهائي سنجيدگي سان ورتو آهي، جتي عورت استادن ۽ شاگردياڻين جون تصويرون سندن رضامندي کانسواءِ ناهي سوشل ميڊيا تي وائرل ڪيون ويون. مراسلي ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته اهڙيون سرگرميون لاڳو قانونن جي ڪليل ڀڃڪڙي آهن ۽ سماجي توڙي مذهبي قدرن جي به ابتڙ آهن. هدايت موجب صوبي جي سمورن سرڪاري گرلز ڪاليجن ۾ بغير اجازت فوٽوگرافي تي مڪمل پابندي هوندي ۽ ڪنهن به خلاف ورزي جي صورت ۾ ذميوار ماڻهن خلاف نه رڳو کاتي سطح تي ڪارروائي ڪئي ويندي پر لاڳاپيل قانونن تحت قانوني ڪارروائي پڻ عمل ۾ آندي ويندي. سنڌ جي ڪاليج ايجوڪيشن کاتي سڀني پرنسپلز کي هدايت ڪئي آهي ته جاري ڪيل ايڊوائزري تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. مراسلي ۾ خبردار ڪيو ويو آهي ته حڪمن جي ڀڃڪڙي جي صورت ۾ لاڳاپيل پرنسپل ۽ عملو ذميوار قرار ڏنا ويندا ۽ انهن خلاف تاديبي ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 16 — حليم عادل شيخ

ٻين اڳواڻن سان گڏ سنڌ هاءِ ڪورٽ پهتي جڏهن ته پي ٽي آءِ جي اڳواڻن عهديدارن، ڪارڪنن ۽ وڪيلن جو وڏو انگ به عدالت ۾ موجود هو عدالت پهچڻ تي ميڊيا سان ڳالهائيندي حليم عادل شيخ چيو ته ڪنهن به ايم پي اي جا ڪيڙا ناهن لاٿا ويا، پر بدبودار نظام جا ڪيڙا لاٿا ويا آهن هن چيو ته سڄي سنڌ ۾ 400 کان وڌيڪ پي ٽي آءِ ڪارڪن جيلن ۾ بند آهن جڏهن ته 100 کان وڌيڪ ماڻهن کي غيرقانوني طور ٿاڻن ۾ قيد ڪيو ويو آهي. حليم عادل شيخ چيو ته ڪورنگي ۾ ٿري ايم پي او تحت پيش آيل واقعو انتهائي شرمناڪ آهي. هن الزام هنيو ته ڪورنگي ۾ هڪ ڪرمنل ايس ايس پي مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪو عزيز بلوچ جي جي آءِ ٽي ۾ به ڪرمنل ثابت ٿي چڪو آهي هن وڌيڪ چيو ته پي ٽي آءِ ڪراچي جي صدر راجا اظهر ۽ اڳواڻ فهيم خان کي غيرقانوني طور گرفتار ڪيو ويو پي ٽي آءِ سنڌ جي صدر جو چوڻ هو ته پرامن شٽر ڊائون تي گرفتارين جو ڪو به جواز نٿو بڻجي، نه ڪو ڳملا ٽٽو ۽ نه ئي ڪنهن به قسم جو نقصان ٿيو هن چيو ته 8 فيبروري 2024 وانگر 2026 ۾ به عوام گهرن ۾ رهي تاريخي احتجاج ڪيو هن ٿري ايم پي او جي استعمال کي آئين جي ڪليل ڀڃڪڙي قرار ڏيندي سوال ڪيو ته جيڪڏهن پيپلز پارٽي پاڻ کي جمهوريت جي دعويدار سمجهي ٿي ته پوءِ اهڙيون ڪارروائيون ڇو ڪيون پيون وڃن؟ حليم عادل شيخ بلاول ڀٽو زرداري کان به سوال ڪندي چيو ته ڇا هي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي پارٽي آهي؟ ان موقعي تي پي ٽي آءِ جي وڪيل بيرسٽر علي طاهر چيو ته ايم پي او غير آئيني بدنيتي تي ٻڌل آهي هن چيو ته پريوينٽو ڊيٽينشن جو اختيار صرف صوبائي ڪابينا وٽ آهي، جڏهن ته ايڊيشنل چيف سيڪريٽري هوم وٽ ايم پي او جاري ڪرڻ جو ڪو به اختيار ناهي هن وڌيڪ چيو ته پهرين گرفتاري ۽ پوءِ پريوينٽو ڊيٽينشن آئين جي آرٽيڪل 10 جي ڪليل ڀڃڪڙي آهي. بيرسٽر علي طاهر الزام هنيو ته حڪومت عدالت ۾ ڪابينا جو فيصلو پيش ناهي ڪيو ۽ عدالت کان حقيقتون لڪائي رهي آهي هن چيو ته ايم پي او جي غلط استعمال کي عدالت ۾ چيلينج ڪيو ويو آهي ۽ اميد آهي ته اهي غيرقانوني حڪم معطل ڪيا ويندا. ٻڌڻي دوران سنڌ هاءِ ڪورٽ جي آئيني بينچ سنڌ حڪومت کي ٿري ايم پي او جو نوٽيفڪيشن واپس وٺڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت واضح ڪيو ته جيڪڏهن نوٽيفڪيشن واپس نه ورتو ويو ته لاڳاپيل آفيسرن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي سرڪاري وڪيل عدالت کان جواب جمع ڪرائڻ لاءِ هڪ هفتي جي مهلت طلب ڪئي. جنهن تي عدالت ريمارڪس ڏنا ته ڪارڪنن جون فيمليون سفر ڪري رهيون آهن ۽ معاملو انتهائي سنجيده نوعيت جو آهي بعد ۾ حڪومت سنڌ ٿري ايم پي او تحت نظر بندي جا حڪم واپس وٺي ڇڏيا هوم ڊپارٽمينٽ طرفان باقاعدہ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو جنهن تحت لاڳاپيل ضلعن جي ايس ايس پيز کي نظر بند ڪيل شهرين کي فوري طور آزاد ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. ساڳي طرح سپرنٽينڊنٽ جيل کي به نظر بند شهرين جي آزادي جا حڪم ڏنا ويا. هوم ڊپارٽمينٽ موجب شهرين کي 1 فيبروري کان 9 فيبروري تائين ٿري ايم پي او تحت نظر بند ڪيو ويو هو. جن خلاف جاري نوٽيفڪيشنز کي نظر بند شهرين طرفان سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪيو ويو هو.

بقايا 17 — مقرر

آهي جنهن تحت واقعي جي شفاف ۽ جامع جاچ لاءِ باقاعده نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي معزز جج جسٽس آغا فيصل کي سانحي گل پلازه جي جاچ لاءِ انڪوائري ڪميشن جو سربراهه مقرر ڪيو ويو آهي. گهرو وزير موجب انڪوائري ڪميشن گل پلازه جي تعميراتي منظوري، ليز جي قانوني حيثيت ۽ بلڊنگ پلان جي ڀڃڪڙين جو تفصيلي جائزو وٺندو. ڪميشن اها ڳالهه جي به جاچ ڪندو ته ڇا عمارت ۾ ايمرجنسي نڪرڻ (انخلا) وارن رستن ۾ ڪا رڪاوٽ موجود هئي يا نه، جنهن سبب جاني ۽ مالي نقصان ۾ اضافو ٿيو. انڪوائري ڪميشن باهه وسائڻ جي انتظامن فائر سيفٽي آڊٽ ۾ ممڪن ڪوتاهين ۽ لاڳاپيل ادارن جي غفلت جو به تعين ڪندو. ان سان گڏ ڪميشن باهه لڳڻ جا سبب، واقعي وقت جي صورتحال ريسڪيو آپريشن جي رفتار ۽ مؤثريت جو به باريڪ بيني سان جائزو وٺندو. سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار موجب، واقعي ۾ غفلت جا ڪندڙ سرڪاري آفيسر بلڊنگ مينيجمينٽ خلاف ذميواري طئي ڪئي ويندي ۽ ڪنهن به سطح تي ڪوتاهي کي نظرانداز نه ڪيو ويندو. هن چيو ته سخت قدمن ۽ مؤثر جاچ وسيلي سڀئي حقيقتون منظر عام تي آنديون وينديون. نوٽيفڪيشن مطابق جسٽس آغا فيصل جي سربراهي ۾ قائم انڪوائري ڪميشن 8 هفتن اندر پنهنجي جاچ رپورٽ مڪمل ڪندو جڏهن ته ڪمشنر ڪراچي کي ڪميشن لاءِ سڀ ضروري سيڪريٽريٽ سهولتون فراهم ڪرڻ جي هدايت به جاري ڪئي وئي آهي. سنڌ جي گهرو وزير عزم جو اظهار ڪيو آهي ته حڪومت سنڌ گل پلازه جي متاثرن جي داد رسي ۾ ڪنهن به قسم جي دير نه ڪندي ۽ انصاف جا سڀئي تقاضا هر صورت ۾ پورا ڪيا ويندا.

بقايا 18 — اعلان

جي مدد جو اعلان ڪيو مريم نواز وزيراعليٰ سيڪريٽريٽ جو به دورو ڪيو جتي بلوچستان جي وڏي وزير سرفراز بگٽي صوبائي ڪابينا ۽ اسيمبلي ميمبرن سان گڏ سندس آجيان ڪئي. ان موقعي تي مريم نواز چيو ته بلوچستان جي عوام جو جذبو ۽ پاڪستان سان وابستگي ساراهه جوڳي آهي. بلوچستان کي پيش چيلينجن ۾ پنجاب حڪومت هر ممڪن سهڪار ڪندي، اسان بلوچستان سان گڏ آهيون. دهشتگردي جو خاتمو قومي يڪجهتي سان ممڪن آهي. بلوچستان ۾ امن استحڪام ۽ خوشحالي ڏسڻ چاهيون ٿا. سرفراز بگٽي چيو ته مريم نواز کي ڀليڪار چئون ٿا سيڪيورٽي فورسز لاءِ مدد هاڪاري ۽ ساراهه جوڳو قدم آهي.

بقايا 19 — ڪاشف شيخ

کي قانون جي پڪڙ ۾ آڻي سخت سزا ڏني وڃي. سنڌ ۾ لاقانونيت، ڌاڙيل راڄ ۽ پوليس اهلڪارن جي قتل مان اها ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي ته صوبي ۾ جهنگ جو قانون نافذ آهي، ڌاڙو واقعو امن امان جي دعويدار گهرو وزير ۽ سنڌ حڪومت جي منهن تي زوردار چماٽ آهي هن اڄ هڪ بيان ۾ وڌيڪ چيو ته ڪجهه عرصو اڳ شڪارپور ۾ ايس ايڇ او خميسو بروهي جو قتل ٿيو جنهن جا قاتل اڄ به قانون جي پڪڙ کان آجا آهن جڏهن ته تازي واقعي ۾ ٽن پوليس اهلڪارن جي شهادت لاقانونيت جي انتها ۽ سنڌ تي مڙهيل پ پ جي سترهن سالن جي ڪاري دور جو نتيجو آهي جڏهن سنڌ ۾ پوليس ۽ رينجرز جا اهلڪار به ڏوهاري راڄ کان محفوظ ناهن ته عام ماڻهن جو ڇا حال هوندو. سنڌ ۾ ڪچي ۽ پڪي جا ڌاڙيل آزاد گهمي رهيا آهن جڏهن ته شريف ۽ امن پسند ماڻهو پوليس گردي جو شڪار بڻيل آهن. سنڌ سميت پوري ملڪ ۾ امن امان جي بحالي، عوام جي جان مال ۽ عزت آبرو جي تحفظ لاءِ ڪو به قدم کنيو نٿو وڃي جنهن سبب عام ماڻهو سخت خوف ۽ هراس جو شڪار آهي. سنڌ حڪومت پاران امن امان جون سموريون دعوائون ٺڙ ٿي چڪيون آهن. هاڻي عام ماڻهن کان پوءِ پوليس ۽ قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪار به ڏوهاري راڄ کان محفوظ ناهن. ڪاشف سعيد شيخ ميهڙ واقعي ۾ شهيد پوليس اهلڪارن جي قاتلن جي في الفور گرفتاري، جوابدارن کي قرار واقعي سزا ۽ سنڌ ۾ ڌاڙيل راڄ، لاقانونيت توڙي ڏوهاري ٽولن جي سهولتڪاري ڪندڙن خلاف فوجي آپريشن جو مطالبو ڪيو آهي جڏهن ته هن شهيد پوليس اهلڪارن جي وارثن سان دلي همدردي جو اظهار ڪندي مرحومين جي مغفرت درجات بلنديءَ ۽ پوئتين لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي آهي.

بقايا 20 — ملاقات

ان موقعي تي سيڪريٽري صوبائي محتسب سنڌ سيد جنيد احمد، رجسٽرار مسعود عشرت، ايڊوائيزر ريحانه جي علي ميمڻ، ڊائريڪٽر ڪوآرڊينيشن امداد حسين صديقي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. وفد شرڪت ڪندڙن کي پاڪستان يوٿ پارليامينٽ جي جوڙجڪ ۽ آپريشنل سرگرمين بابت تفصيلي بريفنگ ڏني صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت پاڪستان يوٿ پارليامينٽ جي نوجوانن ۽ شاگردن لاءِ ڪيل ڪوشش کي ساراهيو ۽ کين صوبائي محتسب سنڌ جي آفيس مقصدن شڪايتن جي اندراج ۽ حل جي طريقيڪار بابت آگاهي ڏني هن چيو ته صوبائي محتسب سنڌ سرڪاري کاتن سان لاڳاپيل عوامي شڪايتن کي مفت ۽ گهٽ وقت ۾ حل ڪري ٿو ۽ اسان عوامي آگاهي لاءِ ميڊيا، سوشل ميڊيا، ويب سائيٽ، کلي ڪچهرين، ايمبيسڊر پروگرامن ۽ سماجي ادارن جون خدمتون حاصل ڪري رهيا آهيون هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان يوٿ پارليامينٽ جو صوبائي محتسب سنڌ جي آفيس سان گڏجي ڪم ڪرڻ سان عوام ۾ وڌيڪ شعور پيدا ٿيندو ۽ گڏيل ڪوشش سان ڪيترن ئي مسئلن جو سدباب ٿي سگهندو. ملاقات جي پڄاڻي ۾ يادگيري طور شيلڊز جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ گروپ فوٽو پڻ ڪڍيو ويو.

بقايا 21 — رٽ رد

هڪ قرارداد ۾ چيو هو ته ڪراچي جي سمنڊ ۾ گندو پاڻي ڇڏيو پيو وڃي، جنهن جي ڪري سمنڊ ۾ سنگين آلودگي پيدا ٿي رهي آهي. ڪراچي جي سيوريج ۽ گندي پاڻي جي علاج کي بهتر بڻايو وڃي. صوبائي وزير جام خان شورو قرارداد جي مخالفت ڪندي چيو ته هن مسئلي تي ڪيترائي ڀيرا ايوان ۾ بحث ٿي چڪو آهي ۽ حڪومت مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. ان حوالي سان هن چيو ته پائلٽ پروجيڪٽ جاري آهن ۽ ٽي پي-4 تي ڪم جلد مڪمل ڪيو ويندو. بعد ۾ هن قرارداد کي رد ڪيو ويو. ايم ڪيو ايم ميمبر انيل ڪماتا پنهنجي ذاتي قرارداد ذريعي مطالبو ڪيو هو ته صوبي ۾ شراب جي وڪري ۽ خريداري تي پابندي لڳائي وڃي ۽ شراب جي دڪانن جا سڀئي لائسنس منسوخ ڪيا وڃن. قانون ۽ گهرو وزير ضيا لنجار ان جي مخالفت ڪئي ۽ سماج جو هڪ وڏو حصو ان کان محروم ٿي ويندو. اڄ منهنجا دوست ٿورو جذباتي نظر اچي رهيا آهن ايوان قرارداد کي رد ڪري ڇڏيو. ايوان ايم ڪيو ايم جي عورت ميمبر قرة العين خان جي هڪ قرارداد کي به رد ڪري ڇڏيو جيڪا ٻارن سان جنسي زيادتي ۽ هراساني کي روڪڻ لاءِ زندگي تي ٻڌل مهارت جي سکيا سان لاڳاپيل هئي. گهرو وزير هن قرارداد جي مخالفت ڪئي هئي ته هي قرارداد واضح نه هئي ۽ ٻن حصن ۾ هئي ۽ ان کي بهتر بڻايو وڃي. جنهن تي ايوان قرارداد کي رد ڪري ڇڏيو ايوان قرة العين خان جي هڪ ٻي قرارداد کي به رد ڪري ڇڏيو جنهن ۾ هن سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ ڪميٽي ٺاهڻ جي تجويز پيش ڪئي. پارلياماني معاملن جي وزير ضياءَ الحسن لنجار چيو ته هن معاملي تي اڳ ۾ ئي هڪ ڪميٽي موجود آهي. مان ان جي مخالفت ڪريان ٿو. سنڌ اسيمبلي ان قرارداد کي رد ڪري ڇڏيو بعد ۾ سنڌ اسيمبلي جو اجلاس جمعي ڏينهن 2:30 وڳي تائين ملتوي ڪيو ويو. ان کان اڳ سنڌ اسيمبلي ۾ ماحوليات ۽ ساحلي ترقي کاتي بابت سوالن جي ڪلاڪ دوران صوبائي وزير جي نمائندگي ڪندڙ پارلياماني سيڪريٽري سيد حسين شاهه ميمبرن پاران پڇيل سوالن جا جواب ڏنا هڪ سوال جي جواب ۾، هن چيو ته سنڌ ۾ پلاسٽڪ ٿيلهين تي مڪمل پابندي آهي ۽ وڏيون ڪمپنيون ڪاغذن ڏانهن منتقل ٿي ويون آهن ۽ ڪجهه ڪمپنين عدالت سان رابطو ڪيو آهي. هن چيو ته وڻ پوکڻ جي حوالي سان سنڌ ۾ مينگروز لڳايا ويا آهن ڪراچي، بدين ۽ ٺٽي جي ساحلي لائينن تي 54 هزار کان وڌيڪ وڻ لڳايا ويا آهن ۽ وڏين صنعتن کي وڻ لڳائڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته راڻي پور شوگر ملز ۽ بسڪٽ ڪمپني سکر ۾ وڻ لڳايا آهن پارلياماني سيڪريٽري چيو ته کاتي ۾ سڀئي نوڪريون ميرٽ تي ڏنيون ويون آهن هن وقت، نوڪرين لاءِ اڃا به هڪ جاءِ خالي آهي جيڪا سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي پري ويندي هن چيو ته نئين نوڪرين جي تفصيل سنڌ جاب پورٽل تي موجود آهي هن چيو ته ماحولياتي خلاف ورزين لاءِ ڇهه سئو کان وڌيڪ ڪارروائيون ڪيون ويون آهن

بقايا 22 — مقرر

سهولتن جو جائزو وٺڻ لاءِ ايڊووڪيٽ سلمان صفدر کي فرينڊ آف دي ڪورٽ مقرر ڪري ڇڏيو آهي عدالت سلمان صفدر کي هدايت ڪئي ته هو جيل وڃي پي ٽي آءِ باني سان ملاقات ڪري ۽ سموري صورتحال تي ٻڌل لکت واري رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي پي ٽي آءِ باني سان سلهاڙيل ڪيس جي ٻڌڻي اڱاري تي سپريم ڪورٽ جي ٻه رڪني بئنچ ڪئي بئنچ ۾ چيف جسٽس سپريم ڪورٽ جسٽس يحيي آفريدي ۽ جسٽس شاهد بلال حسن شامل هئا. ٻڌڻي دوران عدالت سلمان صفدر کي عدالتي نمائندو مقرر ڪندي حڪم ڏنو ته هو جيل ۾ پي ٽي آءِ باني جي موجوده حالت، صحت، سهولت ۽ مجموعي صورتحال جو مشاهدو ڪري ۽ ان حوالي سان جامع رپورٽ پيش ڪري عدالت سپرنٽينڊنٽ جيل کان به پي ٽي آءِ باني جي جيل ۾ موجوده صورتحال بابت الڳ رپورٽ طلب ڪئي آهي ان موقعي تي اٽارني جنرل عدالت ۾ 5 آگسٽ کان 18 آگسٽ 2023ع تائين جي رپورٽ پيش ڪئي ۽ ٻڌايو ته اها رپورٽ اٽڪ جيل ۾ قيد دوران ڪئي آهي چيف جسٽس ان موقعي تي سلمان صفدر کي فوري طور جيل وڃڻ جي هدايت ڪئي ۽ اٽارني جنرل کي تاڪيد ڪئي ته ملاقات ۾ ڪنهن به قسم جو مسئلو پيش نه اچڻ گهرجي چيف جسٽس سلمان صفدر سان ڳالهائيندي چيو ته جيڪڏهن ملاقات دوران ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ يا ڏکيائي پيش اچي ته هو سڌيءَ ريت عدالت سان رابطو ڪري سگهي ٿو ٻڌڻي دوران وڪيل لطيف کوسه به روسٽرم تي آيو ۽ موقف اختيار ڪيو ته ڪيس پي ٽي آءِ باني سان ملاقات جي اجازت نٿي ڏني وڃي جنهن تي چيف جسٽس چيو ته عدالت ان حوالي سان واضح حڪم جاري ڪري چڪي آهي ۽ سلمان صفدر اڄ ئي جيل ويندو سپريم ڪورٽ ٻنهي ڌرين کي ٻڌڻ کان پوءِ فيصلو ڪرڻ جو اشارو ڏيندي ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 12 فيبروري خميس تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا 23 — اتفاق

انڊسٽري واري وزير ۽ انڊونيشيا جي خودمختيار ويلٿ فنڊ (دانانتارا) جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر روزان روزلاني سان ڪالهه اڱاري ڏينهن وفدن جي سطح تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. پرڏيهي آفيس موجب ڳالهه ٻولهه ۾ پاڪستان ۽ انڊونيشيا جي وچ ۾ اقتصادي ۽ سيڙپڪاري لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ تعاون جي امڪاني موقعن ۽ گڏيل مفاد تي ٻڌل منصوبن جو جائزو وٺڻ تي ڌيان ڏنو ويو جن ۾ بهترين طريقيڪار جي مٽاسٽا ۽ صحت سميت ترجيحي شعبن ۾ تعاون شامل آهي ناڻي واري وزارت، اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل (ايس آءِ ايف سي) ۽ بورڊ آف انويسٽمينٽ پاران پاڪستان جي سيڙپڪاري جي منظرنامي، ترجيحي شعبن ۽ سهولت جي طريقيڪار تي بريفنگ ڏني وئي. ان سان گڏوگڏ انڊونيشيا جي تجربن ۽ مهارت خاص طور تي خودمختيار ويلٿ فنڊ جي ڍانچن ۽ ڊائون اسٽريم سيڙپڪاري جي شعبي مان فائدو کڻڻ تي پڻ زور ڏنو ويو. نائب وزيراعظم گڏيل احترام ۽ تعاون تي ٻڌل پراڻي پاڪستان – انڊونيشيا ٻطرفي لاڳاپن جي لاءِ گڏيل عزم جو ورجاءُ ڪيو ۽ چيو ته گڏيل سيڙپڪاري پاڪستان – انڊونيشيا حصيداري جي فروغ جي لاءِ هڪ اهم محرڪ ثابت ٿي سگهي ٿي ملاقات ۾ صحت واري وزير، وزيراعظم جي خاص معاون طارق باجوه، بورڊ آف انويسٽمينٽ جي چيئرمين، نيشنل ڪوآرڊينيٽر ايس آءِ ايف سي ناڻي واري سيڪريٽري، وفاقي پرڏيهي سيڪريٽري ۽ ٻين سينيئر عملدارن شرڪت ڪئي

بقايا 24 — پيش

ذريعي قومي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن سائنس ۾ عورتن ۽ ڇوڪرين جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ صدر چيو ته پاڪستان جو سائنسي مستقبل هر پاڪستاني جي لاءِ موقعن ۽ ترقي جا رستا کولي ٿو ۽ اسان جون عورتون ان کي اڳتي وڌائي رهيون آهن. انهن جون ڪوششون اسان جي مستقبل تي اعتماد ۽ علم کي قومي طاقت جي هڪ موثر ذريعي جي طور تي اختيار ڪرڻ جي يقين جون عڪاس آهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب صدر چيو ته عورتن جي خلاف هر قسم جي امتياز جي خاتمي جي ڪنوينشن (سي اي ڊي اي ڊبليو) جي رياستي ڌر جي طور تي پاڪستان تعليم تحقيق ۽ سائنسي قيادت ۾ برابري جي عزم تي قائم آهي اهو عزم هاڻي عملي شڪل اختيار ڪري رهيو آهي. اسان جي يونيورسٽين ۽ اعليٰ تعليمي ادارن ۾ داخلا وٺندڙن ۾ عورتن جو انگ اڌ کان وڌيڪ ٿي چڪو آهي جيڪا موقعن ۽ خواهشن ۾ هڪ مثبت تبديلي جي علامت آهي. صدر آصف علي زرداري چيو ته ليبارٽرين يونيورسٽين ۽ تحقيقي مرڪزن ۾ پاڪستاني عورتون انجنيئرنگ، طبي علم، ڪمپيوٽنگ، بائيو ٽيڪنالاجي ۽ ٻين اڀرندڙ شعبن ۾ تحقيق جي قيادت ڪري رهيون آهن. ڪلاسيڪ تحت اهي مسلم دنيا ۾ سائنسي تعاون، صحت ۾ جدت ۽ موسمياتي مسئلن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت جي فروغ ۾ پڻ ڪردار ادا ڪري رهيون آهن صدر چيو ته پاڪستان کي انهن عورت سائنسدانن تي فخر آهي جن عالمي سطح تي سڃاڻپ حاصل ڪئي جن ۾ نرگس ماولوالا، تسنيم زهرا حسين ۽ مهيره عبدالغني شامل آهن. انهن جون ڪاميابيون نوجوان نسل کي اعتماد ۽ مقصد سان سائنس جي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ جي ترغيب ڏين ٿيون هن چيو ته اها اڳڀرائي خاندانن ۽ برادرين جي لاءِ پڻ انتهائي اهم آهي جڏهن عورتون سائنس ۽ تحقيق ۾ اڳتي وڌن ٿيون ته صحت جون عالمي سهولتون بهتر ٿين ٿيون ماحولياتي ۽ فني مسئلن جا عملي حل سامهون اچن ٿا ۽ ٻارڙيون تعليم کي عزت ۽ ڪاميابي جي رستي طور ڏسن ٿيون هر اهو ڪلاس روم جتي اهي قدم رکن ٿيون هر اها ليبارٽري جنهن جي اهي قيادت ڪن ٿيون، اسان جي ملڪ جي سماجي ۽ معاشي ڍانچي کي مضبوط بڻائين ٿيون صدر چيو ته جيتوڻيڪ چئلينجز اڃا به موجود آهن جن ۾ عورتن جي خواندگي جي شرح ۾ وڌيڪ بهتري جي ضرورت شامل آهي تنهن هوندي به رخ بلڪل واضح آهي. اسان جون ڌيئرون مهارت ۽ بلند حوصلي سان اڳتي وڌي رهيون آهن ۽ علم ۽ تحقيق جي ذريعي پاڪستان جي خدمت لاءِ تيار آهن پاڪستان جو سائنسي مستقبل هر پاڪستاني جي لاءِ موقعن ۽ ترقي جا رستا کولي ٿو ۽ اسان جون عورتون ان کي اڳتي وڌائي رهيون آهن

بقايا 25 — گرفتار

ڪراچي ۾ ڪامياب ڪارروائيون ڪندي غيرقانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۾ ملوث 2 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي ايف آءِ اي ترجمان مطابق جوابدار سهيل ۽ سهروش کي ناظم آباد ۽ گارڊن ايسٽ جي علائقن مان گرفتار ڪيو ويو جوابدارن جي قبضي مان ڪروڙين رپيا ماليت جي ملڪي ۽ پرڏيهي ڪرنسي هٿ آئي آهي جنهن ۾ 20050 آمريڪي ڊالر 2000 ترڪش ليرا 1300 يو اي اي درهم ۽ 2170 برطانوي پائونڊ شامل آهن جوابدارن کان 1000 يورو 8001 قطري ريال 13 هزار 600 چائنيز يوآن 7800 سعودي ريال 81 بحرين دينار 465 ملائيشين رنگٽ ۽ 50 آسٽريلين دينار به هٿ ڪيا ويا آهن ڪارروائي دوران 59 لک 33 هزار کان وڌيڪ پاڪستاني رپيا به تحويل ۾ ورتا ويا. ايف آءِ اي اختيارين چيو ته جوابدار بغير لائسنس جي ڪرنسي ايڪسچينج جو ڪاروبار ڪري رهيا هئا ۽ انهن جي قبضي مان موبائل فونز ۽ غيرقانوني ڪاروبار سان لاڳاپيل ٻيا ثبوت به مليا آهن جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي جڏهن ته انهن جي ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن

بقايا 26 — لاش مليو

علائقي ڪورنگي سيڪٽر 5.5 ۾ غوث پاڪ روڊ روٽ نمبر 17 جي بس اسٽاپ جي ويجهو هڪ نوجوان جو لاش گهٽي ۾ ڦندو ٻڌل لاش مليو فوت ٿيل نوجوان جي لاش کي چيپا ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب فوت ٿيل نوجوان جي سڃاڻپ 23 سالن جي محمد عارف پٽ محمد قاسم جي نالي سان ڪئي وئي آهي شروعاتي جاچ موجب نوجوان خودڪشي ڪئي وارثن پوليس ڪارروائي ڪرڻ کان انڪار ڪيو پوليس جو چوڻ آهي ته لاش کي ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ وارثن جي حوالي ڪيو ويندو

بقايا 27 — ڪٽي ورتو

شروعاتن لاءِ مسلسل ٻيو ڀيرو ڪلائيميٽ چيمپيئن ايوارڊ سان نوازيو ويو ماڻهن، سيارو ۽ ڪاروبار لاءِ گڏيل قدر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش کي تسليم ڪندي چوٿين پاڪستان ڪلائيميٽ ڪانفرنس ۽ ڪلائيميٽ ايڪسيلنس ايوارڊز جي ٻئي ايڊيشن جي ميزباني اوورسيز انويسٽرز چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري (او آءِ سي سي آءِ) ڪئي جيڪا 30 ملڪن ۽ 14 شعبن جي 200 کان وڌيڪ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي نمائندگي اداري آهي هن سال ايوارڊن لاءِ 80 کان وڌيڪ داخلائون وصول ڪيون ويون ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي، موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي جي وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق مسعود ملڪ ملڪ کي موسمياتي تبديلي جي حوالي سان پائيدار ترقي ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ نئين نسل تي ٻڌل سرمائي کي متحرڪ ڪرڻ ۽ جديد حل لاڳو ڪرڻ تي زور ڏنو هن چيو ته "اسان کي انهن پرعزم ۽ خواب ڏسندڙ نوجوانن تي ڀروسو ڪندي سيڙپڪاري ڪرڻي پوندي ڇاڪاڻ ته نوجوان نسل پاڪستان جو مستقبل آهي ۽ اهي ئي آهن جيڪي اسان کي ماحولياتي مسئلن مان ڪڍندا" ان کان اڳ، وفاقي وزير خزانه ۽ ريونيو سينيٽر محمد اورنگزيب پنهنجي خطاب ۾ چيو ته "او آءِ سي سي آءِ جي چوٿين پاڪستان موسمياتي ڪانفرنس موسمياتي تبديلي کي منهن ڏيڻ لاءِ فوري قدمن ۽ پائيدار حل حاصل ڪرڻ ۾ نجي شعبي جي ڪردار کي اجاگر ڪيو آهي ماحولياتي چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۾ حڪومت جي ڪردار ۽ ڪوشش کي اجاگر ڪندي هن چيو ته پاڪستان کي آءِ ايم ايف، ورلڊ بئنڪ ۽ ايشيائي ترقياتي بينڪ کان ماحولياتي فنانسنگ ۾ 1.3 بلين ڊالر تائين رسائي آهي، جيڪا هن طرف هڪ مضبوط قدم آهي نيسٽلي پاڪستان جي سي اي او جيسن اواٽسينا چيو ته "پاڪستان موسمياتي ڪانفرنس ذريعي او آءِ سي سي آءِ پاڪستان جي وڌيڪ موسمياتي لچڪدار معيشت ڏانهن منتقلي جي حمايت لاءِ قابل عمل سفارشون ڪيون آهن" ڊيووس ۾ اڳ ۾، نيسٽلي پاڪستان ۾ 60 ملين ڊالر جي اضافي سيڙپڪاري جو اعلان ڪيو ته جيئن پائيداري ۽ سائي منصوبن، زرعي خدمتن جي تبديلي، آٽوميشن ۽ ڊجيٽلائيزيشن کي سپورٽ ڪري سگهجي هي اعلان 2023 ۽ 2025 جي وچ ۾ ڪيل 40 ملين ڊالر جي سيڙپڪاري کان علاوه آهي جنهن کان پوءِ ڪل تجويز ڪيل سيڙپڪاري ڇهن سالن ۾ 100 ملين ڊالر تائين پهچي ويندي هي سيڙپڪاري نيسٽلي جي پاڪستان ۾ ڊگهي مدت جي وابستگي ۽ اعتماد جو واضح ثبوت آهي. ان موقعي تي ڳالهائيندي، نيسٽلي پاڪستان جي ڪارپوريٽ معاملن ۽ پائيداري جي سربراهه شيخ وقار احمد چيو ته "اسان سماج ۾ مثبت تبديلي آڻڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا ۽ پائيداري اسان جي ڪاروبار جو هڪ لازمي حصو آهي اسان جون ڪوششون گڏيل قدر پيدا ڪرڻ جي اسان جي وابستگي کي ظاهر ڪن ٿيون جيئن اسان هڪ صاف ماحول ۽ وڌيڪ پائيدار مستقبل ڏانهن اهم قدم کڻون ٿا. نيسلي 2030 تائين گرين هائوس گيس جي اخراج کي 50 سيڪڙو گهٽائڻ لاءِ پرعزم آهي. نيٽ زيرو جي حوالي سان پنهنجي عالمي وابستگين تحت ۽ 2050 تائين نيٽ زيرو حاصل ڪرڻ جي رستي تي آهي نيسلي پاڪستان پڻ 2018 جي بيس لائين جي مقابلي ۾ گرين هائوس گيس جي اخراج ۾ 50 سيڪڙو کان وڌيڪ گهٽتائي حاصل ڪئي آهي. جنهن ۾ 9.6 ميگاواٽ شمسي توانائي ۽ ڪبير والا ۾ 20 ٽن في ڪلاڪ بايوماس بوائلر ۾ وڏي سيڙپڪاري شامل آهي نيسلي ورجن پلاسٽڪ کي 33 سيڪڙو گهٽايو آهي ۽ ري سائيڪل لائق لچڪدار پيڪيجنگ متعارف ڪرائي آهي ڪمپني ڪلين گلگت بلتستان منصوبي ذريعي 11,000 ٽن پيڪيجنگ فضلي کي گڏ ڪرڻ ۽ ري سائيڪل ڪرڻ ۾ مدد ڪري رهي آهي. جيڪو گڏيل قومن جي پائيدار ترقي جي مقصدن 13 SDGs ۽ 15 سان مطابقت رکي ٿو

بقايا 28 — نوٽيس رد

موجودگي تي ملڪ ۾ پوليو جا نوان ڪيس سامهون اچڻ بابت ڌيان ڇڪايو نوٽيس رد ڪيو ويو گذريل ڏينهن نعيمہ ڪشور ۽ ٻين پاران پوليو جا نوان ڪيس سامهون اچڻ بابت ڌيان ڇڪايو نوٽيس تي وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو ته مملڪتي وزير کي جواب ڏيڻو هو پر هو موجود ناهي انهي لاءِ ان کي رد ڪيو وڃي ڊپٽي اسپيڪر ڌيان ڇڪايو نوٽيس رد ڪري ڇڏيو

بقايا 29 — منظور

جي اجلاس ۾ قومي اسيمبلي ۾ ڪارروائي ۽ طريقيڪار جي قاعدي 2007 جي قاعدي 70، 73 ۽ 250 ۾ ترميم منظور ڪئي وئي. گذريل ڏينهن آغا رفيع الله قومي اسيمبلي ۾ ڪارروائي ۽ طريقيڪار جي قاعدي 2007 جي قاعدي 293 جي ذيلي قاعدي 5 تحت رٽ پيش ڪئي ته ٻڌايل قاعدي جي قاعدي 70 ۽ 73 ۽ 250 ۾ ٻڌايل ترميم تي اسٽينڊنگ ڪميٽي جون رپورٽون غور هيٺ آنديون وڃن حڪومت پاران مخالفت نه ڪرڻ تي هن ٻڌايل ترميم منظور ڪرڻ جي رٽ پيش ڪئي جنهن جي ايوان منظوري ڏئي ڇڏي

بقايا 30 — شريڪ

جي پڄاڻي لاءِ اسيمليٽر تي ٻڌل تربيت جي اهميت تي زور ڀريو. پاڪ فوج جي سڌ سماءَ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) موجب نائين عالمي پاڪستان آرمي ٽيم اسپرٽ مقابلا 9 فيبروري 2026ع تي کاريان ۾ ڪاميابي سان پڄاڻي تي پهتا. پڄاڻي واري تقريب ۾ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير خاص مهمان طور شرڪت ڪئي ٽيم اسپرٽ مقابلا 60 ڪلاڪن تي ٻڌل هڪ ڊگهي پيٽرولنگ مشق آهن جنهن جو مقصد حصو وٺندڙ ٽيمن وچ ۾ جديد خيالن، اسٽريٽجڪ تجربن ۽ بهترين جنگي طريقن جي مٽاسٽا ذريعي پيشيوارانہ عسڪري مهارتن کي نکارڻ آهي 5 فيبروري 2026ع کان شروع ٿيل اهي مشقون پنجاب، پاڪستان جي نيم جابلو علائقن ۾ منعقد ڪيون ويون جن هڪ حقيقت پسنداڻو ۽ چئلينجنگ آپريشنل ماحول فراهم ڪيو گذريل سال دوران پي اي ٽي ايس هڪ باوقار ۽ انتهائي هڪ جهڙائي وارو فوجي مشقن طور اڀريو آهي جنهن کي حصو وٺندڙ ملڪن وچ ۾ پيشيوارانہ عمدگي ۽ گڏيل سکڻ جي عمل کي هٿي وٺائڻ جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو اهو فورم هڪ ڏکئي آپريشنل ماحول ۾ يڪجهتي ۽ ٽيم اسپرٽ کي هٿي ۽ وڌائڻ سان گڏوگڏ عسڪري سطح تي تعاون ۽ افهام و تفهيم کي مضبوط بڻائي ٿو. هلندڙ سال مقابلي ۾ 19 ملڪن شرڪت ڪئي جن ۾ بحرين، بنگلاديش، بيلاروس، مصر، عراق، اردن، سعودي عرب، ملائيشيا، مالديپ، مراڪش، نيپال، قطر، سريلنڪا، ترڪيه، آمريڪا ۽ ازبڪستان شامل آهن انڊونيشيا، ميانمار ۽ ٿائيلينڊ مبصر طور مشق ۾ شرڪت ڪئي. پاڪستان آرمي ۽ پاڪستان نيوي جي 16 ڊوميسٽڪ ٽيمن سان گڏوگڏ پاڪستان ايئر فورس جي مبصرن به ان ايونٽ ۾ حصو ورتو پڄاڻي واري تقريب کي خطاب ڪندي فيلڊ مارشل سيد عاصم منير مشق دوران سمورن حصو وٺندڙ ٽيمن جي غير معمولي پيشيوارانہ مهارت، جسماني ۽ ذهني برداشت، آپريشنل صلاحيت ۽ بلند حوصلي جي تعريف ڪئي هن اجتماعي تياري کي وڌائڻ ۽ جديد جنگ جي بدلجندڙ گهرجن سان هم آهنگ ٿيڻ لاءِ اهڙي طرح جي گهڻ قومي سرگرمين جي اهميت تي زور ڀريو پاڪستان آرمي جي بنيادي قدرن جي توثيق ڪندي آرمي چيف ان پائيدار صفتن "خاص طور تي دهشتگردي خلاف جاري جنگ ۾ ڪردار جرئت ۽ قابليت تي زور ڀريو تقريب جي پڄاڻي تي آرمي چيف سي ڊي ايف مقابلي ۾ نمايان شرڪت ڪندڙن ۾ انعام ورهايا حصو وٺندڙ ملڪن جي عالمي مبصرن ۽ ڊفينس اٽاشين به تقريب ۾ شرڪت ڪئي ۽ پوري مشق دوران مظاهرو ڪيل اعليٰ معيار جي پيشيوارانہ مهارت، تنظيم ۽ انتظام جي تعريف ڪئي. آرمي چيف ۽ سي ڊي ايف نيشنل ڪائونٽر ٽيرارزم سينٽر (اين سي ٽي سي) پبي ۾ مختلف تربيتي سرگرمين جو مشاهدو به ڪيو جنهن ۾ نوان قائم ڪيل ٽيڪٽيڪل اسيمليٽر جو دورو به شامل هو

بقايا 31 — ملاقات

اڳواڻ سينيٽر علامه راجا ناصر عباس سان ملاقات ڪئي گورنر سنڌ خديجه الڪبريٰ مسجد سانحي ترلائي جي سخت مذمت ڪئي ۽ شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪيو گورنر سنڌ چيو ته بيگناهه جانين جو نقصان ناقابل برداشت آهي دهشتگرد ڪڏهن به پنهنجي ناپاڪ ارادن ۾ ڪامياب نه ٿيندا. هن وڌيڪ چيو ته هو ڏک جي هن گهڙي ۾ قومي هم آهنگي ۾ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ تي علامه راجا ناصر عباس جو دل جي گهراين سان شڪرگذار آهي هن چيو ته قومي اتحاد دهشتگردي خلاف اسان جي سڀ کان وڏي طاقت آهي علامه راجا ناصر عباس چيو ته اسان سنڌ جي گورنر جا شڪرگذار آهيون ته هن ڏک جي هن گهڙي ۾ اسان جي ڏک ۾ شريڪ ٿيا.

بقايا 32 — گرفتار

ورتو آهي ايس ايس پي ڪيماڙي امجد احمد شيخ موجب، ڪيماڙي ماڙي پور پوليس ٽيڪنيڪل بنيادن تي اهم ڪارروائي ڪندي ٽي رڪني ڦورو گروهه کي گرفتار ڪيو آهي جيڪو 100 کان وڌيڪ ڦر ڌاڙن ۽ لٽ مار جي وارداتن ۾ ملوث رهيو آهي گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ جاويد، نبيل ۽ سمير جي نالن سان ٿي آهي

بقايا 33 — لاش هٿ

جي علائقي گوليمار نمبر 1 حيدري مسجد واري گهٽي ۾ واقع گهر نمبر E-405 مان عورت جو تشدد ٿيل لاش مليو عورت جي لاش کي ايڌي ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي فوت ٿيل عورت جي سڃاڻپ 25 سالن جي ڪنزه زوجا راشد جي نالي سان ٿي ايس ايڇ او رضويه بشارت موجب فوت ٿيل عورت جي مڙس راشد علي پوليس کي اطلاع ڏنو ته سندس زال کي نامعلوم ماڻهن سخت تشدد جو نشانو بڻايو آهي ۽ هو پنهنجي زال کي نيم بي هوشي جي حالت ۾ سول اسپتال وٺي ويو جتي سندس زال علاج دوران فوت ٿي وئي اطلاع ملڻ کان پوءِ پوليس عورت جي مڙس جي بيان جي روشني ۾ قانوني ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا 34 — شرڪت

بلاڪ ٿري ملٽي رول فائٽر جهاز ۽ عالمي سطح تي تسليم ٿيل سپر مشاق تربيتي جهاز جي نمائش ڪئي پئي وڃي ورلڊ ڊفينس شو 2026ع ۾ دفاع ۽ سلامتيءَ جي شعبي ۾ هڪ نالي واري عالمي پليٽ فارم جي حيثيت رکي ٿو ان نمائش ۾ پاڪ فضائيه جي شرڪت ايرو اسپيس جدت، آپريشنل قابليت ۽ اعتماد جوڳي دفاعي معاملن جي اڀرندڙ مرڪز طور تي پاڪستان جي عالمي پوزيشن کي وڌيڪ مستحڪم ڪيو آهي پاڪ فضائيه جي ترجمان موجب ورلڊ ڊفينس شو 2026ع ۾ شرڪت پاڪستان جي تيزيءَ سان ترقي ڪندڙ مقامي ايرو اسپيس صنعت ۽ پي اي ايف جي آزمايل عملي صلاحيتن جي عڪاسي آهي. جي ايف-17 بلاڪ ٿري پاڪستان جي عسڪري هوابازي ٽيڪنالاجيءَ جي اعليٰ ترين مظهر ۽ جديد ايوينڪس، اي اي ايس اي ريڊار، انٽيگريٽڊ اليڪٽرانڪ وار فيئر نظام ۽ بي وي آر ميزائل جهڙي جنگي صلاحيت رکندڙ آهي جيڪو ان کي جديد فضائي فوج جي عملي ضرورتن کي پورو ڪندڙ هڪ طاقتور 4.5 جنريشن فائٽر جهاز بڻائي ٿو ان سان گڏوگڏ سپر مشاق تربيتي جهاز پائليٽ ٽريننگ جي ميدان ۾ پاڪستان جي مضبوط صلاحيتن جي اجاگر ڪري ٿو پنهنجي اعتماد جوڳي ڪارڪردگي، گهٽ لاڳت ۽ آسان سارسنڀال سبب سپر مشاق کي ڪيترا ئي دوست ملڪ پنهنجي فضائي فوج ۾ شامل ڪري چڪا آهن ۽ هي سڄي دنيا ۾ بنيادي اڏام جي تربيت لاءِ هڪ معياري پليٽ فارم طور تي خدمتون انجام ڏئي رهيو آهي

بقايا 35 — معافي ورتي

وزير جو چوڻ آهي ته جماعت اسلامي جي ميمبر محمد فاروق جي گرفتاري جي به جاچ ڪئي پئي وڃي گهرو وزير اڱاري ڏينهن سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ ٻنهي ميمبرن جي اعتراضن جو جواب ڏئي رهيا هئا گهرو وزير چيو ته ايم ايل اي واجد حسين سان ٿيل زيادتي تي افسوس آهي ۽ هن معاملي تي ان کان معافي گهري ٿو ضياءَ لنجار چيو ته پوليس کي ڪو به غير قانوني ڪم نه ڪرڻ گهرجي هن واقعي کان پوءِ ايس ايڇ او ۽ لاڳاپيل عملي کي هٽايو ويو آهي محمد فاروق جي گرفتاري جي به جاچ ڪئي پئي وڃي ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي بهرحال گهرو وزير واضح ڪيو ته هاءِ وي بند ڪرڻ ماڻهن کي تڪليف ۾ وجهڻ ۾ نامناسب آهي شاهراهه فيصل تي لائوڊ اسپيڪر لڳايو ويو ۽ ٻئي ٽريڪ ٽريفڪ لاءِ بند ڪيا ويا.

بقايا 36 — حوالي ڪيو

دوران اهم ڪاميابي حاصل ڪئي وئي ايس ايس پي خيرپور ڊاڪٽر سميع الله سومرو جي سربراهي ۾ ڪچي واري علائقي ۾ ڌاڙيلن کي يا ته سرينڊر ڪرڻ يا پوليس آپريشن دوران پنهنجي منطقي انجام تائين پهچڻ جو واضح پيغام ڏنو ويو جنهن جي نتيجي ۾ خيرپور پوليس کي وڏي ڪاميابي ملي آهي. ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل گينگ جو سرگرم ڏوهاري سڪندر علي ناريجو خيرپور پوليس آڏو سرينڊر ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 37 — اسپتال منتقل

ٽنڊوآدم ڪو جو لائن مين شاهد حسين ٽنڊوآدم جي ڀرسان ٿنڀي تي چڙهي ڪم ڪري رهيو هو ته اوچتو 11 هزار وولٽ جي تارن مان ڪرنٽ لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آڻڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا 38 — نماز ادا

ڪوسو کي پوليس سرڪاري سطح تي سلامي ڏني جنازي نماز ۾ ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو ايس ايس پي دادو رڪائو ڪيپٽن امير سعود مگسي ڊي ايس پي ميهڙ مرتضيٰ عباسي ڊي ايس پي سلطان احمد چانڊيو پوليس نفري سميت سياسي سماجي اڳواڻن شهرين وڪيلن صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 39 — همراهه قتل

چورنگي جي لڳ ابو حنيفا مسجد جي ويجهو جهيڙي جي دوران 55 سالن جو عبدالجليل پٽ عبدالحڪيم قتل ٿي ويو واقعي بعد علائقي ۾ خوف هراس پکڙجي ويو اطلاع ملندي واقعي واري هنڌ پوليس پهچي مقتول جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا 40 — اظهار

خان ٽيسوري دادو ۾ ٽن پوليس اهلڪارن جي شهادت تي اظهار عقيدت پيش ڪيو ۽ شهيدن جي درجات جي بلندي ۽ خاندانن لاءِ صبر جي دعا ڪئي گورنر سنڌ چيو ته شهيدن جون قربانيون هڪ قرض آهي جيڪو رائگان نه ويندو مان شهيد اهلڪارن جي همت ۽ بهادري کي سلام پيش ڪريان ٿو

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BIDS

THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LF-PT-PENFD-KBS-311446872-2026	LOW PRESSURE FLANGES	26.02.2026 AT 1130 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-CnESS-60-3601-312474629-2026	CONSULTANCY SERVICES FOR POST-COMPLETION 3RD PARTY QA/QC INSPECTIONS	27.02.2026 AT 1030 Hrs
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-3591-312169449-2026	SERVICES FOR INSTALLATION & COMMISSIONING OF CATERPILLAR GENSET G-3512	02.03.2026 AT 1030 Hrs

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
5. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL House, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023540/3795

ogdcl.com
No.41/18

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سرڪاري نوڪرين ۾ پرائيويٽ شعبي ۾ اُجوري

صفحو 4

راجا زاهد اختر

خاموش طاقتون، اڌورا جواب ۽ ايپسٽين جي موت بابت نئون سوال؟

صفحو 4

سنڌ جي لساني ورهاست ۽ وفاق!

محمد خان ابڙو

صفحو 4

غلام حسين

ميهڙ پوليس مقابلو ۽ سنڌ ۾ امن جي دعوي!

صفحو 4

ڏيپارجا ڦاٽڪ وٽ مال گاڏي جون 10 بوگيون پٽڙي تان لهي وڃڻ وارو معاملو، رليف آپريشن

واقعي کانپوءِ 24 ڪلاڪن جي رليف آپريشن بعد ٻنهي ٽريڪن اپ ۽ ڊائون ٽريڪ مڪمل طور بحال ڪيا ويا

اپ ۽ ڊائون ٽريڪ جي مرمت ڪري مڪمل طور بحال ٿيڻ بعد مختلف اسٽيشنن تي روڪيل ٽرينن کي پڻ روانو ڪيو ويو

مال گاڏي جون 10 بوگيون پٽڙي تان لهڻ واري واقعي جي انڪوائري بعد حقيقت سامهون ايندي ته واقعو ڪيئن پيش آيو: ڊي ايس ريلوي سکر

ٺري ميرواهه مال گاڏي جون بوگيون نظر اچي رهيون آهن

ٺري ميرواهه (رپورٽ: گلاب سهتو) ڏيپارجا ڦاٽڪ وٽ مال گاڏي جون 10 بوگيون پٽڙي تان لهي وڃڻ واري واقعي کانپوءِ 24 ڪلاڪن جي رليف آپريشن بعد ٻنهي ٽريڪن اپ ۽ ڊائون ٽريڪ مڪمل طور بحال ڪيا ويا، جنهن کانپوءِ ٽرينن جي آمدرفت ٻيهر شروع ٿي وئي ۽ ٽرينون پنهنجين منزلن ڏانهن روانيون تفصيل موجب ڏيپارجا ريلوي ڦاٽڪ وٽ گذريل ڏينهن ڪراچي کان پنجاب ويندڙ مال گاڏي جون 10 بوگيون پٽڙي تان لهي وڃڻ واري واقعي بعد ڊي ايس ريلوي سکر جمشيد عالم جي نگراني ۾ رليف آپريشن ڪيو ويو جنهن بعد اپ ۽ ڊائون ٽريڪ جي مرمت ڪري مڪمل طور بحال ڪيو ويو ٽريڪ بحال ٿيڻ بعد مختلف اسٽيشنن تي روڪيل ٽرينن کي پڻ روانو ڪيو ويو حادثي سبب مسافر ٽرينن کي گمبٽ، راڌڻ، پنو محراب پور پڊعيدن سيٺارجا سميت ٻين ريلوي اسٽيشنن تي روڪيو ويو هو جنهن ڪري مسافرن سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو 24 ڪلاڪن جي رليف آپريشن بعد اپ ۽ ڊائون ٽريڪس کي بحال ڪري مسافر ٽرينن کي پنهنجي منزل طرف روانو ڪيو ويو ڊي ايس ريلوي سکر جمشيد عالم ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته واقعي جي انڪوائري بعد حقيقت سامهون ايندي ته واقعو ڪيئن پيش آيو

پنگريو شهر ۾ وڌندڙ بدامني احتجاجي مظاهرو

شهرين پاران پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

شهر ۾ خراب ٿيندڙ امن امان جي صورتحال تي ڳڻتي جوڳي ٿي وئي آهي: مظاهرين

پنگريو (ن ع) پنگريو شهر ۾ وڌندڙ بدامني، منشيات جي سرعام وڪري ۽ موٽر سائيڪل چوري جي واقعن خلاف شهرين پاران پريس ڪلب پنگريو آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي قيادت پير معشوق شاهه قريشي، حاجي پناهه ملاح، رب نواز شوري ارشد چانڊيو نور احمد زنگيجو ۽ ٻين ڪئي.مظاهرين سخت نعريبازي ڪندي شهر ۾ خراب ٿيندڙ امن امان جي صورتحال تي ڳڻتي ظاهر ڪئي. احتجاج دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته پنگريو شهر ۾ منشيات جي کليل وڪري سبب ڏوهن ۾ خطرناڪ حد تائين اضافو ٿي چڪو آهي. منشيات جي عادت ۾ مبتلا ماڻهو مختلف ڏوهن جي وارداتن ۾ ملوث ٿي رهيا آهن جنهن سبب شهرين جي جان ۽ مال سخت خطري ۾ آهي.هنن الزام هنيو ته پوليس جي مبينا غفلت ۽ لاپرواهي سبب ڏوهاري عنصر وڌيڪ بي خوف ٿيندا پيا آهن جنهن ڪري شهري پاڻ کي غير محفوظ محسوس ڪري رهيا آهن.مظاهرين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو ته موٽر سائيڪل چوري جي واقعن ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي، چوري ٿيل موٽر سائيڪلون برآمد ڪرايون وڃن ۽ پنگريو شهر ۾ منشيات فروشي بند ڪرڻ امن امان جي بحالي لاءِ اپاءَ ۽ عملي قدم کنيا وڃن.هنن چتاءُ ڏنو ته جيڪڏهن پوليس ۽ ضلعي انتظاميه شهرين جي تحفظ کي يقيني نه بڻايو ۽ مطالبن تي ترت عملدرآمد نه ٿيو ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو ۽ وڌيڪ سخت احتجاجي لائحه عمل اختيار ڪيو ويندو جنهن جي سموري ذميواري لاڳاپيل اختيارين تي عائد ٿيندي

پنگريو شهر ۾ وڌندڙ بدامني احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

عمرڪوٽ سٽي ۾ پرائمري استادن جي تنظيم پ ٽ الف جي ٻن پينلن ۾ مقابلو

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ سٽي ۾ پرائمري استادن جي تنظيم پ ٽ الف جي ٻن پينلن ۾ مقابلو خادم استاد پينل 393 ووٽ کڻي ڪامياب قرار پ ٽ الف عمرڪوٽ سٽي جو حبيب الله ڪنڀر صدر چونڊجي ويو پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن عمرڪوٽ جي هڪ يونٽ عمرڪوٽ سٽي ۾ خادم استاد پينل ۽ استاد دوست پينل جي وچ ۾ اليڪشن ٿي گذري جنهن ۾ خادم استاد پينل جي حبيب الله ڪنڀر 393 ووٽ کڻي پ ٽ الف عمرڪوٽ سٽي جو صدر چونڊجي ويو جڏهن ته استاد دوست پينل 195 ووٽ کڻي سگهيو. عمرڪوٽ سٽي ۾ پرائمري مرد استادن جا ووٽ 490 جڏهن ته عورت استادن جا 250 ووٽ داخل هئا خادم استاد پينل ۾ صدر حبيب الله ڪنڀار، نائب صدر غلام مصطفي جماڻي، جنرل سيڪريٽري پرڪاش منواڻي،ڊپٽي جنرل سيڪريٽري، ماليات سيڪريٽري نواز علي عمراڻي ۽ آفيس سيڪريٽري چمن کولهي ڪامياب ٿي سگهيا جڏهن ته عورت استاد ۾ نسيمه نسيم سحر ۽ سمي حليم ڪنڀر ڪاميابي پنهنجي نالي ڪئي اليڪشن جي موقعي تي پ ٽ الف ضلعي انفارميشن سيڪريٽري جاويد ڪنڀر ڳالهائيندي چيو ته اليڪشن دوستاڻي ماحول ۾ ٿي آهي جنهن هرهڪ استاد کي پنهنجي ووٽ جو حق حاصل هو اليڪشن جو مقصد استادن جي راءِ کي اهميت ڏيڻ هوندو آهي اڄ تنظيم جي جيت ٿي آهي ۽ تنظيم جو مورال بلند ٿيو آهي خادم استاد پينل جي ڪاميابي تي محمد قاسم ڪنڀر، برهان الدين ڪنڀر،شاهنواز ڪوسو، رتن سنگهه سوڍو،اڪرام الحق آرائين، راج محمد هاليپوٽو ،ولي محمد ڪيري، احمد ڪريمي، قاسم جرڪيجي، مگهن مهر، گل محمد پلي، اسلم رونجهو ۽ ٻين پاران مبارڪون ڏنيون ويون

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي گهوٽڪي ڪيمپس ۾ ثقافتي سرگرميون جاري

ميگا ايونٽ دوران يونيورسٽي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران سنڌي ثقافت جي شاندار عڪاسي

پرو وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مقصود ضياءَ احمد شاهه مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو

گهوٽڪي(ن ع)شاهه عبداللطيف يونيورسٽي گهوٽڪي ڪيمپس ۾ منعقد ٿيل ميگا ايونٽ "ڪيمپس ڪارنيول" ٻئي ڏينهن به رنگارنگ ۽ ثقافتي سرگرمين سان جاري رهيو. ڪارنيول جي ٻئي ڏينهن صبح جي سيشن دوران يونيورسٽي جي شاگردن توڙي مختلف سرڪاري ۽ نجي اين جي اوز ۽ مالي ادارن پاران معلوماتي ۽ فلاحي اسٽال لڳايا ويا. ان موقعي تي سول سوسائٽي جي نمائندن سماجي ڪارڪنن، واپاري برادري سميت مختلف ڪاليجن ۽ تعليمي ادارن جي پرنسپال پنهنجن شاگردن سان گڏ شرڪت ڪئي ۽ ڪارنيول جي سرگرمين مان ڀرپور لطف اندوز ٿيا. ميگا ايونٽ دوران يونيورسٽي جي شاگردن ۽ شاگردياڻين سنڌي ثقافت جي شاندار عڪاسي پيش ڪئي خاص طور تي روايتي سنڌي ثقافتي شادي تي ٻڌل ڊرامو شرڪت ڪندڙن جي توجهه جو خاص مرڪز رهيو جنهن کي تمام گهڻو ساراهيو ويو ان موقعي تي پرو وائس چانسلر گهوٽڪي ڪيمپس پروفيسر ڊاڪٽر مقصود ضياءَ احمد شاهه مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو ۽ شاگردن جي تخليقي صلاحيتن ۽ محنت کي ساراهيو ميگا ايونٽ جي اختتامي شام جو شاندار ۽ رنگارنگ ميوزيڪل نائيٽ جو انعقاد ڪيو ويو جنهن دوران اتحاد بينڊ جي جوش ڀرئي ۽ دل موهيندڙ پرفارمنس شرڪت ڪندڙن کي جهومي اٿڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو شاگردن وڏي جوش ۽ جذبي سان فنڪارن جي حوصلا افزائي ڪئي جنهن محفل جو ماحول وڌيڪ شاندار بڻائي ڇڏيو ميوزيڪل نائيٽ جو خاص مهمان اسسٽنٽ ڪمشنر حيدرآباد افضل خان مگسي هئا، جن ڪارنيول جي انعقاد کي ساراهيندي چيو ته اهڙيون صحتمند هم نصابي سرگرميون شاگردن جي ذهني صحت ۽ شخصيت جي ترقي لاءِ صحتمند هم نصابي سرگرمين جي اهميت تي زور ڏنو هن موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي پرو وائس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مقصود ضياءَ احمد شاهه چيو ته ڪيمپس ڪارنيول جهڙا پروگرام شاگردن جي تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ کين عملي زندگي لاءِ تيار ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هن وڌيڪ چيو ته شاهه عبداللطيف يونيورسٽي گهوٽڪي ڪيمپس شاگردن کي معياري تعليم سان گڏ هم نصابي سرگرمين جا ڀرپور موقعا فراهم ڪري رهيو آهي جيئن شاگرد خوداعتمادي، قيادت ۽ سماجي شعور سان معاشري ۾ مثبت ڪردار ادا ڪري سگهن پرو وائس چانسلر ڪيمپس ڪارنيول جي ڪامياب انعقاد تي انتظاميه استادن ۽ شاگردن کي مبارڪباد پڻ ڏني

گهوٽڪي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي ڪئمپس ۾ منعقد ميگا ايونٽ ۾ پرو وي سي مقصود ضياءَ ۽ ٻيا دورو ڪندي

مانجهند ۾ انجمن ڪربلا مولا سعيدآباد جو اجلاس

اجلاس ۾ اسلام آباد واقعي جي پرزور مذمت، شهداءَ جي وارثن سان تعزيت

دهشتگردي وارن واقعن جي روڪٿام ۽ مسجدن، امام بارگاهن جي سيڪيورٽي وڌائڻ جي گهر

مانجهند(ن ع) سعيدآباد ۾ مرڪزي انجمن آل عمران تعلقہ نگران اعلي سيد عمران حسين شاهه لکياري جي هدايتن تي انجمن ڪربلا مولا سعيدآباد ۾ زوار وقار وزير علي ڪوسو جي صدارت هيٺ ٿي گذري، اجلاس ۾ اسلام آباد واقعي جي پرزور مذمت ڪندي شهداءَ جي وارثن سان دلي همدردي جو اظهار ڪيو ويو ۽ حڪومت کان اهڙن دهشتگرديءَ وارن واقعن جي روڪٿام جا جديد ۽ ٺوس اپاءَ وٺڻ مسجدن امام بارگاهن جي سخت سيڪيورٽي ڪرڻ جو پرزور مطالبو ڪيو ويو. واقعي جي شهداءَ لاءِ پڻ فاتح خواني ڪئي وئي ۽ آخر ۾ ملڪي سالميت لاءِ دعا گهري وئي. ميٽنگ ۾ سيد انور علي شاهه لکياري، سيد ساجد علي شاهه ڪاظمي سيد علي گل شاهه، زوار ديدر محمد ڪوسو زوار وقار وزير علي ڪوسو علي ڪوسو زوار غلام جکرو زوار مشتاق علي ڪوسو مولانا مريد علي حسيني، زوار علي رضا ڪوسو آصف علي ڪوسو مهدي ذوالفقار علي ڪوسو علي رضا قمبراڻي شير فقير خاصخيلي، زوار غلام قمبر ڪوسو فقير راشد علي ملاح، زوار ملو خان ڪوسو عامر خاصخيلي، فقير ملو ميمڻ زوار احسان علي ڪوسو اقبال ڪوسو مولائي حنيف جکرو استاد نصير قمبراڻي ۽ وڪيل جکرو شرڪت ڪئي.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۾ آرٽ گئلري جي افتتاحي تقريب، وائيس چانسلر افتتاح ڪيو

سنڌالاجي صوبائي توڙي ملڪي سطح جو وڏو ثقافتي، تهذيبي ۽ تاريخي اثاثو آهي: ڊاڪٽر فتح محمد مري

اميد آهي ته آرٽ گئلري جي خوبصورتي جي ڪوشش ميوزيم گهمڻ ايندڙن کي ضرور پسند ايندي: ڊاڪٽر فياض لطيف

آرٽ گئلري اداري جو اهم حصو آهي آندل بهتري وٺندڙ آهي: ڊاڪٽر اسحاق سميجو مرتضيٰ سيال ڊاڪٽر ريحانہ ملاح ۽ ٻيا

ڄامشورو: سنڌ يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري سنڌالاجي ۾ آرٽ گئلري جو افتتاح ڪري رهيو آهي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف ۽ ٻيا موجود آهن

ڄامشورو (پ ر) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي ميوزيم ۾ قائم نئين سر سنواريل ۽ وڌايل آرٽ گئلري جي افتتاحي تقريب ٿي گذري، سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ربن ڪٽي آرٽ گئلري جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي سنڌالاجي جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف، ناميارا ليکڪ ۽ سنڌالاجي جا اڳوڻا ڊائريڪٽر ڊاڪٽر اسحاق سميجو مرتضيٰ سيال انجنيئر شفقت وڏي انجنيئر اشتياق انصاري، سنڌي شعبي جو چيئرمين ڊاڪٽر نور محمد شاهه، فئڪلٽي آف فارميسي جو ڊين ڊاڪٽر محمد علي گهوٽو شهيد بينظير ڀٽو چيئر جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ريحانہ ملاح، انگريزي شعبي جو استاد شفقت قادري، ناميارو شاعر علي دوست عاجز ، پروفيسر انور منصور مگريو پڻ موجود هئا. ان موقعي تي پنهنجا ويچار ونڊيندي سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري چيو ته سنڌ يونيورسٽي لاءِ اها وڏي اعزاز جي ڳالهه آهي ته سنڌس انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي صوبائي توڙي ملڪي سطح جو وڏو قومي اثاثو آهي جتي اهم ثقافتي، تاريخي ۽ تهذيبي ورثي سميت قديم ۽ ناياب علمي ۽ ادبي خزانو محفوظ ٿيل آهي. هتي ملڪ جي نامور شخصيتن جا قائم ٿيل ڪارنر ميوزيم گهمڻ ايندڙن جي خصوصي توجهه جو مرڪز هوندا آهن ڊاڪٽر مري چيو ته اسان چاهيون ٿا ته سنڌالاجي کي وڌيڪ بهتر پنهنجي اڳوڻي اوج طرف وٺي وڃون، جنهن لاءِ گهڻ رخيون ڪوششون جاري آهن هن وڌيڪ چيو ته آرٽ گئلري جي نئين سر سنوار ۽ ترتيب سان ان جي خوبصورتي ۾ نمايان اضافو ٿيو آهي گئلري ۾ ملڪ جي نامور آرٽسٽن جون ناهيل نيون پينٽنگس شامل ڪرڻ سان گڏوگڏ ان جي نئين ۽ خوبصورت آرچ ڊزائين واري دروازي جي اضافي سبب ان جي اهميت ويتر وڌي وئي آهي ان موقعي تي هن ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف جي اداري جي بهتري لاءِ ڪيل ڪوشش کي پڻ ساراهيو تقريب ۾ پنهنجا ويچار ونڊيندي سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر فياض لطيف چيو ته اداري ۾ آرٽ گئلري ته ڪافي پراڻي عرصي کان قائم ٿيل آهي پر سائيڊ تي ۽ نمايان نه هجڻ سبب اها ميوزيم گهمڻ ايندڙن جي گهڻي ڌيان ۾ نه هئي ان گئلري کي نمايان ڪرڻ لاءِ ان جو خوبصورت دروازو لڳرائڻ کان علاوه گئلري ۾ نيون پينٽنگ شامل ڪري، ان کي نئين سر سينگاريو ۽ سنواريو ويو آهي ٻهريان کان موجود پينٽنگس کي نئين ترتيب سان آويزان ڪرڻ سميت ناميارن آرٽسٽن جون وڌيڪ نيون پينٽنگس به ڪارنر ۾ رکيون ويون آهن هن اميد ظاهر ڪئي ته آرٽ گئلري جي هي نئين ترتيب ميوزيم گهمڻ ايندڙن کي ضرور پسند ايندي. هن ان موقعي تي وائيس چانسلر جي رهنمائي ۽ همت افزائي جا خصوصي ٿورا مڃيندي چيو ته اداري ۾ ايل هر طرح جي بهتري توڙي علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين پٺيان وائيس چانسلر جي رهنمائي ۽ ساٿ شامل آهي جنهن هن قسم جي سرگرمين جي نه رڳو اجازت پئي ڏني آهي پر انهن تقريبن ۾ شريڪ ٿي اسان جو مان پڻ وڌايو آهي هن تقريب ۾ شريڪ سڀني معزز مهمانن جا ٿورا پڻ مڃيا. ان موقعي تي ويچار ونڊيندي ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته سنڌالاجي سنڌجي ثقافت کي محفوظ ڪندڙ ادارو آهي آرٽ گئلري اداري جو اهم حصو آهي جنهن ۾ نامور آرٽسٽن جي پينٽنگس سان گڏ محمد علي پٺي جي ناهيل شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي خاڪي جي اها ڀهرين مقبول پينٽنگ به رکيل آهي جنهن کي سامهون رکي ٻين آرٽسٽن پينٽنگس ۽ مجسما ناهيا. هن چيو ته آرٽ گئلري ۾ آندل هي بهتري وٺندڙ ۽ ساراهه جوڳي آهي ان موقعي تي مرتضيٰ سيال انجنيئر شفقت حسين وڏي اشتياق انصاري ڊاڪٽر ريحانہ ملاح ۽ ٻين پڻ ويچار ونڊيا ۽ آرٽ گئلري جي نئين ترتيب ۽ سنوار جي واکاڻ ڪئي. هن افتتاحي تقريب ۾ سنڌالاجي جا سيڪشنل هيڊز سلميٰ شيخ سلطان احمد چانڊيو عتيق احمد پٺاڻ ۽ ذوالفقار گوپانگ پڻ موجود هئا.

سرهاري ۾ يارهين درجي جي يتيم شاگرد جو احتجاج

ساليانا امتحاني فارم ڀرائڻ لاءِ ايف اي رشوت پيو گهري: واجد پنگوار

نوٽيس وٺي ساليانا امتحاني فارم ڀرائي تعليمي سال ضايع ٿيڻ کان بچايو وڃي

سرهاري(ن ع) سرهاري شهر جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ يارهين درجي جي يتيم شاگرد سان ساليانا امتحاني فارم جي في نه ڏيڻ تي مبينا طور اسڪول جي ايف اي پاران هڪ هزار روپيا طلب ڪرڻ بعد، رقم نه ملڻ تي شاگرد کي تشدد جو نشانو بڻائي اسڪول مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.متاثر شاگرد جو احتجاج. نوازڏاهري پرسان ڳوٺ نظير پنگوار واسي متاثر شاگرد واجد پنگوار پنهنجي سوٽ عرفان علي سان گڏ انصاف لاءِ نيشنل پريس ڪلب سرهاري پهچي احتجاج ڪندي هن ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو ته هو گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان يارهين درجي جا ساليانا امتحاني فارم ڀرائڻ جي لاءِ اسڪول انتظاميا وٽ چڪر ڪاٽي رهيو هو پر فارم نه ڀريو ويو ڪيس هر ڀيري سڀاڻ جو چٽي سوڪايو ويو

سرهاري يارهين درجي جي يتيم شاگرد احتجاجي مظاهرو ڪري رهيو آهي

Indonesia is proudly participating in the My Karachi: Oasis of Harmony exhibition from 6 to 8 February 2026 at Karachi Expo Centre, Hall 5, through a dedicated Indonesian pavilion facilitated by the Consulate General of the Republic of Indonesia in Karachi. The pavilion serves as a one-stop hub promoting Indonesia's economic, cultural, and educational opportunities, featuring export products, business partnership prospects, scholarship information, and daily interactive activities. Consul General Mudazakir MA stated that Indonesia's participation reflects its strong commitment to deepening economic cooperation, people-to-people connections, and educational collaboration with Pakistan, while further strengthening the long-standing friendship and mutually beneficial ties between the two countries.

The Sri Lanka Consulate in Karachi marked Sri Lanka's 78th National Independence Day with a vibrant ceremony celebrating national pride and the strong Sri Lanka–Pakistan friendship. Consul General H.E. Sanjeewa Pattiwila hoisted the national flag and, in his address, highlighted Sri Lanka's resilience and economic recovery, noting that "within eighteen months, through collective struggle and determination, Sri Lanka has achieved tangible economic progress," even overcoming challenges such as Cyclone Ditwah. He expressed deep gratitude to Pakistan for its longstanding support, including humanitarian assistance, security cooperation, and educational opportunities under the Allama Iqbal Scholarship Scheme. The event also underscored growing bilateral trade under the Pakistan–Sri Lanka Free Trade Agreement, strong educational ties, and cultural diversity through multi-faith prayers, while a blood donation drive for Pakistani thalassemia patients reflected shared humanitarian values, reaffirming the enduring bond between the two nations.

The Consulate General of Thailand also set up an attractive stall at the ongoing My Karachi Expo at Karachi Expo Centre, showcasing a range of Thai products that were warmly appreciated by Pakistani consumers. Referring to Pakistan–Thailand trade relations, Mr. Surashete Boontinand, Consul General of Thailand in Karachi, highlighted the strong potential for expanding bilateral trade and strengthening commercial cooperation between the two countries. Toward the end of the visit, the President of the Karachi Chamber of Commerce and Industry, Mr. Rehan Hanif, paid a special visit to the Thai pavilion, where the Consul General presented him with a gift of Thai products, in the presence of Mr. Arif Suleman and other distinguished guests.

The Karachi Chamber of Commerce and Industry organized the My Karachi: Oasis of Harmony exhibition at the Karachi Expo Centre, which was inaugurated by Sindh Chief Minister Syed Murad Ali Shah. The opening ceremony was attended by

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڪولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 11 فيبروري 2026ع

سرڪاري نوڪريون ۽ پرائيويٽ شعبي ۾ اُجوري جو معاملو

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سيوهڻ ۾ قلندر جي ميلي دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي وضاحت ڪئي ته سرڪاري نوڪريون سيني کي دستياب نه ٿيون ٿي سگهن، نوجوانن کي هنر سيکارڻ ۽ پيشه ورانه تربيت ڏيڻ لاءِ پروگرام ترتيب ڏنا پيا وڃن. هن جي بيان مان واضح ٿئي ٿو ته حڪومت عوام کي روزگار جو موقعو فراهم ڪرڻ لاءِ صرف سرڪاري نوڪرين تي ڀاڙڻ بدران، ماڻهن کي خودمختياري حاصل ڪرڻ جا طريقا سيکارڻ چاهي ٿي. پر هتي اصل مسئلو اهو آهي ته ڪيترائي پرائيويٽ ادارا يا فرم ڪم ڪندڙ ماڻهن کي ايترو اُجورو مهيا نٿا ڪن جو انهن جي گذر بسر لاءِ ڪافي هجي. جڏهن مزدور ۽ نوجوان پنهنجي محنت سان مناسب آمدني حاصل نٿا ڪري سگهن ته اهي سرڪاري نوڪري ۽ امدادي پروگرام ڏانهن رجوع ڪن ٿا. جنهن سان سرڪاري وسيلن تي دٻاءُ وڌي ٿو انهيءَ پس منظر ۾ حڪومت کي پرائيويٽ شعبن ۾ اُجوري جو به جائزو وٺڻ گهرجي. جيڪڏهن ماڻهن کي پرائيويٽ ادارن ۾ مناسب اُجورو ملي ته اهي پنهنجي زندگيءَ لاءِ خودمختيار ٿي سگهن ٿا ۽ سرڪاري نوڪرين تي دٻاءُ گهٽ ٿيندو اهو نه رڳو معيشت کي مستحڪم ڪندو پر نوجوانن ۾ اعتماد ۽ پيشه ورانه تربيت پڻ وڌائيندو. وڏي وزير به واضح ڪيو ته نوجوانن کي هنر سيکارڻ ۽ پيشه ورانه مهارتن جي تربيت ڏيڻ لاءِ پروگرام تيار ڪيا پيا وڃن. هي قدم اهم آهي، ڇو ته روزگار صرف نوڪري حاصل ڪرڻ تائين محدود نه آهي پر ماڻهو پنهنجي مهارتن جي بنياد تي ڪم ڪري پنهنجي زندگي گذاري سگهن ٿا ۽ اهو ئي سماجي ۽ معاشي خودمختياريءَ جو بنياد آهي. ان کان علاوه، سرڪاري نوڪريون صرف محدود ماڻهن کي ملي سگهن ٿيون. جيڪڏهن حڪومت صرف نوڪرين تي ڌيان ڏيندي ته وڏي انگ ۾ نوجوان ۽ محنت ڪندڙ طبقا بيروزگار رهجي ويندا. ان جي نتيجي ۾ سماج ۾ مايوسي وڌي ٿي ۽ نوجوان سرڪاري امداد تي ڀاڙڻ تي مجبور ٿين ٿا. اهڙي صورتحال ۾ پرائيويٽ شعبن کي پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن فرم ۽ ڪمپنيون ڪم ڪندڙن کي مناسب اُجورو ڏين، جنهن سان انهن جو گذر بسر ٿي سگهي ته نوجوان پنهنجو وقت ۽ محنت سرڪاري نوڪرين جي ڳولا بدران پنهنجي زندگيءَ جي تعمير ۾ لڳائي سگهن ٿا. سرڪار کي ان سلسلي ۾ نگراني ۽ پاليسي ترتيب ڏيڻ گهرجي ته پرائيويٽ ادارا به ڪم ڪندڙن کي مناسب اُجورو ڏين ۽ انساني قدرن جو لحاظ ڪن.

سرڪاري نوڪرين ۽ پرائيويٽ شعبن ۾ اُجوري جو مسئلو صرف اقتصادي نه پر سماجي مسئلو پڻ آهي. اهو سماج ۾ امن، استحڪام ۽ ڀروسو پيدا ڪري ٿو. نوجوان بيروزگاري ۽ مالي تڪليف سبب غير قانوني يا غير محفوظ رستن ڏانهن نه ٿا وڃن، پر پنهنجو پاڻ کي معاشي طور تي مضبوط بڻائين ٿا. انهيءَ پس منظر ۾ سنڌ حڪومت لاءِ هڪ اهم سبق اهو آهي ته پرائيويٽ شعبن ۾ اُجوري ۽ روزگار جا موقعا وڌائڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ گهرجن. جيڪي ماڻهن کي زندگي گذارڻ جي قابل بڻائين. جيڪڏهن اهو نظام قائم ڪيو وڃي ته سرڪاري نوڪريون انهن لاءِ هڪ آپشن ٿي سگهن ٿيون پر بنيادي زندگي گذارڻ لاءِ ماڻهن کي پنهنجو پاڻ تي ڀروسو هوندو. ٻيو ته حڪمران اِن ڳالهه کي پڻ يقيني بڻائين ته سنڌ جي جن به علائقن مان معدنيات ميسر ٿي رهي آهي، اُتي مقامي ماڻهن کي اوليت جي بنياد تي روزگار ڏنو وڃي، نه رڳو روزگار پر ترقياتي ڪمن ۾ پڻ اُنهن علائقن کي ترجيح ڏني وڃي ته جيئن ماڻهو محروميءَ کان پري رهي سگهن. ان حوالي سان اسين سنڌ سرڪار کي اِها ئي صلاح ڏينداسين ته ٻه وکون وڌائي اُنهن هزارين پيٽرول پمپ ورڪرن کان معلومات ورتي وڃي ته اُنهن کي مهيني ۾ ڪيترو اُجورو ملي ٿو. اُن کان علاوه جيڪي پرائيويٽ بينڪن يا مختلف ماڳن تي سيڪيورٽيءَ جا فرائض انجام ڏئي رهيا آهن، اُهي ڪيتري پگهار کڻن ٿا، يا مختلف ڪمپنين، فيڪٽرين ۾ ڪم ڪندڙ ورڪرن جي معاشي حالت ڪهڙي آهي؟ اِن ڏس ۾ ورتل ڪوششون نوجوانن لاءِ اُتساهه جو سبب بڻجنديون ۽ اُهي سرڪاري نوڪرين لاءِ وقت وڃائڻ بدران عزت ڀرئي روزگار لاءِ ويچارڻ لڳندا.

گهوٽڪيءَ ۾ علم ۽ ادب جو ٽن ڏينهن وارو ڪتابي فيسٽيول


احمد حسن پنهور

گهوٽڪي ضلعي انتظاميا پاران سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) شاخ گهوٽڪي ۽ روشن تارا ماڊل هائير سيڪنڊري اسڪول جي سهڪار سان ٽن ڏينهن وارو شاندار "گهوٽڪي بڪ فيسٽيول" اڄ 11 فيبروريءَ کان 13 فيبروري 2026ع تائين گهوٽڪيءَ ۾ منعقد ڪيو پيو وڃي، جيڪو ضلعي جي تاريخ جو پهريون ۽ سڀ کان وڏو ڪتابي ميلو قرار ڏنو پيو وڃي.

ضلعي ۾ علم، ادب ۽ ثقافت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هڪ اهم ۽ تاريخي قدم طور ضلعي انتظاميا، ميونسپل ڪميٽي، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن شاخ گهوٽڪي ۽ روشن تارا اسڪول جي گڏيل سهڪار سان منعقد ٿيندڙ بڪ فيسٽيول ۾ سنڌ جي نامور پبلشرن، اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ تعليمي ماهرن جي وڏي انگ ۾ شرڪت جو امڪان آهي.

فيسٽيول جي افتتاحي تقريب جو خاص مهمان ڪمشنر سکر ڊويزن عابد سليم قريشي ۽ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراڻي هوندا، جڏهن ته اختتامي تقريب ۾ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن جا مرڪزي چيئرمين رفيق احمد جعفري، سيڪريٽري جنرل علي حسين بروهي، وائيس چيئرمين خالد حسين جتا، ڊپٽي سيڪريٽري جنرل پروفيسر بخش علي چانڊيو ۽ سيڪريٽري اطلاعات احمد حسن پنهور سميت ٻيا اڳواڻ شرڪت ڪندا.

فيسٽيول دوران سنڌ جي مشهور ۽ ناليوارن پبلشرن پاران تاريخ، ادب، شاعري، سائنس، سماجيات، ٻارن جي ادب ۽ مقابلي جي امتحانن (CSS/SPSC) بابت هزارين ڪتابن جا اسٽال لڳايا ويندا، جتي ڪتاب خاص رعايتي اگهن تي دستياب هوندا. ان سان گڏ ثقافتي پروگرام، فوڊ اسٽال، گهوٽڪيءَ جي مشهور پيڙن جا اسٽال، ٻارن لاءِ تعليمي سرگرميون، اصلاحي ٽيبلوز ۽ ميوزيڪل نائيٽ پڻ منعقد ڪيون وينديون، جنهن سان ميلي کي علمي توڙي ثقافتي رنگ ملندو.

ان حوالي سان فيسٽيول جي ڪور ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽري سڪندر اوڳاهي ميڊيا کي ٻڌايو ته ميلي دوران مختلف موضوعن تي اهم علمي ۽ فڪري سيشن منعقد ٿيندا، جن ۾ جديد دور ۾ ڪتاب پڙهڻ جي اهميت، نوجوانن لاءِ سي ايس ايس ۽ پي ايم ايس ۽ ٻين مقابلي جي امتحانن ۾ رهنمائي، نوجوانن ۽ قانوني برادريءَ جو ڪردار ۽ ڪتاب پڙهڻ جي ثقافت کي هٿي وٺرائڻ ۾ پبلشرن جو ڪردار شامل آهي. انهن سيشنن ۾ نامور دانشور، سرڪاري آفيسر، قانوني ماهر ۽ تعليمي شخصيتون شرڪت ڪري پنهنجا پنهنجا خيال پيش ڪنديون. هن ميلي جو بنيادي مقصد نوجوان نسل ۾ ڪتابن جي پڙهڻ جو رجحان وڌائڻ، علمي شعور اجاگر ڪرڻ ۽ سماج ۾ مطالعي جي ثقافت کي فروغ ڏيڻ آهي. جديد ڊجيٽل دور ۾ جتي نوجوان موبائيل فون ۽ سوشل ميڊيا ۾ مصروف ٿي ڪتابن کان پري ٿيندا پيا وڃن، اتي اهڙا ڪتابي ميلا کين ٻيهر علم جي دنيا سان جوڙڻ جو ذريعو بڻجن ٿا.

ميلي جي انتظاميه موجب 12 فيبروري، يعني خميس جو ڏينهن خاص طور تي عورتن، ڪاليجن ۽ اسڪولن جي شاگردياڻين ۽ فيمليز لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي، جيئن عورتن ۽ شاگردياڻين کي محفوظ ۽ آرامده ماحول ۾ ڪتابن جي دنيا سان ويجهڙائيءَ جو موقعو ملي سگهي.

سگا گهوٽڪيءَ پاران ضلعي جي تعليمي ادارن، ادبي تنظيمن، استادن، شاگردن ۽ عام شهرين کي اپيل ڪئي وئي آهي ته هو هن علمي ميلي ۾ وڌ کان وڌ شرڪت ڪن ۽ پنهنجي ٻارن ۾ ڪتابن سان محبت پيدا ڪن. ڇاڪاڻ ته ڪتاب ئي علم، شعور ۽ روشن مستقبل جي ضمانت آهن. گهوٽڪي بڪ فيسٽيول جي ڪور ڪاميٽيءَ ۾ شامل اڳواڻن اسسٽنٽ ڪمشنر نويد احمد ڪوڪر (ڪنوينر)، مختيارڪار شاهد حسين دايو (ڊپٽي ڪنوينر)، سي ايم او ميونسپل ڪميٽي قمر زمان انڊڙ (ڪوآرڊينيٽر)، سڪندر اوڳاهي (سيڪريٽري) ۽ اياز لطيف دايو (ڊپٽي سيڪريٽري) طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن، جڏهن ته مختلف شعبن سان لاڳاپيل معزز شخصيتون پڻ ميمبر طور شامل آهن.

ماهرن جو چوڻ آهي ته ڪتابي ميلا ڪنهن به سماج جي فڪري ترقيءَ جو بنياد هوندا آهن. جتي ڪتابن سان دوستي وڌندي آهي، اتي شعور، رواداري ۽ ترقيءَ جا در کلندا آهن. اهڙيون علمي سرگرميون نه رڳو نوجوانن جي ذهني نشونما ڪن ٿيون پر سماج ۾ مثبت تبديليءَ جو به سبب بڻجن ٿيون. ٻارن لاءِ ڪتابي ميلا خاص اهميت رکن ٿا، ڇو ته رنگين ڪتابن، ڪهاڻين ۽ علمي سرگرمين ذريعي سندن سوچڻ ۽ سکڻ جي صلاحيت وڌي ٿي. ڪتابن سان محبت ڪندڙ ٻار اڳتي هلي باشعور، ذميوار ۽ مهذب شهري بڻجن ٿا، جيڪي پنهنجي سماج ۽ ملڪي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) جهڙيون سماجي ۽ علمي تنظيمون جڏهن گهوٽڪيءَ جهڙن شهرن ۾ اهڙا ڪتابي ميلا منعقد ڪن ٿيون ته اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته اسان پنهنجي نئين نسل جي فڪري تربيت ۽ علمي واڌاري لاءِ سنجيده آهيون. هيءُ ميلو سنڌ جي علمي ورثي کي محفوظ رکڻ ۽ نوجوانن کي "علم ئي طاقت آهي" جي

آمريڪا جي فضائن مان

خاموش طاقتون، اڌورا جواب ۽ ايپسٽين جي موت بابت نئون سوال؟

راجا زاهد اختر خانزاده

ايپسٽين فائلن جي نئين رليز هڪ ڀيرو ٻيهر دنيا کي انهيءَ ئي موڙ تي آڻي بيهاريو آهي جتي اخلاق، طاقت، شهرت ۽ خوف هڪ ٻئي ۾ ڳنڍجي وڃن ٿا لکين صفحا، تصويرون، ويڊيوز ۽ ڪاري مس سان ڍڪيل ريڊيڪشن باڪس پڙهندڙ آڏو اهڙي دنيا جو نقشو پيش ڪن ٿا، جيڪا ظاهري طور روشن آهي پر اندر کان بند ڪمرن وانگر اونده ۾ ويڙهيل آهي هن رليز کان پوءِ سڀ کان وڌيڪ جيڪا شيءِ سامهون اچي ٿي اها نالن جي ڳولا آهي ماڻهو فائل پڙهڻ کان وڌيڪ سرچ بار ۾ نالا ٽائيپ ڪري رهيا آهن ۽ هر نالي سان ڳنڍ هڪ نئين ڪهاڻي ٺهي به ٿي ۽ ٽٽي به وڃي ٿي. هتي ئي مائيڪل جيڪسن جو نالو به ٻيهر اڀري اچي ٿو جنهن ڪنهن پراڻي تصوير تي اوچتو ٽارچ جي روشني پئجي وڃي ۽ ماڻهو سمجهن ته شايد اها ئي پوري فلم آهي مائيڪل جيڪسن ۽ جيفري ايپسٽين جي لاڳاپي جي حقيقت جيڪڏهن دستاويزي بنياد تي ڏٺي وڃي ته ان جي سڀ کان واضح ۽ بار بار حوالو بڻجندڙ ڪڙي هڪ ڊيوزيشن آهي

ايپسٽين فائلن ۾ جيتوڻيڪ مائيڪل جيڪسن ۽ جيفري ايپسٽين جو ذڪر محدود دائري ۾ اچي ٿو پر هن سموري منظرنامي کي سمجهڻ لاءِ پسمنظر ۾ موجود ٻين طاقتور نالن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي انهن فائلن ۾ ڊونلڊ ٽرمپ جو ذڪر مختلف سماجي حوالن ۽ اخباري ڪٽنگز وسيلي ملي ٿو بل ڪلنٽن جي نالي سان سفري رڪارڊ ۽ ملاقاتن جا حوالا موجود آهن برطانوي شاهي خاندان مان شهزادو اينڊريو ۽ ايپسٽين جي لاڳاپن تي اڳ ئي عدالتي ۽ ميڊيا سطح تي بحث ٿي چڪو آهي جڏهن ته اسرائيل جي اڳوڻي وزيراعظم ايهود باراڪ جو نالو به ملاقاتن ۽ رابطن جي حوالي سان سامهون اچي ٿو ساڳيءَ ريت هينري ڪسنجر، جارج مچل ۽ وليم رچرڊسن جهڙا نالا عالمي سفارتڪاري ۽ سياسي طاقت جي انهيءَ دائري جي ياد ڏيارين ٿا، جنهن ۾ ايپسٽين آزاديءَ سان داخل ٿيندو رهيو ٽيڪنالاجي ۽ سرمائيداري جي دنيا ۾ ايلون مسڪ، بل گيٽس، پيٽر ٿيل ۽ ريڊ هوفمين جهڙا نالا اي ميلز يا سماجي رابطن جي تناظر ۾ اچن ٿا، جڏهن ته رچرڊ برينسن ۽ ٻيا وڏا سرمائيڪار ان ماحول جي معاشي قوت کي ظاهر ڪن ٿا انهن سڀني نالن جو ذڪر هتي ڪنهن الزام طور نه، پر ان حقيقت جي اظهار لاءِ آهي ته ايپسٽين ڪنهن هڪ شعبي تائين محدود نه هو هو سياست، سرمائي، شهرت ۽ طاقت جي انهن سڀني دائرن جي وچ ۾ گهمندو رهيو ۽ اها ئي فضا آهي جنهن ۾ مائيڪل جيڪسن جهڙي عالمي شهرت يافته فنڪار جو نالو به رڳو هڪ ذڪر نه ٿو رهي پر هڪ وڏي مبهم ۽ خوفزده دور جي علامت بڻجي وڃي ٿو عدالت ۾ جاري ٿيل دستاويزن ۾ ايپسٽين جي متاثر ٿيل عورت جوانا شوبرگ بيان ڏنو ته هوءَ مائيڪل جيڪسن سان ايپسٽين جي پام بيچ فلوريڊا واري گهر ۾ ملي هئي ۽ هن اهو به چيو ته هن مائيڪل جيڪسن کي ڪو به مساج وغيره نه ڏنو اهو بيان ڪنهن قياس تي نه پر عدالتي رڪارڊ اندر سوال جواب جي صورت ۾ موجود آهي ان ڪري ئي مغربي ميڊيا ۾ بار بار اها ڳالهه ورجائي وئي ته مائيڪل جيڪسن جو نالو ايپسٽين جي نيٽ ورڪ سان جڙيل دستاويزن ۾ آيو آهي

هتي هڪ نڪتو انتهائي ضروري آهي مائيڪل جيڪسن جو ڪنهن تصوير يا دستاويز ۾ ذڪر اچي وڃڻ يا ڪنهن شاهد جو اهو چوڻ ته هوءَ انهن کي ڪنهن هنڌ ڏسي چڪي آهي بذات خود ڪنهن جرم يا شراڪت جو ثبوت نٿو بڻجي ڪيترائي نالا اهڙا آهن جيڪي انهن دستاويزن ۾ رڳو ذڪر طور اچن ٿا ۽ معتبر ذريعا بار بار اهو اصول ورجائين ٿا ته صرف نالو اچي وڃڻ الزام يا جرم ناهي پر مسئلو قانون جو نه فضا جو آهي ايپسٽين جي چوڌاري فضا اهڙي بڻجي چڪي آهي جو معمولي ذڪر به قياس کي ڀڙڪائي ڇڏي ٿو ۽ پوءِ قياس جو درياهه سچ جي ڪناري کي ٽوڙي اندر تائين وهڻ لڳي ٿو

هتي مائيڪل جيڪسن جي شخصيت الڳ وزن سان داخل ٿئي ٿي هو رڳو عالمي فنڪار نه هئا پر پنهنجي حياتيءَ ۾ به مسلسل تڪرار ۽ جاچ هيٺ رهيا. ڪڏهن الزام، ڪڏهن بريت، ڪڏهن سازش جو شور، ڪڏهن طبي ڪمزوريون ۽ مالي دٻاءُ ۽ پوءِ موت.

هن وقت ايپسٽين فائلن جو شور ۽ طاقتور نالن جي فهرستن جي وچ ۾ هڪ پراڻو پر لرزائيندڙ آواز به ٻيهر بحث ۾ اچي ٿو اهو مائيڪل جيڪسن جو آواز آهي جيڪو پنهنجي اڳوڻي مئنيجر سان هڪ فون ڪال ۾ چوي ٿو ته "منهنجي خلاف هڪ گروهه سرگرم آهي اهو حڪومت کان به وڏو آهي ان کان به وڌيڪ طاقتور آهي اهي اهو تاثر به ڏئي سگهن ٿا ته مون خودڪشي ڪئي يا منشيات جي زيادتيءَ سبب مري ويس" اهي لفظ ڪنهن الزام جي صورت ۾ نه پر هڪ خوفزده انسان جي اڳواٽ چيخ آهن اها ڪال ايپسٽين فائلن جو حصو نه آهي پر ان دور جي نفسيات کي ضرور ظاهر ڪري ٿي جتي طاقت نظر نه اچي پر محسوس ٿئي ٿي جتي فيصلا عدالتن ۾ نه پر بند دروازن پٺيان ٿين ٿا ۽ جتي ڪڏهن ڪڏهن انجام اڳ ۾ لکيو وڃي ٿو ۽ موت پوءِ اچي ٿو شايد ان ڪري، جڏهن اڄ ايپسٽين جي فائلن ۾ خاموش طاقتن جو ذڪر ٿئي ٿو ته مائيڪل جيڪسن جو اهو لرزندڙ آواز ٻيهر معنيٰ اختيار ڪري ٿو، ثبوت طور نه، پر هڪ سوال طور، جيڪو اڃا به هوا ۾ لٽڪيل آهي

هاڻي سوال اهو ٿو بڻجي ته جيڪڏهن لاڳاپي جو دستاويزي حصو ايترو محدود آهي ته پوءِ شور ايترو وڏو ڇو آهي؟ ان جو جواب ايپسٽين جي نالي ۾ لڪل آهي ايپسٽين هاڻي رڳو هڪ فرد نه رهيو آهي هو هڪ علامت بڻجي چڪو آهي اهڙي علامت، جنهن ۾ طاقت جا ڪلب، دولت جا دروازا، سياست جي ويجهڙائپ ۽ ڪمزور انسانن جي بربادي هڪ ئي تصوير ۾ سميٽجي اچي ٿي اهڙي علامت جي وچ ۾ جڏهن مائيڪل جيڪسن جو نالو اچي ٿو ته ماڻهن کي لڳي ٿو ته کين ڪو خفيه رستو ملي ويو آهي جڏهن ته اڪثر ائين نٿو ٿئي ان ڪري ئي سوشل ميڊيا تي گردش ڪندڙ آڊيوز ۽ ٽڪرن جي صورت ۾ ايندڙ ڪهاڻيون به فوراً انهيءَ وهڪري ۾ وهي وڃن ٿيون ڪجهه بابت مداحن جا حلقا چون ٿا ته اهي حقيقي آهن ۽ ڪجهه بابت اهو به سامهون آيو آهي ته ڪيترين وائرل ڪلپن کي غلط نسبت ڏني وئي يا اهي جعلي ثابت ٿيون بهرحال هن ڪالم ۾ مان ان کي نفسياتي ۽ سماجي حقيقت طور پيش ڪري رهيو آهيان، اهڙي آواز طور، جنهن کي ماڻهو سچ سمجهي پنهنجي خوف کي معنيٰ ڏين ٿا نه ڪنهن قطعي ثابت ٿيل قانوني دستاويز طور، ڇو ته جڏهن ثبوت جي سطح تي ڳالهه ڪجي ٿي ته اتي اسان کي اتي ئي بيهڻو پوي ٿو جتي عدالت يا معتبر تحقيق بيٺل هجي

هاڻي اچو ايپسٽين جي ٻيٽ ڏانهن ڇو ته اتي پراسراريت رڳو قصن مان نه پر تعمير مان به جنم وٺي ٿي لٽل سينٽ جيمز جنهن کي ماڻهو ايپسٽين آءِ لينڊ چون ٿا، رڳو ساحلي جنت نه هو ان جي اندر هڪ الڳ دنيا هئي هيلي پيڊ، ڊاڪ، گيسٽ هائوسز مين رهائش ۽ پوءِ اها عمارت، جنهن سڄي دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ سوال اٿاريا نيري ۽ اڇي رنگ جون ڌاريون، مٿان ڪنهن وقت سنهري گنبذ ان جي سامهون ڳاڙها ۽ اڇا جيوميٽرڪ نقشا، جن کي ڪيترين رپورٽن ۾ ليبيرنٿ جهڙو ڊيزائن چيو ويو ماڻهن ان کي مذهبي علامتن، خفيه سوسائٽين ۽ ميسونڪ اشارن سان ڳنڍيو پر مسئلو اهو نه آهي ته اهي دعوائون ثابت آهن. مسئلو اهو آهي ته ايپسٽين جي ڪيس ۾ هر غيرمعمولي شيءِ پاڻ سان سوال کڻي اچي ٿي

اها عمارت ڇو ٺهي؟ ڪهڙي مقصد لاءِ ٺهي؟ ان جي اندر ڇا هو؟ انهن سوالن بابت سالن کان مختلف ڳالهيون ٿينديون رهيون ڪجهه رپورٽن ۾ اهو به آيو ته هڪ شخص جيڪو اتي پيانو ٽيون ڪرڻ ويو هو، هن اندر جي هڪ وڏي ڪمري جو تفصيل بيان ڪيو اهڙا بيان پراسراريت کي وڌائين ٿا، پر صحافت جو ڪم اهو ئي آهي ته هو پراسراريت بيان ڪري، پر ان کي يقين ۾ تبديل نه ڪري، ان ڪري ئي هن ٻيٽ جي سڀ کان وڏي حقيقت اها آهي ته اهو سوال پيدا ڪري ٿو جواب نٿو ڏئي

هاڻي انهيءَ ٻيٽ جي چوڌاري اها ئي ڪشش پيدا ٿئي ٿي جيڪا ممنوع ڪمرن جي چوڌاري پيدا ٿئي ٿي اها عمارت شايد پٿر، رنگ ۽ گنبذ کان وڌيڪ ڪجهه نه هجي پر طاقت جي دنيا ۾ علامتون ڪڏهن به ساديون ناهن هونديون نيري ۽ اڇي ڌارين واري اها بناوت، جنهن جي مٿان سنهري گنبذ پري کان سج جي روشنيءَ ۾ چمڪندو هو رڳو هڪ عمارت نه ٿي لڳي، پر هڪ سوال جي صورت اختيار ڪري ٿي سوال اهو نه آهي ته اتي ڇا ٿيندو هو پر اهو آهي ته اسان کي اها عمارت ڏسي ڇو ڪنهن خفيه عبادت گاهه جو گمان ٿئي ٿو تاريخ ۾ طاقتور طبقن هميشه علامتن جو سهارو ورتو آهي گنبذ طاقت جي علامت رهيو آهي رنگ سڃاڻپ بڻيا آهن ۽ بند دروازا تجسس کي جنم ڏيندا رهيا آهن جڏهن اهڙو شخص، جنهن جا جرم ثابت ٿي چڪا هجن اهڙي عمارت ٺاهي جنهن جو مقصد واضح نه هجي ته شڪ فطري بڻجي وڃن ٿا اهي شڪ ثبوت جو نعم البدل نه آهن پر انساني شعور جي اها چيخ آهن جيڪا چوي ٿي ته طاقت ڪڏهن به مڪمل شفاف نه هوندي آهي

هاوس اوور سائيٽ ڪميٽي چوي ٿي ته اها عبادت گاهه نه هئي ميڊيا چوي ٿي ته ڪو ثبوت ناهي اهي سڀ ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي درست ٿي سگهن ٿيون پر سوال رهجي وڃي ٿو ته پوءِ اها عمارت ايتري مختلف ڇو هئي؟ جيڪڏهن اها رڳو آرڪيٽيڪچر هئي ته ان کي ايترو علامتي ڇو ناهيو ويو، جو ڏسندڙ ان کي عام عمارت نه سمجهي؟ شايد اهوئي اهو مقام آهي جتي سازشي نظريا جنم وٺن ٿا. جڏهن طاقت پاڻ وضاحت نٿي ڏئي ته خال ڪهاڻين سان ڀرجي وڃي ٿو اها عمارت اسان کي اهو به ياد ڏياريندي آهي ته ايپسٽين جو معاملو رڳو جرمن جو نه پر ان ماحول جو آهي جنهن ۾ اهي جرم ممڪن ٿيا بند ٻيٽ، بند عمارتون، بند فائلون ۽ اڃا به بند راز گنبذ مذهبي نه هجي پر اهو انهيءَ رازداراڻي ماحول جي علامت ضرور بڻجي ويو آهي جنهن هڪ شخص کي سالن تائين ناقابل سوال بڻائي رکيو.

شايد اصل سوال اهو نه آهي ته ان عمارت ۾ ڇا هو، پر اهو آهي ته اسان اهڙي دنيا ۾ ڇو رهون ٿا، جتي هڪ مجرم ايترين علامتن، ايترا پردا ۽ ايتري خاموشي گڏ ڪري سگهي ٿو ۽ شايد ان ڪري ئي نيري ۽ اڇي رنگن واري اها عمارت اڄ به ماڻهن جي ذهن ۾ عبادت گاهه وانگر بيٺي آهي، ڇو ته جڏهن طاقت پاڻ کي راز ۾ ويڙهي ٿي ته هر عبادتگاهه لڳڻ لڳي ٿي ان طرح ماڻهو اهو به چون ٿا ته اتي سڀ داخل هو، ڪجهه چون ٿا ته مخصوص بينچون هيون، ڪجهه ان کي انگن جي راند سان ڳنڍين ٿا، پوءِ ڪو چوي ٿو ته اهي طاقت جون علامتون هيون، ڪو چوي ٿو ته اهو رڳو آرڪيٽيڪچر هو پر ايپسٽين سان هر شيءِ هڪ پسمنظر اختيار ڪري وٺي ٿي، تنهنڪري آرڪيٽيڪچر به سادو نٿو رهي مين اسٽريم رپورٽن ۾ به اهو نمايان رهيو آهي ته اهو ٻيٽ سالن تائين هن ڪيس جي الزامن جو مرڪز رهيو ۽ مقامي ماڻهو ان کي مختلف نالن سان سڏيندا رهيا. هاڻي واپس موت ڏانهن اچون، جو ته موت ڪانسواءِ اهي فائلون مڪمل نٿيون ٿين ماضيءَ ۾ ايپسٽين جي موت کي سرڪاري طور خودڪشي قرار ڏنو ويو، پر پوءِ انهيءَ ئي ڪيس ۾ اهڙا عجيب خال سامهون آيا، جيڪي عوام کي مطمئن ٿيڻ نٿا ڏين تازو سي بي ايس نيوز جي تحقيق جيل جي وڊيو بابت اهو ظاهر ڪيو ته جنهن وڊيو کي ڪيترن اعليٰ عملدارن واضح ۽ فيصلائتو قرار ڏنو، اها دراصل ايتري واضح نه هئي ڪئميرا جو زاويو اهڙو هو جو اها جاءِ مڪمل نظر نٿي اچي جنهن بابت پڪ سان چيو ويو ته اتي ڪو داخل نه ٿيو سي بي ايس اهو به لکيو ته وڊيو مان اهي قطعي نتيجا ڪڍڻ آسان نه آهن جيڪي عوام کي ٻڌايا ويا ساڳيءَ ريت قيدين جي لازمي هر اڌ ڪلاڪ چيڪ نه ٿيڻ عملي جي ناڪامي ۽ ٻيا انتظامي پهلو به هن ڪيس جي زخمن کي تازو رکندا رهن ٿا ۽ هاڻي جڏهن فائلن جي نئين رليز سان ميڊيا ۾ ٻيهر انهيءَ نارنگي رنگ جي ڌنڌلي تصوير جو ذڪر زور وٺي ٿو ته اها ڪهاڻي رڳو ايپسٽين جي نه ٿي رهي اها رياست جي بيانئي ۽ عوامي شڪ جي وچ ۾ هڪ ڇڪتاڻ بڻجي وڃي ٿي ڪجهه رپورٽن ۾ ان ڌنڌلي منظر بابت مختلف تشريحات سامهون اچن ٿيون ۽ اهوئي تضاد سوال کي زنده رکي ٿو.

هاڻي هن سڄي تصوير ۾ مائيڪل جيڪسن ڇو اهم بڻجي ٿو؟ ان ڪري، جو هو به انهيءَ ئي دور جي هڪ علامت هو اهڙو انسان، جنهن کي دنيا بي پناهه محبت ڏني پوءِ بي پناهه الزام به ڏنا ۽ پوءِ جڏهن هو نٿي رهيو هو ته دنيا ان کي تماشي وانگر ڏٺو ايپسٽين فائلن ۾ انهن جو نالو رڳو هڪ ملاقات طور آيو پر اها ملاقات ته رهي ٿي اها هڪ آئينو بڻجي وڃي ٿي اهو آئينو ڏيکاري ٿو ته طاقتور حلقن جي ڊرائنگ روم ۾ ڪير ڪير اچي ٿو ۽ اهو به ڏيکاري ٿو ته عوام ڪيئن هڪ نالي کي ٻئي نالي سان ڳنڍي پنهنجي سوالن کي معنيٰ ڏئي ٿو.

هتي ئي صحافت جو امتحان آهي صحافت جو ڪم اهو نه آهي ته هر ڳانڍاپي کي ثبوت بڻائي صحافت جو ڪم اهو آهي ته ڳانڍاپي کي ڏيکاري ۽ پوءِ پڙهندڙ آڏو اهو سوال رکي ته ثبوت ڪٿي آهي ايپسٽين جي دنيا ۾ پراسراريت رڳو ٻيٽ جي گنبذ ۾ نه، پر جيل جي ڪئميرا جي فريم ۾ به آهي ۽ مائيڪل جيڪسن جي دنيا ۾ پراسراريت رڳو سندس موت ۾ نه، پر هن جي نالي جي چوڌاري ٺهندڙ ڪهاڻين ۾ به آهي ٻنهي هنڌن تي هڪ ڳالهه گڏيل آهي خاموش طاقتون اهي طاقتون، جيڪي ڪڏهن ڪمري ۾ نظر نٿيون اچن پر فيصلن ۾ موجود رهن ٿيون. ان ڪري، جڏهن ايپسٽين بابت چيو وڃي ٿو ته سڀ ڪجهه واضح آهي ته هڪ وڊيو ان وضاحت کي ڌنڌلو ڪري ڇڏي ٿي ۽ جڏهن مائيڪل جيڪسن بابت چيو وڃي ٿو ته سڀ ڪجهه رڳو ماضي آهي ته هڪ فائل ۾ هڪ ملاقات جو ذڪر حال کي لوڏي ڇڏي ٿو

هي ڪالم سازش ثابت ڪرڻ لاءِ نه آهي هي رڳو اهو چوي ٿو ته ڪجهه ڪهاڻيون پنهنجي انجام سان ختم نٿيون ٿين اهي پنهنجي خال سان زنده رهن ٿيون ايپسٽين جو موت، ٻيٽ جي عمارت، فائلن جون ڪاريون ريڊيڪشنون، پوءِ مائيڪل جيڪسن جو نالو، جيڪو هڪ ڊيوزيشن ۾ اچي ٿو ۽ پوءِ انٽرنيٽ جي ڌنڌ ۾ گم ٿي وڃي ٿو اهي سڀ ڳنڍجي انهيءَ دور جي اخلاقي تصوير ناهين ٿا اهڙي تصوير، جنهن ۾ پڙهندڙ کي بار بار اهو سوال ڪرڻو پوي ٿو ته ڇا اسين حقيقت پڙهي رهيا آهيون يا ان جي چوڌاري پکڙيل خوف.

سنڌ جي لساني ورهاست ۽ وفاق!

محمد خان ابڙو

سنڌ جي ڌرتي تاريخ، تهذيب ۽ مزاحمت جي امين رهي آهي هيءَ اها سرزمين آهي جنهن موهن جو دڙو جي قديم تهذيب کان وٺي اڄ جي جديد پاڪستان تائين وقت بوقت ايندڙ تبديلين ۽ ڏکين حالتن کي همت سان منهن ڏنو آهي سنڌ جي سڀ کان وڏي خوبي ان جو گهڻ رُخو ۽ مختلف ثقافتن وارو سماج آهي جتي مختلف ٻوليون، ثقافتون ۽ برادريون گڏجي رهن ٿيون پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته هي گهڻ رُخائي ڪڏهن ڪڏهن نسلي ورهاست، غلط فهمين ۽ سياسي مفادن جي شڪار ٿي وڃي ٿي هڪ سنڌي قومپرست جي حيثيت سان ۽ ساڳئي وقت پاڪستان، وفاقي نظام ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي مضبوط حامي طور اهو چوڻ ضروري آهي ته سنڌ جو اصل مسئلو نسلي نفرت يا ٻوليءَ جو تڪرار ناهي پر بنيادي مسئلا ناانصافي ترقي ۾ عدم توازن ۽ وسيلن جي غير منصفاڻي ورڇ سان لاڳاپيل آهن سنڌ هميشه کان مختلف قومين جو مسڪن رهي آهي هتي سنڌي، اردو ڳالهائيندڙ پنجابي پختون، بلوچ، سرائيڪي ۽ ٻيون ڪيترين ئي برادريون ڏهاڪن کان گڏجي رهيون آهن پاڪستان جي قيام کانپوءِ سنڌ لکين مهاجرن کي دل سان ڀليڪار ڪيو. انهن کي روزگار، تعليم ۽ سڃاڻپ فراهم ڪئي هي تاريخ ڪنهن کان لڪيل ناهي سڀني لاءِ واضح آهي اصل مسئلو ان وقت پيدا ٿيو جڏهن رياستي پاليسين مقامي آبادي کي نظرانداز ڪيو، اندروني سنڌ پسماندگيءَ ۾ رهجي وئي ۽ شهري ۽ ڳوٺاڻن علائقن جي وچ ۾ هڪ مصنوعي فرق پيدا ٿيو، جنهن سبب سماجي ۽ معاشي اڻبرابري وڌي سنڌي قومپرستي ڪڏهن به پاڪستان جي دشمن نه رهي آهي جي ايم سيد کان وٺي اڄ تائين جيتوڻيڪ نظرين ۾ اختلافات رهيا، پر سنڌ جي عوام جي اڪثريت هميشه پاڪستان اندر رهي پنهنجي حقن جي لاءِ آواز اٿارڻ تي يقين رکندي آهي اڄ به هڪ باشعور سنڌي قومپرست سمجهي ٿو ته مضبوط سنڌ، مضبوط پاڪستان جي ضمانت آهي وفاق صرف تڏهن مضبوط ٿيندو جڏهن ان جا سڀئي يونٽ مطمئن هجن ۽ يونٽ صرف تڏهن مطمئن ٿيندا جڏهن انهن جي وسيلن، ٻولي، ثقافت ۽ سياسي حق حڪمرانيءَ جو احترام ڪيو وڃي

سنڌ جو لساني مسئلو اصل ۾ اختيارن کي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ جو مسئلو آهي 18هين ترميم هڪ رستو ڏيکاريو پر ان تي مڪمل عملدرآمد نه ٿي سگهيو شهري سنڌ ۾ اهو تاثر پيدا ڪيو ويو ته اندروني سنڌ انهن جي وسيلن تي قابض آهي جڏهن ته اندروني سنڌ ۾ اهو احساس وڌايو ويو ته شهري سنڌ رياستي اسٽيبلشمينٽ جو لاڏلو آهي اهڙا بيانيه پاڻمرادو نٿا ٺهن پر ٺهرايا وڃن ٿا ۽ انهن جو مقصد سنڌ کي ڪمزور ڪرڻ ۽ وفاق جي اندر هڪ مضبوط، خوددار صوبي کي ورهائڻ آهي هن تناظر ۾ پيپلز پارٽي سنڌ جي واحد وفاقي ۽ جمهوري طاقت آهي جنهن هميشه اهو موقف اختيار ڪيو آهي ته سنڌ سڀني جي آهي ذوالفقار علي ڀٽو پهريون ڀيرو سنڌين کي قومي سڃاڻپ ڏني پر ڪڏهن به ڪنهن ٻي قوميت کي سنڌ کان ٻاهر ڪڍڻ جي ڳالهه نه ڪئي بينظير ڀٽو ڪراچي کان وٺي ڪشمور تائين هڪ ئي ٻولي ڳالهائي جمهوريت، مفاهمت ۽ وفاق جو پيغام ڏنو اڄ بلاول ڀٽو زرداري انهيءَ تسلسل کي اڳتي وڌائي رهيو آهي جتي صوبي جي خودمختياري کي پاڪستان جي سالميت سان جوڙي ڏٺو وڃي ٿو ته ڪي ان جي خلاف سنڌ ۾ نسلي ورهاست کي هٿي ڏيڻ وارا عنصر اصل ۾ جمهوريت جا دشمن آهن ڪڏهن ٻوليءَ جي نالي تي ڪڏهن روزگار جي نالي تي ۽ ڪڏهن ڪوٽا سسٽم خلاف جذبات ڀڙڪائي ڪري اصلي مسئلن کان ڌيان هٽايو ويندو آهي سوال اهو نه آهي ته سنڌي يا اردو ڳالهائيندڙ ڪير آهي پر سوال اهو آهي ته بااختيار ڪير آهي ۽ محروم ڪير. جيڪڏهن ڪراچي جو مزدور محروم آهي ۽ ٿر جو هاري به ته پوءِ تڪرار قومين جي وچ ۾ نه پر طبقاتي ۽ ڍانچي وارين ناانصافين خلاف ٿيڻ گهرجي سنڌي قومپرست سوچ اهو مڃي ٿي ته سنڌ جي ثقافت، ٻولي ۽ تاريخ جو تحفظ لازمي آهي پر اهو تحفظ ڪنهن ٻئي کي ديوار سان لڳائڻ سان نه، پر سڀني کي گڏ وٺي هلڻ سان ممڪن آهي سنڌي ٻولي کي فروغ ڏيڻ مهاجر يا ٻين قومين جي خلاف نه آهي پر پنهنجي سڃاڻپ جي حق لاءِ هڪ فطري گهرج آهي اهڙي طرح شهري سنڌ جي مسئلن کي تسليم ڪرڻ ڳوٺاڻي سنڌ جي حقن کي رد ڪرڻ نه آهي پر سڀني علائقن ۽ ماڻهن جي ڀلائي کي يقيني بڻائڻ جو هڪ قدم آهي پاڪستان هڪ گهڻ قوميتي رياست آهي ۽ اها ئي ان جي طاقت آهي جيڪڏهن اسان هن حقيقت کي مڃون، ته سنڌ جو لساني يا نسلي مسئلو پاڻمرادو هڪ سياسي، انتظامي ۽ معاشي مسئلو بڻجي وڃي ٿو جنهن جو حل مڪالمو، آئيني عمل ۽ جمهوري سياست ۾ آهي نه ڪي نفرت ڀريل نعرن ۾. پيپلز پارٽي جي سياست انهيءَ حقيقت تي ٻڌل آهي ته وفاق کي ڪمزور ڪري ڪنهن به صوبي کي مضبوط نٿو بڻائي سگهجي ۽ صوبي کي دٻائي وفاق کي بچائي نٿو سگهجي آخر ۾ هڪ سنڌي قومپرست، پاڪستاني محب وطن ۽ پيپلز پارٽي جي حامي جي حيثيت سان منهنجو واضح موقف اهو آهي ته سنڌ جي وحدت، پاڪستان جي وحدت سان ڳنڍيل آهي اسان کي نسلي ورهاست بدران گڏيل مستقبل جي ڳالهه ڪرڻي پوندي. سنڌ کي ان جو حق ڏيو، سنڌ پاڻ پاڪستان کي مضبوط ڪندو اهوئي تاريخ جو سبق آهي اهوئي سياست جو تقاضو آهي ۽ اهوئي وفاقي پاڪستان جو واحد پائيدار رستو آهي

ميهڙ پوليس مقابلو ۽ سنڌ ۾ امن جي دعوي!

غلام حسين لغاري

هڪ پاسي دادو ضلعي جي ڪڇي ۽ ڪاڇي ۾ ڏوهارين خلاف پوليس آپريشن هلندڙ هو ۽ پوليس اٿلا چوڪس هئا ته ٻئي پاسي ميهڙ لڳ انڊس هاءِ وي تي بس جي مسافرن کان وڏي ڦُر جو واقعو پيش آيو آهي جتي پوليس پهتي ۽ پيڇو ڪندي قاضي عارف وٽ هنن جو ڦورن سان مقابلو ٿي پيو ڌاڙيل ايترا ته مورچا بند ۽ ايترا انگ ۾ هئا جو هنن پوليس جا 3 اهلڪار شهيد، جڏهن ته ڪجهه اهلڪارن کي زخمي ڪري وڌو ٻئي طرف اطلاع آهن ته پوليس فورس گهٽ هئي ۽ ڌاڙيلن وٽ خطرناڪ هٿيار هئا جنهن جي ڪري پوليس گهڻو مقابلو ڪري نه سگهي دادو جي شهري علائقن توڙي عام رستن تي ڦرن جو سلسلو گڏريل ڪيتري ئي عرصي کان جاري آهي جيڪو موجوده ايس ايس پي دادوءَ جي دور ۾ نه پر ان کان به اڳ ۾ به عروج تي هو ان لاءِ ڪرڻا ۽ آئي ڏينهن احتجاج ٿيندا رهن ٿا ڪجهه مهينا اڳ به دادوءَ جي ڪڇي ۽ ڪاڇي وارن علائقن ۾ پوليس آپريشن بهتر نتيجا به ڏنا هئا ته ڏوهارين پاڻ کي پوليس حوالي به ڪيو هو ڪجهه هفتا اڳ دادوءَ ۾ ئي هڪ ڪالونيءَ ۾ ڏوهارين ۽ پوليس وچ ۾ ٿيل مقابلي بعد ۾ هڪ شهريءَ جي مارجي وڃڻ بعد جيڪو احتجاج ٿيو ويو اڃا ٿي رهيو آهي سو پوليس ڪامورن کي ٿاڻن تان هٽائڻو پيو ٺيڪ ان وقت کان ڏوهه ڪجهه وڌيڪ ۽ پوليس متنازع بڻيل آهي پوءِ به پوليس ڌاڙيلن سان مقابلو ڪندي ڪين جاني نقصان ڀوڳيو آهي جنهن جو افسوس آهي اهڙا نقصان به نه ٿيڻ گهرجن جو پوليس جو هر سپاهي اسانجو سرمايو آهي ۽ وڏي اهميت رکي ٿو بهرحال ميهڙ سانحي تي ضلعي واسين کي وڏو صدمو پهتو آهي هن سانحي جو اطلاع ملڻ تي ئي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو بروقت ميهڙ پهتو ۽ اتي پنهنجو عارضي هيڊڪوارٽر قائم ڪري علائقي کي ڪڙو جاڄهي ڌاڙيلن خلاف آپريشن جي پاڻ نگراني ڪري رهيو آهي جن ڌاڙيلن ديده دليريءَ سان پوليس جو ڪوس ڪيو آهي سي ممڪن آهي ته ڪاڇي جي جابلو علائقن ۾ لڪي ويندا، جن خلاف جديد هٿيارن جو استعمال ٿيڻ گهرجي جنهن لاءِ رينجرس ۽ هيليڪاپٽرن جو به استعمال ضروري آهي ان ڏس ۾ ضلعي جي سردارن ۽ وڏيرن کي به سچو ٿيڻو پوندو جن کي حڪومت پاران سندن علائقن ۾ ڦري هٿڻ مليل آهي ۽ انتظاميه مٿان به سندن حڪم هلن ٿا. ڌاڙيلن سان مقابلي ۾ جيڪي پوليس اهلڪار شهيد يا زخمي ٿيا آهن تن ۾ پوليس اهلڪار محمد حنيف مهيسر، عرفان علي چانڊيو ۽ امام الدين ڪوسو شامل آهن. جڏهن ته ڊي ايس آءِ سڪندر علي پرڳڙي زخمي ٿي پيو آهي هتي سوال اٿي ٿو ته مقابلي جي قيادت ڪنهن وڏي پوليس آفيسر نه پئي ڪئي يا صرف سپاهه ئي اڳيان ڪيا ويا هوا؟ ان ڳالهه تي به غور ڪرڻ گهرجي ته پوليس جا اعليٰ آفيسر واقعي وقت ڪٿي هئا؟ بهرحال جن جون جانيون هليون ويون، جن جا گهر اُجڙي ويا، تن جي فوري مالي معاونت ٿيڻ گهرجي حقيقت اها آهي ته بدامنيءَ جي اها لهر صرف دادوءَ تائين محدود ناهي پر سڄي سنڌ ۾ هر ڦرون، ڌاڙا ۽ چوريون ٿي رهيون آهن ٻئي طرف پوليس ۽ حڪومت جو چوڻ آهي ته ڌاڙيل ۽ ڏوهاري پوليس وٽ پيش ٿي رهيا آهن ته پوءِ ڦرن، چوريءَ ۽ قتل جون وارداتون ڪهڙي سبب وڌي رهيون آهن؟ پوليس مٿان عدالت کان ماهان قتل ڪرڻ جا الزام لڳي رهيا آهن پوليس لاءِ به شڪايتون آهن ته ان ۾ ڪجهه سفارشي يا غلط نموني سان ڀرتي ٿيل اهلڪار يا آفيسر به شامل آهن، تن جي رڪارڊ جي جاچ ٿيڻ گهرجي عام ماڻهو پوليس جي مدد ڪرڻ چاهي ٿو آسپاس جي مشڪوڪ ماڻهن جي انفارميشن پهچائڻ چاهي ٿو پر اهو ڊپ ۾ ورتل آهي جنهن جي ڪري عام ماڻهوءَ کي انهيءَ ڊپ مان ٻاهر نڪرڻو پوندو

اڄوڪو ڏينهن - 11 فيبروري

محمد حسين ترڪ



اڄ سنڌ جي مشهور انتظامي سربراهه ۽ ليکڪ محمد حسين ترڪ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي. اڄوڪي ڏينهن تي 1916ع ۾ بدين ضلعي جي ڳوٺ گهاري ۾ جنم وٺندڙ محمد حسين ترڪ سنڌ يونيورسٽيءَ جي "پهرئين ڊپٽي رجسٽرار" ۽ "پهرئين رجسٽرار" طور خدمتون سرانجام ڏنيون. هن مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۾ پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ جي ڊائريڪٽر ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽريءَ طور پڻ ڪم ڪيو. ان کان علاوه علامه آءِ آءِ قاضي ميموريل سوسائٽي ۽ شاهه ولي الله اڪيڊميءَ جي اعزازي سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪيائين. هو پهريون سنڌي مصنف هو، جنهن اقتصاديات تي هيٺيان چار ڪتاب لکيا آهن: 1. قتصاديات جا ابتدائي اصول، 2. پرڏيهي ناڻي جي مئاسنا 3. اقتصاديات ۽ 4. پاڪستان جا اقتصادي مسئلا سندس 2 ڪتاب "گهاٽي ٻڏ جي ڇانو ۾" ۽ Economic History of Hyderabad سندس وفات کان پوءِ 2016ع ۽ 2020ع ۾ ڇپيا. سندس حياتيءَ ۽ ڪارنامن تي مشتمل ڪتاب Muhammad Hussain Turk — A Man with Mission سندس پونٽرن 2018ع ۾ ڇپرايو. سندس خدمتن جي مڃتا طور سنڌ يونيورسٽيءَ جي لاڙ ڪئمپس بدين جي لائبريريءَ جو نالو "محمد حسين ترڪ لائبرري" رکيو ويو آهي. هن 08 جنوري 1992ع تي وفات ڪئي.

مير محمد حسن خان ٽالپر

سنڌ جي هن ناليواري سياستدان جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1968ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو. سندس واسطو ٽنڊي غلام عليءَ جي مشهور ٽالپر خاندان سان آهي، هن جو والد مير

اسيمبليءَ جي مختلف اسٽينڊنگ ڪميٽين جي ميمبر طور ڪم ڪيائين.

ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي



اڄ سنڌ جي عظيم دانشور، برک اديب، ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جي شاعريءَ جي پارکو ۽ مشهور تعليمي ماهر ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو جنم حيدرآباد شهر ۾ 8 مارچ 1884ع تي ٿيو. سندس والد ديوان مولچند سنڌ جي روينيو کاتي جو ملازم هو. هن حيدرآباد جي نيول راءِ هيرانند اڪيڊميءَ مان 1899ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. هن بي اي جي سند ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ مان، ايم اي (انگريزي ۽ فارسي) جي سند ولسن ڪاليج ممبئيءَ مان ۽ پي ايچ ڊي انگلينڊ جي يونيورسٽي آف لنڊن مان حاصل ڪئي. ان بعد هن پنهنجي زندگي ڊي جي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهائيندي گذاري. پاڻ انهيءَ ڪاليج جي ڊين، وائيس پرنسپال ۽ آخر ۾ پرنسپال طور به ڪم ڪيو. هو صوفي ازم، تصوف ۽ ويدانيت جو وڏو ڄاڻو هو. هن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي جا 3 جلد مرتب ڪيا، جيڪو سندس وڏي ۾ وڏو ادبي ڪارنامو آهي. افسوس جو سندس ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي جو چوٿون ۽ آخري جلد ڇپجي نه سگهيو ۽ گم ٿي ويو آهي. هن شاهه سائينءَ جي سوانح، سُرن بابت تفصيل، سُرن ۽ بيتن جي معنيٰ به رسالي ۾ شامل ڪئي. هن جي ئي علمي مقالن سبب بمبئي يونيورسٽيءَ سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي نصاب ۾ شامل ڪيو. سندس ئي ڪوششن سان سنڌ

سرلا ديوي

مختيار ارڙ

سنڌ جي هن مشهور ليکڪا ۽ سماج سڌارڪ خاتون جو جنم 9 اپريل 1915ع تي شڪارپور ۾ ٿيو. هن جو اصل نالو منيشوري ديوي هو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي جنم ڀوميءَ شڪارپور مان حاصل ڪئي ۽ اڳتي هلي گورنمينٽ ميڊيڪل اسڪول امرتسر مان ميڊيڪل جي شعبي ۾ گريجوئيشن ڪئي. پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات هڪ معالج طور لاڙڪاڻي ۾ ڪيائين. کيس لاڙڪاڻي جي پهرين ڊاڪٽرياڻيءَ طور به ياد ڪيو وڃي ٿو نوڪريءَ دوران سندس شادي رتي ديري جي مشهور زميندار امبتراءِ سام جئسنگهاڻيءَ سان ٿي. 1947ع ۾ هندستان جو ورهاڱو ٿيڻ کان پوءِ هن سنڌ ۾ رهڻ کي ترجيح ڏني ۽ هندستان وڃڻ کان انڪار ڪيو. هڪ ڊاڪٽر هجڻ سان گڏ هڪ بهترين ليکڪا پڻ هئي. هن پنهنجي گهرواري سان گڏ مشهور ڪتاب "جيتامڙي جي ڊائري" لکيو. ان کان علاوه "سام سان ٻه گهڙيون" نالي ڪتاب پڻ تحرير ڪيائين. کيس موسيقيءَ ۽ راڳ سان به گهڻي دلچسپي هئي ۽ هارمونيم وڄائڻ جي باقاعده سکيا ورتي هئائين. سرلا ديويءَ جي زندگيءَ جو سفر 11 فيبروري 1973ع تي پنهنجي پڄاڻيءَ تي پهتو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي دور جو وڏو عالم، اديب ۽

(سنڌي)، ايم اي (مذاهب عالم) ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين.

قرآن ۽ فارسيءَ جي تعليم خانگي طور شڪارپور مان حاصل ڪيائين. 1974ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪيائين. عملي زندگيءَ جي شروعات 1953ع ۾ آبپاشي کاتي ۾ اوورسيئر طور ڪيائين. 1963ع ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرار مقرر ٿيو ۽ مختلف ڪاليجن ۾ پڙهائڻ کان پوءِ 1990ع ۾ رٽائر ٿيو. ڊاڪٽر سنڌيءَ کي سنڌي ادب ۽ خاص طور تي لوڪ ادب سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي رهي. شروع ۾ ڏور ٻيٽن ۽ ڳجهارتن سان سندس شوق هو. سماجيات، ادبي تاريخ، لسانيات، تصوف، لطيفيات ۽ ٻين موضوعن تي سنڌيءَ ۾ 80 ڪتاب، اردوءَ ۾ 10 ۽ انگريزيءَ ۾ 2 ڪتاب لکيائين. پاڻ ڪيترائي ادبي ادارا قائم ڪيائين. جن ۾ سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو سنڌي ادبي سوسائٽي سکر ۽ لطيف اڪيڊمي شامل آهن. انهن ادارن مان ڪيترائي ڪتاب به ڇپرائي پڌرا ڪيائين. ڪجهه نصابي ڪتاب به لکيائين. هن نامور انسان 11 فيبروري 1996ع تي وفات ڪئي. پاڪستان سرڪار سندس لاءِ 1982ع ۾ صدارتي تمغهِ امتياز ۽ 1992ع ۾ ستاره امتياز جو اعلان ڪيو.

آتش سنڌي

سنڌ جي هن مشهور شاعر جو جنم 17 جولاءِ 1953ع تي قمبر ۾ ٿيو. سندس اصل نالو معشوق علي ولد ولي محمد شيخ هو. فقط پرائمري تعليم حاصل ڪري سگهيو. 1967ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. شروع ۾ سائل قمبروي ۽ پوءِ آتش سنڌيءَ جي نالي سان شاعري ڪيائين. شاعريءَ ۾ استاد پيرل قمبر سندس استاد هو. 1977ع ۾ قمبر ۾ ادبي سرگرمين کي هٿي

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

کورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II ميرپورخاص
(روبرو جناب عبدالقادر کوسو)
فيملي سوٽ نمبر 207 سال 2025

مسمات شمشاد ڌيءِ جاڳڻ زال حاجي حسين ذات کهيڙي رهندڙ گلشن ڪالوني رجمر نگر ميرپورخاص 03147318935 ....پلينٽف..خلاف حاجي حسين ولد محمد عمر ذات سومرو رهندڙ ڳوٺ حاجي محمد سومرو ڊسٽرڪٽ بدين 03142320787...ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 12-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II ميرپورخاص

کورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سون)
فيملي سوٽ نمبر 10 سال 2026

مسمات گلشن ڌيءِ صاحب خان ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ مرزو خان لغاري ضلعو ميرپور خاص ....پلينٽف..خلاف نياز محمد ولد ولي محمد ذات لغاري رهندڙ ڳوٺ احمد خان لغاري ديهه 202 جهڏو ضلعو ميرپورخاص...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ رڪوري آف ڏاوري آرٽيڪلز ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

کورٽ نوٽيس

ڪنزيومر پروٽيڪشن / فيملي جج مٽياري
(روبرو جناب عبدالواجد راهوجو)
فيملي سوٽ نمبر 20 سال 2025

شريمتي سورتي ڌيءِ ڪرشن زال منا رام هندو بالغ ذات باڳڙي رهندڙ سيڪاٽ ضلعو مٽياري ....پلينٽف..خلاف منا رام ولد ڪنور هندو بالغ ذات باڳڙي رهندڙ بروهي محلا هالا نيو ضلعو مٽياري ....ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ڪنزيومر پروٽيڪشن / فيملي جج مٽياري

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 67 سال 2025

مسمات حنا ڌيءِ عبدالستار ملاح رهندڙ عظيم ڪالوني نوابشاهه ....پلينٽف..خلاف اياز علي ولد امداد علي رهندڙ عظيم ڪالوني نوابشاهه 03023289362 ....ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ، مينٽيننس ۽ ڏهيز واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ فرسٽ سول جج اينڊ جي ايم نوابشاهه
(روبرو جناب نظار علي لڄن)
ٿرڊ ڪلاس سوٽ نمبر سال 2026

سافڪو مائيڪرو فنانس ڪمپني آفيس C-415/416 پويان بائيڪو پيٽرول پمپ قاسم آباد فيز I حيدرآباد ....پلينٽف..خلاف (1) عثمان جت ولد محمد صديق عرف بٽاررهندڙ گهر نمبر 85-86 ممتاز ڪالوني نوابشاهه (2) عبدالحفيظولد محمد حنيف رهندڙ فليٽ نمبر 85-86 ممتاز ڪالوني نوابشاهه ....ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار رڪوري -/566000 لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي

فرسٽ سول جج اينڊ جي ايم نوابشاهه

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو
(روبرو جناب جميل مشتاق انصاري)
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات رخسانه ڌيءِ حسين بخش زال جاويد علي مگسي ويٺل وارڊ نمبر 20 محمدي ڪالوني مورو ....پلينٽف..خلاف جاويد علي ولد مبارڪ مگسي ويٺل ڳوٺ دريا خان مستوئي تعلقو ۽ ضلعو شهدادڪوٽ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 13-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي جج مورو

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج XI حيدرآباد
(روبرو جناب نويد اشرف)
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

شريمتي Chugi ڌيءِ دايو ڪولهي رهندڙ ڪولهي محلا ڳوٺ بهاول زئنور تعلقو ضلعو حيدرآباد ....پلينٽف..خلاف رامون ڪولهي ولد ڀيمون ڪولهي هندو بالغ رهندڙ راهوڪي شاخ موري ٻير ڳوٺ روڊ پي ايس هوسڙي ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 14-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج XI حيدرآباد

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر 25 سال 2026

شريمتي Pasto بيواهه مهراج هندو ذات ڀيل رهندڙ ڳوٺ مجنو ڀيل تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار ....پلينٽف..خلاف (1)مهراج ولد جيٺو ذات ڀيل رهندڙ ڳوٺ جاموٺ فارم ڏڪڻو بوزدار تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار (2) اسسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو الهيار (3) ڊي جي نادرا اسلام آباد (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VII حيدرآباد
سڪسيشن درخواست نمبر 22 سال 2026

مسمات سونيا بيواهه مرحوم صدر علي مشوري رهندڙ ڳوٺ هٽڙي ضلعو حيدرآباد ....اپليڪينٽ. خلاف(1) حسن علي ولد مرحوم صدرعلي مشوري (مائنر) (2) ايمان ڌيءِ مرحوم صدر علي مشوري (مائنر) (3) مسمات عنايتان بيواهه غلام نبي (ماءُ فوتي جي) (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ..ايونٽس

نالي مٿين ايونٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين اپليڪينٽ توهان جي خلاف سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي فوتي نالي صدر علي ولد مرحوم غلام نبي شناختي ڪارڊ نمبر 4130396056371 وفات جي تاريخ 08-03-2024 جي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VII حيدرآباد

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر 18 سال 2026

مسمات ڪرن ڌيءِ رضا محمد جوڻيجو زال دانش سهتو رهندڙ مهراڻ ڪالوني ٽنڊو الهيار ....پلينٽف..(1)اسسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو الهيار (3) ڊي جي نادرا اسلام آباد (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 17-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج I ٽي ايم خان
گارجين درخواست نمبر سال 2026

صنم زال علي ڏنو بالغ مسلم ذات هاليپوٽو رهندڙ ڳوٺ اوٺو شريف تعلقو ماتلي ضلعو بدين - درخواستگذار - خلاف - 1- محمد 2- لياقت علي 3- شاهنواز 4- رزاق علي 5- محمد سليمان 6- امنت 7- آسي سهڻي پٽ ۽ ڌيئرون محمد قاسم هاليپوٽو رهندڙ ڳوٺ شريف هاليپوٽو ڦلڪارا ضلعو بدين 2- عوام الناس - ريسپانس . سنيا ڌيءِ مرحومحمد هاشم عمر17 ورهين - who passed away on 19-6-2010 صغير . نوٽس مٿين نالي واري ايونٽ ڏانهن : جيئن ته مٿين نالي واري مدعي هڪ درخواست زير قلم 7، 10 ۽ 25 آف گارجين اينڊ وارڊس ايڪٽ 1980 تحت داخل ڪئي آهي جنهن جي ٻڌڻي 13-02-2026 تي صبح جو 08-30 وڳي رکيل آهي اوهان کي عام طور تي نوٽس تعميل ٿيڻ ممڪن نه آهي تنهنڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي نوٽس ٿو ڏجي ته ٻڌڻي جي تاريخ ۽ وقت تي پاڻ يا پنهنجي وڪيل يا بااختيار ايجنٽ معرفت پيش ٿي جواب/ اعتراض داخل ڪندا ناڪامي جي صورت ۾ قانون مطابق فيصلو ڪيو ويندو . منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان 10 فيبروري 2026 تي جاري ٿيو

سول / فيملي جج I ٽي ايم خان

عام اطلاع

هر عام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته نالي شاهد احمد شيخ ولد نوري شناختي ڪارڊ نمبر 4130481474253 هڪ عدد پلاٽ نمبر 168 ايراضي 400مربع گز واقع حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد جو سودو ان جي حقيقي مالڪ غلام حسين قريشي ولد علي محمد شناختي ڪارڊ نمبر 4230191155097 سان ڪيو آهي اگر ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر سوسائٽي آفيس حيدرآباد ڊويزن آفيسرز ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد شهباز بلڊنگ حيدرآباد بلاڪ اي کي آگاهه ڪن معياد گذرڻ ڪانپوءِ ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ ٽرانسفر جي ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي

شاهد احمد شيخ معرفت راجپوت اسٽيٽ ايجنسي
لطيف آباد حيدرآباد يونٽ نمبر 07 حيدرآباد
موبائل نمبر 03003247949

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي غلام شبير ولد صوبو لاشاري رهندڙ ڳوٺ سرفراز لاشاري شهدادپور اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مسمات مکڻي ولد الهڏاڏ زال صوبو تاريخ 05-06-2010 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 19/1،2 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه سهتا تپو سيري تعلقو شهدادپور آهي جنهن جو فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن ڳواهن جلسہ عام / بيان ڏني آهي (1) غلام مصطفيٰ (پٽ) (2) غلام اڪبر (پٽ) (3) غلام شبير (پٽ) (4) رسولان (ڌي) (5) سائره (ڌي) (6) ڪلثوم (ڌي) جن جي نالي تي فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي ڪاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ٿي. معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندي

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

کورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي
(روبرو جناب ارشد علي سون)
فيملي سوٽ نمبر 09 سال 2026

مسمات حاجراڻ بيبي ڌيءِ حسن شاهه ذات سيد رهندڙ ڳوٺ مبارڪ خان نوهاڻي ديهه 171 تعلقو ڏگهڙي ضلعو ميرپورخاص ....پلينٽف..خلاف يار محمد شاهه ولد جان محمد شاهه ذات سيد رهندڙ ڳوٺ محبوب شاهه تعلقو ضلعو عمرڪوٽ ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم I ڏگهڙي

بقايا 1 فوت

سينٽر آندو ويو جتي زخمين جي حالت نازڪ هئڻ سبب کين حيدرآباد ريفر ڪيو ويو اسپتال انتظاميا پاران ايمبوليس خراب هئڻ جو جواز ڄاڻائي نه ڏيڻ تي زخمين جي وارثن احتجاج ڪيو ۽مريضن کي مختلف پرائيويٽ گاڏين ۾ حيدرآباد نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي عبدالله لغاري فوت ٿي ويو جنهن جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو عالم ڪاڪيپوٽو نمائندو عبرت تصرپور

بقايا 2 نوجوان فوت

ڪئي. ڊاڪٽرن پاران ضروري ڪارروائي ڪرڻ بعد لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو.

بقايا 3 آءِ جي سنڌ

دوران پوليس جي ڪارڪردگي بابت مرتب ڪيل ڊاڪومينٽري فلم آءِ جي سنڌ آڏو اسڪرين ذريعي پيش ڪئي وئي، جنهن بعد آءِ جي سنڌ پنهنجي هٿ سان ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا، اي سي سيوهڻ وقاص ملوڪ سميت ٻين 60 آفيسرن ۽ جوانن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا. ان موقعي تي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو تقريب کي خطاب ڪندي ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سيوهڻ مون لاءِ نئون ناهي مون کي ڄامشورو ۽ دادوضلعن ۾ ڪم ڪرڻ جو تجربو آهي ۽ هتي اڳ ۾ ايس ايس پي رهي چڪو آهيان مون هتي ڏوهارين سان مقابلا ڪيا آهن ماضي ۾ بطور ايس ايس پي مون قلندر لعل شهباز جو عرس به ڪرايو هو مون چيو ته هن ڀيري قلندر جي ميلي ۾ سيڪيورٽي جا ڀهرين ڪانڀلي خدشا موجود هئا ۾ اسلام آباد سانحي بعد خدشو وڌي ويو ۽ پنجاب ۾ موڪلن هئڻ سبب زائرين جو وڏيڪ انگ ميلي ۾ پهتو ۽ عرس دوران سيڪيورٽي ۾ ڪمي نه رهي، سخت سيڪيورٽي ۽ ٽيم ورڪ سبب ميلو خيريت سان گذري ويو ان ڪري مان پنهنجي پوليس فورس کي خراج تحسين پيش ڪيان ٿو ۽ کين شاباش ڏيڻ لاءِ پاڻ سيوهڻ آيو آهيان هن ٻڌايو ته سيوهڻ عرس ۾ 27 لک کان وڌيڪ ماڻهو آيا ۽ ڪوبه وڏو سانحو يا حادثو پيش نه آيو ڄامشورو پوليس عرس دوران 18 گم ٿيل ٻارن کي ڳولي والدين حوالي ڪيو ويو پوليس ڀرپور محنت ڪري بهترين نمونو سيوهڻ جو عرس منعقد ڪرايو سان پوري ٽيم کي خراج تحسين پيش ڪريان ٿو جيڪڏهن ڪا ڪمي رهجي وئي آهي ته ايندڙ ڀيري ان کي بهتر بڻائينداسين هن چيو ته هڪ چئلينج اڃا موجود آهي ته دادو ۾ واقعو پيش آيو آسان تيسڌائين سڪون سان نه ويهنداسين جيسڌائين دادو ۾ شهيد ٿيل اهلڪارن جو حساب نه ورتو ويندو ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ تائين آرام نه ڪنداسين. ڪراچي ۾ بهترين پوليسنگ ذريعي ڪريم نوگو ايريا نه ڇڏيو ويو آهي، هڪ عام گاڏي به ڪراچي ۾ ڪٽي نه رهجي ته پوليس پهچي ڏوهاري عنصرن جو برو حال ڪري ڇڏيندي هڪ سوال جي جواب ۾ آءِ جي سنڌ چيو ته ڪچي ۾ امن لاءِ ڪوششون جاري آهن ڀهرين پيپرو ڪچي جي انهن علائقن ۾ رهيا آهيون جتي اڳ پوليس نه وئي هئي اسان ڪچي ۾ اندر وينداسين ۽ ڏوهارين کي گهر گهر رهجي ختم ڪنداسين اسان جو ڪم مشڪل آهي پر ڀرپور محنت سان بهتري آڻي رهيا آهيون ڪنهن به صورت ۾ ڏوهن جو خاتمو آڻينداسين. جڏهن ته منشيات سبب اسان جي نسل تباهه ٿي رهي آهي ان جي خاتمي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون ڏوهن ۽ منشيات کي زيرو ليول تي آڻينداسين آءِ جي سنڌ بعد ۾ ڊي آءِ جي حيدرآباد سان گڏ قلندر شهباز جي مزار تي حاضري ڀري چادر چاڙهي ۽ ملڪ سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ دعا گهري

بقايا 4 ڪانفرنس شروع

وئي آهي جنهن ۾ ملڪي ۽ عالمي ماهر تعليمدان، محقق، صنعتي نمائندا ۽ شاگرد شرڪت ڪري رهيا آهن افتتاحي تقريب ۾ سنڌ زرعي يونيورسٽي جي ڀهرين وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر عبدالقادر انصاري چيو ته دنيا تيزي سان ترقي ڪري رهي آهي ۽ مستقبل ۾ اڄ جي استاد جي جاءِ تي اي آئي استاد پڙهائيندا.

بقايا 5 پوروهيت فوت

سهندي فوت ٿي ويو فوتي جو لاش گهرپهچڻ تي ڪهرام مچي ويو، جڏهن ته رات دير سان نوجوان جي سندس ابائي قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي.

بقايا 6 احتجاجي ريلي

ڪوريجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي درگاهه سرور نوح کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين قبضا خورن جي خلاف سخت نعريبازي ڪندي چيو ته پير بلاولي تاريخي قبرستان آهي جنهن ۾ علائقي جون ناليواريون شخصيتون ۽ اسان جا وڏڙا دفن ٿيل آهن هنن چيو ته علائقي جي بااثر ماڻهن قديمي قبرستان جا هڪ سئو سال کان مٽي جا پراڻا وڻ وڍائي ۽ قبرن جي بي حرمتي ڪري قبرستان تي قبضو ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب علائقي ۾ وڏي ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي ۽ جهيڙي جو پڻ امڪان آهي هنن چيو ته قبرستان تي قبضي جو پوليس توڙي علائقي جي معززين کي اطلاع ڏيڻ باوجود اڃا تائين ڪوبه تدارڪ ناهي ڪيو ويو هنن آءِ جي سنڌ. ڊي آءِ جي حيدرآباد. ايس ايس پي مٽياري ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته قبرستان مان وڻن جي واڍي ڪندڙ بااثر ماڻهن مٿان ڪيس داخل ڪري قبرستان تي قبضو ختم ڪرايو وڃي احتجاج ۾ جماعت اسلامي ضلعي مٽياري جي امير فقير محمد لاکو جمعيت علماء اسلام هالا جي امير حاجي صاحبڏنو ورياهه ۽ وڪيل برادري پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا 7 محفل موسيقي

ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي، چيئرمين شهباز ميلا ڪميٽي ۽ ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري، ايس ايس پي ڄامشورو ظفر صديق ڇانگا، ڊپٽي ڪمشنر دادو سيد مرتضيٰ شاهه، اڳوڻو ايم اين اي سڪندر علي راهپوٽو، پ پ اڳواڻ سيد آصف علي شاهه، چيئرمين ميونسپل ڪميٽي سيوهڻ شهزاد حيدر شاهه ضلعي جي آفيسرن، صحافين سميت عوام جي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 8 اياز پليجو

ڪارڪن سنڌ کي ٽوڙڻ جي ڳالهه ٿا ڪن اهڙن خيالن جو اظهار قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو راڌڻ ۾ جشن لطيف پروگرام ۾ خطاب ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته آئون مطالبو ٿو ڪريان ته سنڌ اسيمبلي قانون سازي ڪري ۽ پيپلز پارٽي سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي ۾ بل ۽ قرارداد کڻي اچي ۽ پاڪستان پينل ڪوڊ ۾ ترميم ڪري اها شق شامل ڪئي وڃي ته هي صوبا ناهن ۾ قومن جا وطن آهن

بقايا 9 بڏ ڇوڙ شروع

لاش ملڻ واري ماسي بعد سرڪار جي فرياد تي ڄامشورو جي اي ايس ڪيشن ٿاڻي تي اي آيس آءِ قربان ڀنهور جي فرياد تي قتل ٿيل عورت جي مڙس بابر علي لکي سروت پاران داخل ڪيل ايف آءِ آر موجب آڏار تي 5 سڃاڻل ۽ 8 اڻڄاتل جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 10 احتجاجي مظاهرو

الزام هڻندي چيو آهي ته ڊي ايم ايس جو رويو پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي لاءِ انتهائي افسوسناڪ آهي جيڪو هڪ ڊي ايم ايس کي جڳائي نه ٿو هنن چيو ته ڊي ايم ايس کي هٽايو وڃي ڇو جو هو پنهنجي من ماني ڪري ٿو اسپتال جي ملازمن سان غلط سلوڪ ڪري بد اخلاقي ڪئي وڃي ٿي سائنس گڏ هلڻ مشڪل ٿي پيو آهي هنن چتاءُ ڏنو ته ادان اسان جو مطالبو نه مڃيو ويو ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 11 احتجاجي مظاهرو

ڪورٽ آف پاڪستان ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم باوجود پنج سيڪڙو معذور ڪوٽا تي عملدرآمد نه ٿي رهيو آهي جنهن سبب سنڌ جا معذور شديد مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. هنن چيو ته ترقي يافته ملڪن ۾ جانورن ۽ پکين جي فلاح ۽ بهبود لاءِ کيترائي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن پر هتي معذوري جو شڪار ٿيل انسانن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪوبه ادارو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته معذور ماڻهن لاءِ اسپيشل ماهوار فنڊ مقرر ڪري بيت المال، زڪوات ۽ عشر ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جهڙن ادارن کي معذورن ماڻهن جي مدد ڪرڻ جو پابند بڻايو وڃي ۽ وفاقي ادارن کي پڻ 2 سيڪڙو ڪوٽا ۽ پرائيويٽ سيڪٽر کي پڻ معذور ڪوٽا تي عملدرآمد ڪرائڻ جو پابند بڻائڻ لاءِ حڪومتي سطح تي ڪوششون وٺڻ معذورن جي احتجاجي مظاهري ۾ جمعيت علماء اسلام جي صاحبڏنو ورياهه جسقم اڳواڻ عبدالرشيد ڏيڪو ايس يو پي جي بهار سهتو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 12 ڊرگهه روڊ بلاڪ

قومي اتحاد ۽ سول سوسائٽي پاران بلاڙي شاهه ڪريم ۾ شٽر بند هڙتال ،احتجاجي ريلي ۽هڪ ئي وقت ٽن هنڌن تي احتجاج ۽ ڌرڻا هزارين گاڏيون بيهجي ويون ،روڊ بلاڪ ، زاهد خان رند اعظم خان رند علي نواز رند شهمير رند اي بي رند اعظم خان رند جي اڳواڻي لڳل ڌرڻي ۾ جنهاڻ سومرو جي يوسي چيرمين حاجي عبدالستار سومرو مولانا عبدالرحمان رحماني سماجي اڳواڻ محمود سومرو حافظ ياسين سومرو ذليخان فائونڊيشن جي سربراهه رضيه سهتو سميت مختلف برادرين جي ماڻهن اظهار يڪجهتي طور شرڪت ڪئي ، ان موقعي تي شديد نعري بازي ڪئي وئي ، انهن ڪلاڪن کان جاري ڌرڻي سبب هزارين ماڻهو ۽ گاڏيون ڦاٿل ، پر تڪ جي ڪنهن به منتخب نمائندي شرڪت نه ڪئي نه وري هن تاريخي ڌرڻي کي ختم ڪرائڻ لاءِ ايس ايس پي آيو ايس ايس پي پاران ڊي ايس پي وزير شر ۽ انسپيڪٽر هادي بخش لاشاري کي موڪليو ويو پر مظاهرين جوابدار جي گرفتاري نه ٿيڻ تائين احتجاج ختم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

بقايا 13 احتجاجي ڌرڻو

ڏهن سالن کان وٺي اڄ تائين ڪاٽي نه ٿي آهي جنهن جي ڪري اسان اڄ مجبور ٿي ايس ڊي او ايريگيشن آفيس ڪمبٽ اڳيان ڌرڻو هنيو آهي ڌرڻي وقت آفيس ۾ ايس ڊي او ايريگيشن موجود نه هيو ۽ اڳواڻن سان فون تي رابطو ڪندي ايس ڊي او ايريگيشن ڪمبٽ مظهرالدين شيخ چيو ته سان هن وقت ڪنهن سرڪاري ڪم سان ڪراچي ۾ پهتل آهيان اينڊ چنچر ڏينهن دارڙا ماڻر جو معائنو ڪري ڪاٽي واري مشين موڪلي آبادگارن جو مسئلو حل ڪري ڇڏيندس جنهن تي آبادگارن اعتماد ڪندي ڌرڻو ختم ڪيو

بقايا 14 دعويٰ

سميت ٻي عملي مريم ٽوپ چوڪ شيل پمپ، جيلاني محلو نئون ڳوٺ، ڪڇهري روڊ ۽ ساڪنا ڳوٺ جي علائقن مان بغير ٽيڪس اسٽيمپ وارا غير قانوني سگريٽ هٿ ڪيا جن جو مجموعي تعداد 117 پيڪٽس آهي ايڪسائيز اختيارين موجب هي ڪريڪ ڊائون چيف سيڪريٽري سنڌ، سيڪريٽري ايڪسائيز ڊپارٽمينٽ سنڌ ۽ فيڊرل بورڊ آف ريوينيو (ايف بي آر) جي هدايتن تي ڪيو ويو جيڪو وفاقي ۽ صوبائي سطح تي جاري غير قانوني سگريٽن خلاف مهم جو حصو آهي هن مهم جو مقصد قومي خزاني کي نقصان پهچائيندڙ عنصرن جي حوصلا شڪني ڪرڻ ۽ ٽيڪس نظام کي وڌيڪ اثرائتو ۽ مضبوط بڻائڻ آهي.

بقايا 15 دعويٰ

رضوان چانڊيو شير علي ابڙو ۽ شهزاد خاصخيلي کان 20 ،10 .10 ،لٽر ديسي شراب ۽ ممتاز خاصخيلي کان وڏي مقدار ماوا گٽڪا برآمد ڪرڻ جي دعوا ڪندي مٿن دار دار ڪيس داخل ڪري ڇڏيا آهن

بقايا 16 حافظ منظور

آمين. اهلسنت والجماعت ضلع دادو جي جنرل سيڪريٽري محترم حافظ منظور احمد فاروقي صاحب ضلعي اجلاس ۾ جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته شهيد پوليس اهلڪار قوم جا سچا هيرو آهن جن فرض جي ادائيگي دوران پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪيو سندن اها عظيم قرباني هميشه ياد رکي ويندي ۽ قوم جي تاريخ ۾ سونهري اکرن سان لکيل رهندي هن وڌيڪ چيو ته هن افسوسناڪ واقعي ۾ ملوث ڏوهارين کي جلد کان جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي ته جيئن شهيد اهلڪارن جي وارثن کي انصاف ملي سگهي ۽ ميهڙ شهر سميت پوري علائقي ۾ امن امان بحال ٿي سگهي امن ۽ قانون جي بالادستي ئي هڪ محفوظ ۽ خوشحال سماج جي ضمانت آهي

بقايا 17 ڳوٺاڻن جو احتجاج

مقتول جي ڀاءُ فقير گل محمد سومرو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سندس ڀاءُ سليم سومرو مزدوري خاطر ڪراچي ويو هو جتي 9 مهينا اڳ نارٿ ڪراچي ٽيڪس اسپتال ساهمون ويلل هٽڻ دوران جوابدارن کيس سرعام گولين هڻي بيدرديءَ سان قتل ڪري ڇڏيو هن چيو ته واقعي جو ڪيس ڪراچي جي ليارو علائقي جي ڪلري ٿاڻي تي داخل آهي پر 9 مهينا گذرڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام رهي آهي هن الزام لڳايو ته پوليس ڪيس جي سنجيده جاچ به ناهي ڪئي، جنهن ڪري قاتل اڄ تائين آزادي سان گهمي رهيا آهن جڏهن ته متاثر خاندان انصاف لاءِ دربدر آهي هن چيو ته سندن گهر جو نوجوان بي ڏوهه قتل ڪيو ويو پر هن وقت تائين ڪنهن به اعليٰ اختيارين نوٽيس ناهي ورتو هن وزيراعليٰ سنڌ، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ۽ آءِ جي سنڌ کان اپيل ڪئي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 18 احتجاجي مظاهرو

پنوعاقل جي اڳواڻن مظاهري ۾ گهوٽڪي ميونسپل جي برطرف ملازمن سان همدردي جو اظهار ڪيو ۽ مطالبي جي حمايت ڪئي ان موقعي تي مطالبي جي مڃتا لاءِ احتجاج ريڪارڊ ڪرايو ان موقعي تي مظاهرو ڪندڙن چيو ته ڇهن سالن کان اسان جا ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن هنن چيو ته برطرف 7 ملازم احتجاج ڪندي فوت ٿي چڪا آهن پر ڪو به اسان جي دانهن ٻڌڻ وارو ناهي هنن چيو ته اسان ڪورٽ مان به ڪيس کٽيو آهي ۽ ڪراچي پي اي ، ايم اين اي ۽ بلاول ڀٽو آڏو به احتجاج ڪيو آهي پر اسان کي بحال نٿو ڪيو وڃي هنن وزير بلديات ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته اسان کي بحال ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 19 رياض چانڊيو

جيڪو اسان سنڌين کي فيصلو ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪونهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي حقن ۽ وسيلن لاءِ جدوجهد جاري آهي.سنڌ ڪپائڻ سميت سنڌ دشمن منصوبو ڪامياب ڪرڻ نه ڏينداسون.سنڌ جي بقا لاءِ جدوجهد جاري آهي

بقايا 20 وٺڻ لاءِ دورو

موقعي تي ايم سي چيئرمين سيد ثمر حسن شاهه رضوي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جي ڀرپور ڪوشش آهي ته شهر جي ماڻهن جا بنيادي مسئلا انهن جي درن تي حل ڪيا وڃن ڪجهه ڪالونين ۾ نيڪال سسٽم نه هجڻ ڪري عوام سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهي آهي انهن علائقن لاءِ اڳوڻي صوبائي وزير ايم پي اي سيد ضياء عباس شاهه رضوي کي چٺي اسپيشل اسڪيم ورتي هاڻ انهن علائقن ۾ ڊرينج جو ڪم تيزي سان هلندڙ آهي جيڪو جلد مڪمل ٿي ويندو هن چيو ته اسان عوامي نمائيندا آهيون عوام جي خدمت اسان جي اولين ترجيح آهي اسان جي وڏ کان وڏ اها ڪوشش هوندي آهي ته ڪنهن کي به ڪا تڪليف نه پهچي مذهبي ڏهاڙن سميت هر ڏک سک ۾ بلديا جا آفيسر ۽ عملو عوام سان گڏ بيٺل هوندو آهي هن وڌيڪ چيو ته اسان جو خواب آهي ته هن شهر کي هڪ ماڊل شهر بڻايون اُنهي لاءِ شهر جي عوام کي گهرجي ته بلديا سان تعاون ڪري جنهن سان شهر ترقي ڪندو ۽ اسان جلد هن شهر کي هڪ خوبصورت ۽ ماڊل سٽي بڻائي ڏيکارينداسين ان موقعي تي ايم سي وائيس چيئرمين سليم جاني خانزادو. زوار پرويز سمون. دلدار ميرجت. محمد علي ميرجت. نواز بلوچ ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا 21 پنهنجي نالي ڪيو

خاصخيلي برادري جي نوجوانن پاران ڪيپ بال ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ ڪرايو ويو جنهن ۾ 30 کان وڌيڪ ٽيمن حصو ورتو جن مان ٻه ٽيمون فائنل ۾ پهتيون جنهن ۾ چاچو اليون خاصخيلي اليون ۾ ڪانٽي جو مقابلو ٿيو جڏهن ته خاصخيلي اليون جي جاويد خاصخيلي جي ٽيم مقرر اٺ اوورن ۾ 155 جو ٽارگيٽ ڏنو جيڪو سامهون واري ٽيم مقرر اوورن ۾ پورو نه ڪري سگهي ۽ جاويد خاصخيلي جي ٽيم ونر ٿي فاتح حاصل ڪئي ان موقعي تي ٽورنامينٽ ڪميٽي ڪامران خاصخيلي جميل ملاح جاويد خاصخيلي چاچو مظفر بروهي وسيم ڪوسو راشد انڙ برڪت ٿهيم ۽ ٻين ٽرونامنٽ ڪامياب ڪرائڻ ۾ حصو ورتو فائنل ميچ جا مهمان خاص راڻا عبدالستار حاجي گڏو ميتلو قاسم ملڪ هئا فاتح ٽيم خاصخيلي اليون پاران ڪاميابي تي ميونسپل گرائونڊ ۾ دانسون ۽ جشن ڪيا خوشي ملهائي جڏهن ته بهترين پرفارمنس ڏيکاريندڙ ڪلاڙين کي مين آف دي ميچ ۽ ڪيش انعام ڏنا ويا

بقايا 22 نياز ٻرڙو

نياز علي ٻرڙو چيو آهي ته ميهڙ جو سانحو انتهائي افسوسناڪ ۽ لاقانونيت جو چٽو مثال آهي، هن چيو ته اسان اڳ به ايس ايس پي دادو کي امن امان بابت آگاهه ڪيو هو پر افسوس جو ان سنجيدگي سان قدم کڻڻ بدران اسان جي معاش ۽ علائقي جي معزز ماڻهن تي ڪوڙيون ايف آءِ آرون داخل ڪيون ويون.هن چيو ته جيڪڏهن وقت سر موثر ڪارروائي ڪئي وڃي ها ته شايد حالتون ايترو خراب نه ٿين ها. پوليس جي بهادر جوانن پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪيا، جنهن تي کين خراج تحسين پيش ڪريون ٿا، پر ساڳئي وقت ذميوارن جو تعين ٿيڻ ضروري آهي نياز علي ٻرڙو مطالبو ڪيو ته ميهڙ سانحي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ بيگناهه ماڻهن تي داخل ڪيل سڀ ڪوڙيون ايف آءِ آرن کي ختم ڪيو وڃي، جيئن انصاف جو بول بالا ٿي سگهي ۽ علائقي ۾ پائيدار امن قائم ٿي سگهي

بقايا 23 جوابدار گرفتار

گرام آئيس برآمد تفصيل موجب ايس ايڇ او بدين انسپيڪٽر اعجاز احمد سومرو، آءِ سي يو پي سيراڻي غلام مصطفيٰ چانڊيو ۽ پوليس ٽيم ڪارروائي ڪندي اي ڪيٽيگري جي آئيس ڊيلر رسول بخش عرف پٽو پٽ رمضان عمراڻي کي گرفتار ڪري ورتو جوابدار بدين پوليس کي به مطلوب هو پوليس موجب جوابدار وٽان 105 گرام آئيس هٿ ڪري ايف آءِ آر نمبر 76/2026 هيٺ (9)(11)(11) پي ايس آءِ ايس سي اين ايڪٽ 2024 تحت ٿاڻو بدين تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي گرفتار جوابدار جو پراڻو ڪرمنل رڪارڊ پڻ موجود آهي، جنهن ۾ مختلف ٿاڻن تي داخل ڪيس آهن جوابدار تي منشيات ۽ ٻين ڏوهن جا ڪيترائي ڪيس شامل آهن پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار خلاف وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي ۽ علائقي ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيز ڪيون وينديون

بقايا 24 ميلو منعقد

مقابلا ۽ سائنس ميلو جي نالي سان سائنسي ۽ تخليقي ميلو منعقد ڪيو ويو ، جنهن ۾ ضلعي جي مختلف اسڪولن جي شاگردن شاگردياڻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري سائنسي ميلي ۾ جديد سائنسي ماڊلز ، تخليقي منصوبن ۽ عملي تجربن جي نمائش ڪئي وئي

بقايا 25 منتخب ڪيو ويو

عبدالرزاق لنڊ جوائنٽ سيڪريٽري ، راشد حسين سهتو خزانچي ، شمن علي سولنگي پريس سيڪريٽري ، غلام اصغر ٻانبڻ ورڪنگ ڪاميٽي چيئرمين ، مسعود احمد مگسي واڪنگ آفيس چيئرمين ۽ ميمبر ارشد حسين سهتو، مزمل حسين سولنگي ، شوڪت علي لنڊ ۽ امير علي راڄپر جن کي چونڊيو ويو

بقايا 26 شڪيل خاصخيلي

ڪندي الزام هنيو آهي ته ڊي جي سيد نديم شاهه جو ماڻهو ۽ پاڻ کي ملازم سڏائيندڙ ممتاز پنهور ڊي جي جي ونگهار رهندي سوشل ميڊيا تي ڌمڪين تي لهي آيو آهي جنهن جا ثبوت مون وٽ موجود آهن.

بقايا 27 لعل شاهه

تي مبارڪون ڏيڻ ۽ هار پارائڻ واري موقعي تي ڳالهائيندي ڪيو هن وڌيڪ چيو ته آءِ وڪيل برادري جو شڪرگذار آهيان جن مونکي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪيو هن اهو به چيو ته منهنجي اها ڪوشش هوندي ته عدالتن ماڻهن کي سستو ۽ تڪڙو انصاف ملي ۽ وڪيلن جي حفاظت ۽ تحفظ لاءِ سخت قدم کڻڻ سان گڏ حفاظتي پاليسيون مرتب ڪيون وينديون ۽ وڪيلن جون پيشوراڻيون صلاحيتن کي وڌيڪ بهتر بنايو ويندو بار ۽ بئنچ ۾ ويجهو رابطو قائم ڪيو ويندو ان موقعي تي ناليوارو وڪيل امجد حسين بلهڙو پير الاهي بخش ڪاليج جو پرنسيپال هائي ڪورٽ جو وڪيل مشتاق احمد چانڊيو وڪيل همت علي گاڏهي نوجوان وڪيل اعجاز علي بگهيو علي محمد ساريو ۽ ٻيا دوست موجود هيا جيڪي پڻ سيد لعل شاهه کي مبارڪون ڏيڻ لاءِ سيد ولي شاهه هائوس پهتا هيا

بقايا 28 عورتون زخمي

۽ ٻيون شامل آهن متاثر عورتن جو چوڻ آهي ته بئنظير انڪم سپورٽ پروگرام سينٽر جو عملو نه رڳو سندن پئسن مان ڪٽوتي ڪري ٿو پر مٿان سخت تذليل ۽ بدسلوڪي پڻ ڪري ٿو عورتن موجب جڏهن هنن ڪٽوتي ۽ بدسلوڪي خلاف احتجاج ڪيو ته عملي تشدد ڪيو جنهن سبب6 عورتون زخمي ٿي پيون واقعي بعد علائقي ۾ شديد ڪاوڙ ڦهلجي وئي آهي، جڏهن ته شهري ۽ سماجي حلقن اعليٰ اختيارين کان واقعي جو فوري نوٽيس وٺڻ ۽ ذميوارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي ٻئي پاسي اسپتال ذريعن موجب زخمي عورتن جي حالت خطري کان ٻاهر آهي جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 29 رپين جي ڦرلٽ

گهر جي الماڙين جا تالا ٽوڙي گهر اندر پيل 25 تولا سون جا زيور روڪ پيل 10 لک روپيا، 5 موبائل فون هڪ ڪي بورڊ هڪ بيرل بندوق،پسٽول ۽ ٻيو قيمتي سامان پاڻ سان گڏ کڻي وڏي آساني سان فرار ٿي ويا، واقعي جو فوري اطلاعن ملڻ باوجود پوليس پنهنجي روايتي سستي اختيار ڪندي دير سان واقعي واري هنڌ پهتي، جڏهن ته گهر مالڪ سائين ڏنو عباسي ٻڌايو ته رات جي پوئين پهر ۾ جو 6 هٿياربند اسان جي گهر ۾ گهڙي آيا، جن هٿيارن جي زور تي گهر ڀاتين کي يرغمال بڻائي، گهر اندر پيل سموري جنس بوجهي الهه اٿلهه ميڙي پاڻ سان گڏ کڻي ويا. جنهن ۾ 25 تولا سون، 10 لک ڪيش، ٽج موبائيلون بندوق، پسٽل سميت ٻيو قيمتي سامان کڻي ويا، اسان راڻيپور ٿاڻي تي پهتاسين ته ٿاڻي جا در بند هئا، جنهن بعد رڙيون ڪيوسين پوءِ ٿاڻي جو در کوليو ويو پوليس کي اسان بروقت اطلاع ڪيو پوليس هٿيارٻندن جو پيڇو به نه ڪيو جنهن جي ڪري هٿيارٻند آساني سان فرار ٿي ويا. هن اهو پڻ چيو ته هتي رکيل چوڪيدار پڻ واقعي واري وقت کان گم آهي ۽ سندس جو نمبر به بند آهي اسان جي ڪنهن سان ڪا به دشمني ناهي نه ئي ڪنهن تي ڪو شڪ آهي جڏهن ته اهڙي واقعي جو ڪيس پڻ راڻي پور ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي. جڏهن ته اهڙي واقعي جو اطلاع ملڻ تي وڏي انگ ۾ شهري سياسي سماجي اڳواڻ متاثر واپاري ۽ سان سندس همدردي طور گهر پهتا ۽ کين هر ممڪن مدد ڪرڻ جا خاطري ڪرائي، شهرين اعلي اختيارين ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته شهر ۾ وڌندڙ بدامنيءَ تي ضابطو آڻي شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، هنن چيو ته شهر ۾ ڦرلٽ ڍوهه واپس ڪرايو وڃي ٻي صورت اسين احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿي وينداسين.

بقايا 30 احتجاج

بنيادي مسئلن جي ور چڙهيل آهي هن حوالي سان تعليم کاتي مٽياري ۽ چونڊيل نمائندن کي بار بار شڪايتون ڪيون آهن پر ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي ڳوٺاڻن ۽ اسڪولي شاگردن سنڌ جي وڏي وزير تعليم کاتي جي صوبائي وزير کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي اسڪول جي عمارت تعميري ڪرائي بنياد سهولتون فراهم ڪري پريشاني ختم ڪئي وڃي

بقايا 31 ڪئي فرار

روپين جو سامان روڪ رقم نامعلوم جوابدار چوري ڪري ويا ٻئي پاسي گذريل رات شهباز روڊ تي محمد اسماعيل پوڙهو ميمڻ جي ڪئبن جا تالا ٽوڙي هزاري روپين جا سگريٽ سامان ۽ روڪ رقم چوري ڪري ويا آهن شهرين جو چوڻ آهي ته بدين شهر ۾ روڊن رستن تي موبائيل فون ڦر ڪرڻ جو عام رواج ٿي ويو آهي ايس ايڇ او ماڊل ٿاڻو بدين جي لاپرواهي سبب چور ڌوهاري هر روز رات جو بي خوف ٿي وارداتون ڪندا وتن شهرين ايس ايس پي بدين ۽ سنڌ پوليس کاتي جي اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته بدين ۾ وڌندڙ چورين موبائيل فون ڦر ڪرڻ بدامني جو نوٽيس وٺي امن امان کي بهتر بنائڻ لاءِ قدم کنيا وڃن غريب ماڻهن جي جان مال جي حفاظت ڪئي

بقايا 32 ناصر محمود سومرو

ڪانفرنس دوران ڪيو هن جو چوڻ هو ته 8 فيبروري جي شب خون وارو ڏينهن هو ان ڏينهن تي صرف پوري ملڪ نه پر صوبائي اسيمبلي ۽ قومي اسيمبلي کي هائي جيڪ ڪيو ويو ۽ پئسن تي کپايو ويو ۽ پئسن عيوض اسيمبليون خريد ڪيون ويون

بقايا 33 گرفتار ۽ آزاد

اڄي جهيڙي تي ضابطو آڻي ٻنهي ڌرين کي رتوڇاڻ بچائڻ ورتو سگهيون پوليس ٻنهي ڌرين جي ماڻهن کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو جنهن بعد سماجي اڳواڻ ميان اسد الله چنا ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌي کين ٻنهي ڌرين کي پابند بڻايو ته سرڪاري پراپرٽي تان قبضو ختم ڪري دڪان مسواڙ تي وٺي روڏي ڪيو ٻنهي ڌرين پاران فيصلو قبول ڪيو ويو جنهن کان پوءِ پوليس ٻنهي ڌرين کي آزاد ڪري ڇڏيو

بقايا 34 احتجاج ڌرڻو

لاءِ زوردار نعارا بازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن يونس اوٺو , شهباز ميمڻ ۽ ٻين چيو ته ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ شدت اختيار ڪري وئي آهي سائيٽ ۾ پورهيت طبقو عوام رهي ٿو جيڪو پئسن عيوض پاڻي خريد ڪرڻ تي مجبور بڻيل آهي هنن چيو ته ٽينڪر مافيا پاڻي جا اگهه به وڌائي ڇڏيا آهن پاڻي جو في ٽينڪر چار هزار کان پنج هزارن ۾ وڪرو ڪيو پيو وڃي هنن چيو مسلسل احتجاج ڪرڻ جي باوجود انتظاميا پاڻي جهڙي اهم مسئلي تي نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي هنن مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪيو وڃي

بقايا 35 احتجاجي مظاهرو

آهن ان باوجود پوليس اڄ بنا ڪنهن نوٽيس يا وارنٽ جي رچ شهر سان گاڏي تان لاٿو ۽ زبردستي پاڻ سان گڏ کڻي ڪوٽڙي ٿاڻي منتقل ڪيو.

بقايا 36 مدد جي اپيل

ڪري ڪراچي کڻي ويو آهي. نابين نوجوان جو ڪو به پتو نه پوڻ سبب سندس ماءُ پيءُ ۽ گهر وارا صدمي ۾ مبتلا ٿي ويا آهن جن جو هر لمحو عذاب بڻيل آهي.پوليس ۽ اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ڪجي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي اغوا ڄاڻايل نوجوان کي بازياب ڪرائي سندن بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا 37 وڻڻ جو مطالبو

ڪوٽائي ڪري اوڀها ڪڏا هڻي بند ڪمزور ڪري ڇڏيا، شاخن ۾ پاڻي اچڻ بعد گهارا پوڻ جو خطرو سبب فصلن جا نقصان ٿيڻ سبب آبادگار پڻ پريشان ٿيو وڃن، آبپاشي کاتو نوٽيس وٺي ڪاروائي ڪرڻ بجاءِ خاموش بڻيل ،شهدادپور جي شهرين ۽ ڀرپاسي وارن علائقن جي ماڻهن چيو آهي ته چار برانچ شاخ سميت ٽنڊين وڏين شاخن سان غير قانوني طور هيوي مشينن ذريعي شاخن کي اوڀها ڪڏا هڻي انساني جانيون ڳنڀيرڪائي جو نوٽيس ورتو وڃي، گرمين دوران شهري توڙي ڳوٺاڻا گرمي کان بچاءِ لاءِ وهنجڻ شاخ وڃن ٿا اوڀها ڪڏا هڻڻ سبب موت جي منهن ۾ هليا وڃن، هنن آبپاشي کاتي جي وزير سميت وس وارن ادارن جو ڌيان ڇڪائيندي گهر ڪئي ته ايريگيشن عملدارن جي ملي ڀڳت سان غير قانوني مٽي جو وڪرو بند ڪري ملوث ڪامورن خلاف ڪاروائي ڪري انساني قيمتي جانيون بچايون وڃن.

بقايا 38 ٽيمون پهچي ويون

خان پتو ۽ ڊي آءِ جي پوليس فيصل بشير ميمڻ فيسٽيول جو باضابطہ افتتاح ڪيو اسپورٽس فيسٽيول ۾ شهيد بينظيرآباد، سانگهڙ ۽ نوشهرو فيروز ضلعن جون ٽيمون مختلف راندين جي مقابلن ۾ حصو وٺي رهيون آهن

بقايا 39 احتجاج

زمين تي زبردستي واهه ڊراهي ڇڏيو آهي. جڏهن ته مهرڙ جي ماڻهن روشن مهر سميت ٻين واٽر ڪورس بند ڪري زرعي پاڻي روڪي ڇڏيو جنهن سبب سندن زمينون بنجر بڻجي ويون آهن ڳوٺاڻن موجب مزاحمت ڪرڻ تي جوابدارن تشدد ڪري هڪ نوجوان کي زخمي پڻ ڪيو جنهن بابت پوليس ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي، پر پوليس طرفان اڃا تائين جوابدار گرفتار نه ڪيا ويا آهن احتجاج ڪندڙن سردار محمد بخش خان مهر سردار علي گوهر خان مهر ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته جوابدارن خلاف فوري قانوني ڪارروائي ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي. انصاف نه ملڻ خلاف گڏاٺي برادري جي ماڻهن پريس ڪلب خانپورمهر آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڪن ڪلاڪن تائين ڌرڻو هنيو جيڪو ڪائون ڪميٽي خانگڙهه جي چيئرمين حاجي عبدالرزاق خان مهر سان ڳالهين بعد ختم ڪيو ويو جڏهن ته احتجاج ڪندڙن کي انصاف جي خاطري ڪرائي وئي.

بقايا 40 وفاداري تقريب

رڪندڙ معزز شخصيتن سماجي اڳواڻن وڪيلن ڊاڪٽرن عالمن صحافين واپارين ۽ شهر جي معزز شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 41 انصاف جو مطالبو

ڌاليهر جي نالي سان ڪارڊ جاري ڪري مون سان وڏي ناانصافي ڪئي آهي ، جنهن لاءِ آئون بدين نادرا جي هيڊ آفيس ويس جتي قسم نامون پڻ جمع ڪرائي آئي آهيان ان باوجود به اڃان تائين مون سان انصاف نه ٿي سگهيو آهي جنهن سبب آئون پريشانين ۾ مبتلا آهيان ، منهنجا 5 ٻار هر هڪ محمد اسلم ، صنم ، ياسمين ، ارم ، مينا آهن ، فوري طور مير نواز محمد ڌاليهر جي نالي سان جاري ٿيل ڪارڊ کي رد ڪري مون کي منهنجي وفات ٿي ويل مڙس سلطان شيخ جي نالي سان بيواهه جو ڪارڊ جاري ڪري ڏنو وڃي ۽ ملوث نادرا آفيس ڪندو محمد خان جي عملي خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ته جيئن مون سان انصاف ٿي سگهي.

بقايا 42 معائنو ڪيو

مختلف سرڪاري اسڪولن گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول اوڊيرا آباد، گورنمينٽ غوثيه پرائمري اسڪول ۽ گورنمينٽ محمدي مسجد پرائمري اسڪول ٽنڊوآدم جو دورو ڪيو جتي اسڪولن ۾ شاگردن جي حاضري، تدريسي عمل، صفائي سٿرائي، ڪلاس روم بنيادي سهولتن، پيئڻ جي صاف پاڻي، واش رومز ۽ مجموعي نظم و ضبط جو معائنو ڪيو ويو ان موقعي تي مختيارڪار امام الدين لاڙڪ استادن ۽ شاگردن سان ملاقات ڪري تعليمي معيار بابت ڄاڻ حاصل ڪئي جڏهن ته اسڪولن جو رڪارڊ، حاضري رجسٽر ۽ ٻين دستاويزن جو پڻ جائزو ورتو هن اسڪول انتظاميه کي هدايت ڪئي ته شاگردن کي بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪيو وڃي ۽ تدريسي معيار کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي مختيارڪار چيو ته حڪومت سنڌ ٻارن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي ۽ ٽنڊوآدم جي سرڪاري اسڪولن جي بهتري لاءِ به هر ممڪن ڪوشش جاري آهي هن واضح ڪيو ته تعليمي معيار، استادن جي حاضري ۽ بنيادي سهولتن بابت ڪا به لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي دوري دوران ڪجهه معاملن تي فوري نوٽيس وٺندي اسڪول انتظاميه کي صفائي، ڪلاس رومز جي ترتيب ۽ شاگردن جي سهولتن ۾ وڌيڪ بهتري آڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون مختيارڪار يقين ڏياريو ته جن اسڪولن ۾ سهولتن جي کوٽ آهي، انهن لاءِ لاڳاپيل کاتن سان رابطو ڪري مسئلا حل ڪرايا ويندا

بقايا 43 وارثن حوالي ڪيو

سجاڳ هالاڻي پرسان ڳوٺ عمر ميمڻ واسي محمد سعيد ميمڻ طور ٿي آهي فوتي جي وارثن جو چوڻ آهي ته فوتي درويش قسم جو ماڻهو هيو جيڪو گذريل رات گهران نڪتو ۽ واپس نه موٽيو هو هوڏانهن ضروري ڪارروائي بعد وارث لاش ڳوٺ کڻائي ويا

بقايا 44 پيادل امن مارچ

باشعور علائقي واسين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري 10 ڪلو ميٽر پيادل مارچ ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن جو چوڻ هيو ته سنڌ صوفين ڌرتي ۽ امن جي ڌرتي آهي سنڌ امن چاهي ٿي پر ڏينهون ڏينهن سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني سبب ڪيترائي سنڌي سباجهڙا ڦورن لٽيرن جي ور چڙهي قتل ٿيو وڃن هنن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته پوري سنڌ بدامني جوٽ چڙهيل آهي قبيلائي تڪرار سبب ڪيترائي اڻوين جون جهوليون خالي ٿي ويون . ماڻهون گهرن ۾ غيرمحفوظ بڻيل آهن ڪاروباري ماڻهون شهرن ۾ ڪاروبار نٿا ڪري سگهن . لنڪ روڊن سان گڏ قومي شاهراهه غيرمحفوظ بڻيل آهي ڪجهه مهينن ۾ قومي شاهراهه تي ڪيترائي مسافر ڦرجڻ سان گڏ پڻ رهزن ڦورن هٿان قتل ٿي ويا . پر انتظاميا پوليس امن امان بحال ڪرائڻ ۾ ناڪام وئي . عوام جي جان مال جو تحفظ ڪرڻ رياست جي ذميواري آهي پر هاڻي عوام جي جان مال نه محفوظ ناهي پر جان به غيرمحفوظ بڻيل آهي وڏيرڪي نظام پوليس جون جڙتو ڪاروايون ۽ منشيات جهڙي موذي مرض سريعام هلڻ جي مذمت جوڳو عمل آهي ان سلسلي ۾ تعلقي ڪنڊيارو ڪمالديرو ساهي جاپاڻ باشعور عوام روڊن تي نڪري پيادل مارچ ڪري اها گهر ڪري رهي آهي ته سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي جتي امن محبت پائيچاري تهذيب رهي آهي هنن پارن سنڌ حڪومت قانوني لاڳو ڪندڙ ادارن کان پڻ اهيا گهر ڪئي ته سنڌ امن چاهي ٿي ته ان لاءِ سنڌ جو عوام اڄ تاريخي پيادل ريلي ڪڍي قانوني لاڳو ڪندڙ ادارن کان گهر پيو ڪري ته سنڌ جي امن امان بحال ڪري عوام جي جان مال جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي

بقايا 45 محمود سومرو

اسلام سنڌ جي اڳواڻ مولانا راشد محمود سومرو چيو ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال ڪنهن به صورت ۾ بهتر ناهي بدامني روزانو وڌي رهي آهي ۽ حڪمران مڪمل طور ناڪام ٿي چڪا آهن

بقايا 46 قادر مگسي

پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي بدين ۾ ايس ٽي پي ضلع صدر شاهنواز سيال سان عزر خواهي ڪرڻ کان پوءِ صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته ملڪ ۾ ووٽ جو تقدس خراب ڪيو ويو آهي ووٽ کي آزاد ڪرائڻو پوندو

بقايا 47 منعقد ڪيو ويندو

عرس جي انتظامن بابت اهم فيصلا ڪيا ويندا. اجلاس جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر خيرپور الطاف احمد چاچڙ ڪندو اميد ظاهر ڪئي پئي وڃي ته سچل سرمستؒ جي ساليانو عرس جو افتتاح سنڌ جي وزيراعليٰ سيد مراد علي شاهه ڪندو ڪن ڏينهن واري عرس دوران صوفي سماع ڪانفرنس محفل مشاعره، ملاڪڙو زرعي ۽ صنعتي نمائش سگهڙ ڪانفرنس سميت ٻيون ثقافتي ۽ ادبي تقريبون منعقد ڪيون وينديون

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل هاءِ وي ڊويزن سانگهڙ

No. TC/G-55/ 157 /of 2026 Dated: 09 / 02 / 2026

مهربند ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

SPPRA قاعدن (تاحال ترميم شده) موجب، هيٺ ڄاڻايل ڪمن لاءِ اهل، دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن / فرمن / ڌرين کان مهربند لفافن (هڪ مرحلي تي ٻه لفافي) ۾ ٽينڊر اخبارن ۽ SPPRA (E-PADS) جي ويب سائيٽ ذريعي طلب ڪيا وڃن ٿا.

شمار نمبر	اسڪيم جو نالو	تخميني لاڳت (ملين ۾)	5% بڊ سيڪيورٽي (ملين ۾)	ٽينڊر في	مقرر ڪيل وقت
1	ڪاهيءَ کان دولتپور تائين روڊ جي خاص مرمت ۽ سار سنڀال (M&R)، 0.0 کان 7.00 ڪلوميٽر تائين (1/2-1 انچ ٿلهي اسفالٽ سطح).	241.744	12.087	-/5000 رپيا	جون 2026 تائين
2	خاص مرمت ۽ سار سنڀال (M&R) بي ٽي سي شهدادپور کان گپبهائي روڊ تائين ڳنڍڻ ميل 4/5-0/0 (7.40 ڪلوميٽر) 2 انچ ٿلهي اسفالٽ سطح	748.824	37.441	-/5000 رپيا	جون 2026 تائين
3	خاص مرمتي ڪم، درگاهه عبدالله شاهه کان ڳوٺ پلهاڙو، يو سي رونجهو تائين ميل 0.0 کان 5.40 ڪلوميٽر تائين (1/2-1 انچ ٿلهي اسفالٽ سطح سان) (ويڪر 12 انچ).	195.926	9.796	-/5000 رپيا	جون 2026 تائين
4	حصو (الف) خاص مرمتي ڪم، چنيسري موري کان ڳوٺ حاجي مهڪ مري، يو سي پٽ، پٽيتي تائين روڊ، 00/0 کان 2.00 ڪلوميٽر (1/2 1 انچ ٿلهي اسفالٽ سطح سان). حصو (ب) خاص مرمتي ڪم، ڪاهي کان عمرڪوٽ روڊ وايا چنيسري موري يو سي پٽ، پٽيتي روڊ 0.00 کان 5.00 ڪلوميٽر (1/2 1 انچ ٿلهي اسفالٽ سطح سان) (ڪل ڊيگهه 7.00 ڪلوميٽر).	194.381	9.719	-/5000 رپيا	جون 2026 تائين
5	حصو (الف) خاص مرمتي ڪم، ڪاهي کان ڳوٺ حاجي محمد مري ڏهڪائي، يو سي ڪاهي تائين روڊ، 3.20 0.00 ڪلوميٽر (1/2 1 انچ ٿلهي اسفالٽ سطح سان). حصو (ب) خاص مرمتي ڪم، ڳوٺ سمن آباد، يو سي ڪاهي روڊ، 1.00-0.00 ڪلوميٽر (1/2 1 انچ ٿلهي اسفالٽ سطح سان). حصو (ت) خاص مرمتي ڪم، ڪاهي شهر باءِ پاس روڊ، 2.00-0.00 ڪلوميٽر (1/2 1 انچ ٿلهي اسفالٽ سطح سان) (ڪل ڊيگهه 6.20 ڪلوميٽر).	193.591	9.679	-/5000 رپيا	جون 2026 تائين

ٽينڊرن جو شيڊيول هيٺين ريت هوندو:

1. ٽينڊر دستاويز، جيڪي ضروري ڄاڻ تي ٻڌل آهن، SPPRA جي ويب سائيٽ (http://portalsindh.eprocure.gov.pk) تان حاصل يا ڊائونلوڊ ڪري سگهجن ٿا، يا شايع ٿيڻ جي تاريخ کان وٺي هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مان حاصل ڪري سگهجن ٿا. 5,000 روپيا ٽينڊر في (ناقابل واپسي) هوندي، جيڪا پي آرڊر جي صورت ۾ "ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل هاءِ ويز ڊويزن سانگهڙ" جي نالي جمع ڪرائڻ ضروري آهي، جيڪا اِيـ بڊ سان گڏ لڳل هئڻ ۽ EPAD جي ويب سائيٽ تي اپلوڊ ڪرڻ لازمي آهي.
2. ڀهرين ڪوشش ۾ بڊنگ 27-02-2026 تائين صبح 09:30 وڳي تائين اِيـپيڊ سسٽم ذريعي جمع ڪرائي ويندي، گڏوگڏ بڊ سيڪيورٽي، جيڪا هر ڪم لاءِ ڄاڻايل آهي، ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾، پاڪستان جي ڪنهن به شيڊيول بينڪ مان جاري ڪيل هجڻ گهرجي جيڪا "ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل هاءِ ويز ڊويزن سانگهڙ". نالي سان اِيـ بڊ سان لڳل هئڻ ۽ EPAD جي ويب سائيٽ تي اپلوڊ ڪرڻ لازمي آهي.(SPPRA جي قاعدي 37 تحت سب رُول (1) ۾ ترميم، نوٽيفڪيشن 25 آگسٽ 2023).
3. ٽرڊ پارٽي يا آڇ ڏيندڙ سان تعلق نه رکندڙ ذاتي اڪائونٽس مان جاري CDR کي قابل قبول نه سمجهيو ويندو.
4. بغير نالي جيCDR کي قابل قبول نه سمجهيو ويندو.
5. آڇ ساڳئي ڏينهن 11:00 وڳي کولي ويندي، E-PADS ذريعي، "ايگزيڪيوٽو انجنيئر پراونشل هاءِ ويز ڊويزن سانگهڙ" جي پويان، آڇ ڏيندڙ يا سندن مجاز نمائندن جي موجودگيءَ ۾، جيڪي ٽينڊر کولڻ واري ڏينهن شرڪت ڪرڻ ڪندا، جيئن SPP Rules, 2010 (تاحال ترميم شده) موجب پروڪيورنگ ايجنسي جي نوٽيفاءِ ڪيل ڪميٽين طرفان مقرر ڪيو ويو آهي.
6. آڇ کولڻ کان اڳ اصل ٽينڊر فيس ۽ بڊ سيڪيورٽي مهربند لفافن ۾ هٿو هٿ يا رجسٽرڊ ميل ذريعي آفيس ۾ جمع ڪرائڻ ضروري آهي.
7. جيڪڏهن ڀهرين ڪوشش تي ڪا موٽ نه ملي ته ٻيهر 17-03-2026 تائين صبح 09:30 وڳي تائين جمع ڪرائي سگهجي ٿي، ۽ ساڳئي ڏينهن 11:00 وڳي آڇون کوليون وينديون. ٽينڊر جا دستاويز پڻ 16-03-2026 تائين ڊائونلوڊ ڪري سگهجن ٿا.
8. جيڪڏهن آڇ کولڻ واري ڏينهن پروڪيورمينٽ ڪميٽيءَ جو ڪو ميمبر هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هجي يا حڪومت عوامي موڪل جو اعلان ڪري، ته آچون اڳين ڪم ڪار واري ڏينهن يا پروڪيورنگ ايجنسي جي اعلان ڪيل تاريخ تي کوليون وينديون.
9. جيڪڏهن ڪو جعلي دستاويز مليو، ته ٽينڊر بغير ڪنهن معاوضي جي رد يا منسوخ ڪيو ويندو، ۽ قاعدن موجب سزا لاڳو ڪئي ويندي.
10. واڪ جو مدو نوي (90) ڏينهن آهي.

اهليت جو معيار:

a. درست NTN سرٽيفڪيٽ.
b. درست SRB رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ.
c. سراسري ساليانو مالي ٽرن اوور آخري پنجن سالن ۾ (2020_21، 2021_22، 2022_23، 2023_24 ۽ 2024_25) اسڪيم /پروجيڪٽ جي لاڳاپيل قيمت کان گهٽ نه هئڻ گهرجي.
d. ICAP ۾ رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان آخري پنجن سالن جون ساليانو آڊٽ رپورٽون (2020_21، 2021_22، 2022_23، 2023_24، 2024_25).
e. آخري 03 سالن ۾ 2022_23، 2023_24، 2024_25 ڪم جي اندازي واري قيمت جي مقابلي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 15 سيڪڙو يا وڌيڪ سراسري بيلنس (مالي سال جي بندش وارو بيلنس) هجڻ گهرجي. نئين بينڪ سرٽيفڪيٽ (اصل ۾) سان گڏ جمع ڪرائڻ ضروري آهي، جنهن ۾ ڏنل مدت جو سراسري سالانه بيلنس ظاهر هجي.
f. آخري 03 سالن ۾ ساڳئي نوعيت جي ڪم ۾ تجربو
• گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهڙو ڪم، جنهن جي قيمت ڪم جي اندازي جي قيمت جو 20 سيڪڙو هجي؛ يا
• گهٽ ۾ گهٽ ٻه اهڙا ڪم، هر هڪ جي قيمت ڪم جي اندازي جي قيمت جو 50 سيڪڙو هجي.
g. درست PEC سرٽيفڪيٽ (جون 2026 تائين) لاڳاپيل شعبن ۾ ڪيٽيگري ڪوڊن سان (جتي لاڳو ٿئي).
h. آخري ٽن سالن جا ساليانو انڪم ٽيڪس ريٽرنز (2022_23، 2023_24، 2024_25).
i. درخواست ڏيندڙ / مالڪ جي سڃاڻپ لاءِ CNIC جي ڪاپي.
j. مالڪي يا ڪرائي جي دستاويزي ثبوت سان اسفالٽ پلانٽ سميت مشينري ۽ سامان جي فهرست.
k. انجنيئرنگ، ٽيڪنيڪل ۽ پروفيشنل اسٽاف جو بايو ڊيٽا، مڪمل تفصيل سان تجربو، دستاويز ۽ خدمتن جو عرصو.
l. حلف / عهد نامو ته فرم ڪڏهن به بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي ۽ ڪنهن به حڪومت/نيم_سرڪاري اداري سان ڪيس يا ليٽيگيشن ۾ شامل نه رهيو آهي.
m. اصل دستاويز: سڀ اصل دستاويز پروڪيورمينٽ ڪميٽيءَ جي تصديق لاءِ ڏيکارڻ لازمي آهن.
n. ٽيڪنيڪل پروپوزل دوران ڪنهن به قسم جي ترميم جي اجازت نه هوندي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پراونشل هاءِ وي ڊويزن
سانگهڙ

I WORK FOR SINDH — A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT www.iwork4sindh.com

INF/KRY/488/2026

نصرپور ويجهو ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، 3ڄڻا زخمي

بروهي موري بس اسٽاپ وٽ ٻن موٽر سائيڪلن ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ عبدالله، اميرمعاويہ لغاري ۽ آرائين برادري جا ٻہ ڄڻا زخمي ٿيا

زخمين کي نازڪ حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي عبدالله لغاري فوت ٿي ويو

نصرپور (ن ع) نصرپور ويجهو بروهي موري بس اسٽاپ وٽ ٻن موٽر سائيڪلن ۾ زوردار ٽڪر لڳڻ سبب ڊاڪٽر عبدالله لغاري،اميرمعاويہ لغاري ۽آرائين برادري جا ٻہ ڄڻا شديد زخمي ٿي پيا جن کي هيلٿ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: واسا جا ملازم پگهار نہ ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

بلڙي جي ڪارخاني جي ڇت تان ڪرڻ سبب پورهيت فوت

شگر گدام جي ڇت مٿان ڪم ڪرڻ دوران نبي بخش هيٺ ڪري پيو

نازڪ حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هن دم ڏٽي حوالي ڪيو

ٽنڊو محمد خان(ن ع) بلڙي شاہ ڪريم جي سپ ڪان وڏي ڪنڊ ڏاهيندڙ ڪارخاني سنڌ آبادگارشگرمل جي شگرگدام جي ڇت جي مٿان ڪم ڪرڻ دوران نوجوان پورهيت ٽن ٻارن جو پيءُ 35 سالا نبي بخش لنڊ فرش تي ڪرڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو ، جڏهن نہ آبادگار انتظاميہ پاران علاج لاءِ ڪيس نازڪ حالت ۾ ڊسٽرڪٽ اسپتال ٽنڊو محمد خان نيو ويو جتي هو زخمن جا سور نہ بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

گولاڙچي لڳ پاڻي جي موٽر مان ڪرنٽ لڳڻ سبب 17 سالن جو نوجوان فوت

گولاڙچي(ت ر) گولاڙچي لڳ چڪ نمبر17 واسي نوجوان چندر پٽ ميگهي ذات ڪولهي پاڻي جي موٽر مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو واقعي بعد ڪيس ترت تعلقي اسپتال گولاڙچي منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: قلندر لال شهباز جي مزار تي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو دعا گهري رهيو آهي

هن ڀيري قلندر جي ميلي ۾ سيڪيورٽي جا خدشا موجود هئا: آءِ جي سنڌ

ٽيم ورڪ سبب ميلو خيريت سان گذريو ويران ڪري فورس کي شاباش ڏيڻ لاءِ سيوهڻ آيو آهيان

اسان جو ڪم مشڪل آهي ۽ پروفيشنل محنت سان بهتري آڻي رهيا آهيون: ميڊيا سان ڳالهيون

سيوهڻ(ن ع)ناليواري عظيم بزرگ ۽ اولياء حضرت قلندر لعل شهباز جو ساليانو عرس مبارڪ ڪاميابي ۽ پرامن نموني ٿي وڃڻ بعد آئي جي سنڌ جاويد عالم اوڍو پوليس پوليس فورس کي شاباس ڏيڻ لاءِ سيوهڻ پهچي سيد عبد الله شاهہ انسٽيٽيوٽ سيوهڻ جي آڊيٽوريم هال ۾ منعقد ڪيل تقريب ۾ شرڪت ڪئي، تقريب ۾ ايس ايس پي جامشورو پاران قلندر جي ميلي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

راٺيپور ۽ ڀرپاسي بدامني تي ڪنٽرول نہ ٿيو، هٿياربندن جي گهر تي چڙهائي، لکين رپين جي ڦرلٽ

ٽيچر ڪالوني ۾ سائين ڏني عباسي جي گهر 6 اڻڄاتل هٿياربندن داخل گهرڀاتين کي يرغمال بڻايو

هٿياربند25 تولا سون، 10 لک روڪ، 5 موبائل فون، هڪ بندوق،پسٽول ۽ ٻيو قيمتي سامان کڻي فرار ٿي ويا

ڦر ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سامان ۽ رقم واپسي ڪرائي وڌندڙ بدامنيءَ تي ضابطو آندو وڃي: رهواسي

راٺيپور(ن ع) راٺي پور جي ٽيچر ڪالوني ۾ واقعي وڏيري سائين ڏنو عباسي جي گهر ۾ رات جي پوئين پهر ۾ 6 نامعلوم هٿياربندن داخل ٿي گهر ڏڻيءَ کي ڪيس گهرڀاتين سميت يرغمال بڻائي سندس بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

اڏيرولال لڳ پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حال هجڻ خلاف احتجاج

شاگردن ۽ ڳوٺاڻن تعليم ڪاتي متياري خلاف مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

بلڊنگ زبون حال آهي، فرنيچرن ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي: مظاهرين

اڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال لڳ ڳوٺ محمد خان مجيداڻو جي پرائمري اسڪول جي عمارت زبون حال هجڻ خلاف اسڪولي شاگردن ۽ ڳوٺاڻان تعليم ڪاتي متياري جي ڪامورن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي عبدالله مري معشوق علي مجيداڻو ۽ ٻين چيو تہ اسان جي ڳوٺ جي اسڪول جي بلڊنگ ڪيترن ئي سالن کان زبون حال بڻيل آهي اسڪول ۾ فرنيچرن ۽ ٻين بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: جي يو آءِ اڳواڻ ناصر محمود سومرو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اڏيرولال: ڳوٺاڻا ۽ اسڪولي شاگرد تعليم ڪاتي متياري خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، نامعلوم چور ڪيبن جا تالا ٽوڙي سامان کڻي فرار

بدين (ڊ ر) بدين شهر ۾ گذريل هفتي کان چورن رڻ ٻاري ڏنو آهي شهر جي مختلف پاڙن مٿين چوڪن تي چوري جون وارداتون پيش آيون آهن پوليس مڪمل طور تي خاموش تماشائي بڻيل آهي گذريل هفتي عابد ڪالون ۾ نويد ميمڻ جي دڪان جا تالا ٽوڙي سي ڊي موٽر سائيڪل ۽ لکي بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

27 ترميم آڻي قوم کان جيئڻ جو حق کسيو ويو آهي: ناصر محمود سومرو

اسلامي جمهوريہ ملڪ پاڪستان ۾ غير شرعي ۽ غير قانوني بل پاس ڪيا ويا

پريا ڪماري جو فيصلو سالن کان نہ ملڻ حڪومت سنڌ جي منهن تي موچڙو آهي

گهوٽڪي (ن ع) جميعت علماء اسلام 8 فيبروري کي پوري ملڪ پاڪستان ۾ بدترين ۽ ڪاروپوم سياہ ڏينهن ناليي سان ملهايو آهي آئينده انتخاب صاف شفاف انتخاب ۽ قوم کي شعور ڏيڻ ۽ بيدار ڪرڻ لاءِ ڏينهن ملهايو ويو اهڙو اظهار مولانا ناصر محمود سومرو گهوٽڪي ويجهو ڳوٺ حاجي ڪوڙا خان لانگاہ نہ نذير احمد لانگاہ وٽ ڏنل آجياڻي ۾ پريس بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سڳيون ۾ سرڪاري پلاٽ تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، گرفتار ۽ آزاد

سڳيون (ن ع) سڳيون ۾ سرڪاري روڊ ڪناري تي سبزي رکرو ڪندڙ مسڪين پورهيتن سان شهر اندر مهانگي ريت تي سبزي وڪرو ڪندڙن دوڪاندارن جي غنڊہ گردي سبزي وڪرو ڪندڙن مٿان حملولئہ سڪن جو وسڪارو پوليس ۽ شهرين وچ ۾ بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ زرعي انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيز بابت عالمي ڪانفرنس شروع

دنيا تيزي سان ترقي ڪري رهي آهي ۽ مستقبل ۾ اڄ جي استاد جي جاءِ ٽي اي آئي استاد پڙهائيندا:عبدالقادر انصاري

پاڪستان جي زراعت کي موسمي تبديلي، پاڻي کوٽ، توانائي مسئلا ۽ وڌندڙ آبادي سبب خوراڪ جي تحفظ جا چئلينجن جو مهاڏو آهي:الطاف سيال

وڌندڙ گرمي پد ۽ ٻين موسمي حملن سبب ڪڻڪ، سارين، مڪئي، ڪيلي ۽ ٻاجهرين جي پيداوار کي نقصان پهچي رهيو آهي: مظهرالدين ڪيريو ۽ ٻين جو خطاب

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ فيڪلٽي آف ايگريڪلچرل انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي جي ميزباني ۾، سنڌ هاءِ ايجوڪيشن ڪميشن ۽ اسرا يونيورسٽي حيدرآباد جي تعاون سان ٻي ٻن ڏهاڙن واري زرعي انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيز عالمي ڪانفرنس شروع ٿي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪوئيٽہ: وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز ۽ بلوچستان جو وڏو وزير سرفراز بگٽي ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

گولاڙچي بي آءِ ايس پي سينٽر تي ڇڪتاڻ، 6 عورتون زخمي

سينٽر تي عملي ۽ مستحقن عورتن ۾ جهيڙي سبب 6 عورتون زخمي ٿي پيون

زخمي ٿيندڙ عورتن ۾ حليمان، آمنہ، فرزانہ، رخسانہ ۽ ٻيون شامل، اسپتال منتقل

گولاڙچي(ت ر) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام سينٽر تي ڇڪتاڻ عملي جي تشدد سبب 6 عورتون زخمي گولاڙچي ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) سينٽر تي عملي ۽ مستحق عورتن وچ ۾ جهڳڙو ٿي پيو جنهن دوران عملي پاران مبينا تشدد سبب 6 عورتون زخمي ٿي پيون. زخمي عورتن کي فوري طور تعلقي اسپتال گولاڙچي منتقل ڪيو ويو جتي ڪيو طبي امداد ڏني پئي وڃي زخمي ٿيندڙ عورتن ۾ حليمان آمنہ فرزانہ رخسانہ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

هالا ۾ تاريخي قبرستان تي قبضي خلاف احتجاجي ريلي

مظاهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو

بااثر ماڻهو وڏ وڏرائي قبضي جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، نوٽيس ورتو وڃي:مظاهرين

هالا(ت ر) هالا جي تاريخي قبرستان پير بلاولي سان وڏن جي واڙي ڪري قبضو ڪرڻ خلاف ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ڳوٺ لقمان ڪوريجا جي ڳوٺاڻن انيس احمد ڪوريجو حاجي سلطان ڪوريجو تيمور ڪوريجو عبدالوحيد ڪوريجو ايڊووڪيٽ ذوالقرنين بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ: ڪمشنر حيدرآباد قلندر جي ميلي ۾ ايوارڊ ورهائي رهيو آهي

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ خلاف رهواسين جو ڊي سي آفيس اڳيان احتجاج ڌرڻو

ايس ٽي پي جي سڏ تي رهواسين يونس اوٺو ، شهباز ميمڻ ۽ ٻين ڊي سي آفيس اڳيان ڌرڻو هڻي احتجاج ڪيو

مسلسل احتجاج ڪرڻ جي باوجود انتظاميا پاڻي جهڙي اهم مسئلي تي نوٽيس وٺڻ لاءِ تيار ناهي: مظاهرين

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ شدت اختيار ڪري وئي آهي ان سلسلي ۾ ايس ٽي پي جي سڏ تي رهواسين احتجاجي ريلي ڪڍي ڊي سي جامشورو جي آفيس اڳيان ڌرڻو هڻي پاڻي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

حضرت لال شهباز قلندر رح جي ساليانو عرس مبارڪ جي اختتامي تقريب، محفل موسيقي

تقريب ۾ ڊويزنل ڪمشنر، چيئرمين شهباز ميلا ڪميٽي ۽ ڊي سي جامشورو ۽ ٻين عملدارن جي شرڪت

فنڪار صنم ماروي، رجب فقير، ديبا سحر، منظور سخيراڻي ۽ ٻين پنهنجي فن سان محفل ۾ ويٺلن کي جهومائي ڇڏيو

اڳوڻي ايم اين اي سردار سڪندر راهپوٽو ۽ سيد آصف علي شاهہ سريلي فنڪارا ديبا سحر کي شهباز ايوارڊ ڏنو

سيوهڻ(ن ع)عظيم صوفي بزرگ ۽ اولياءُ الله حضرت لال شهباز قلندر رح جي ساليانو عرس مبارڪ جي اختتامي رات شهباز آڊيٽوريم ۾ محفل موسيقي جي شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

جامشورو لڳ قتل ٿيل صبير پٺاڻ جو ڪيس 8 جوابدارن خلاف داخل، ٻڌ ڇوڙ شروع

مقتولہ جي مڙس بابر علي جي فرياد تي معشوق، دادن، راڻو، جاني، نورو ڪوسو سميت 8 جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرايو

جوابدارن زال صبرو کي زنا ڪرڻ جي نيت سان اغوا ڪرڻ بعد تشدد ڪري قتل ڪيو آهي: موقف

پوليس عورت جي قتل ۾ ڪافي شڪي گرفتاريون شروع ڪندي ٻڌ ڇوڙ جو سلسلو تيز ڪري ڇڏيو

جامشورو(رپورٽ عرفان برفت) جامشورو جي ٿرمل پاور هائوس پرسان جابلو علائقي جي ڳوٺ محمد ڪوسو وٽان ڪپڙو وڪرو ڪندڙ عورت صبرين ڌيءَ غلام رسول سروٽ پٺاڻ جي گمشدگي بعد تشدد ٿيل بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي پوليس جي زيادتين خلاف رهواسين جو احتجاجي مظاهرو

پوليس بنا جواز نوجوان راجا شورو کي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائي نگر پوليس حوالي ڪيو آهي: مظاهرين

معاملي جي جاچ ڪرائي راجہ شورو عرف لونگ شورو کي آزاد ڪيو وڃي

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي ۾ پوليس مبينا طور بنا ڪنهن ڏوهہ جي نوجوان راجہ شورو عرف لونگ شورو کي گرفتار ڪري ورتو جنهن خلاف سندس وارثن پاران ڪوٽڙي پريس ڪلب آڏو سخت احتجاج ڪيو ويو،احتجاج ڪندڙ وارثن ٻڌايو تہ راجہ شورو عرف لونگ شورو ماضي ۾ هڪ ڪيس ۾ نامزد هو جنهن ۾ هو قانوني طور ضمانت تي آزاد هو ۽ ڪيس ۾ ضامن پڻ موجود بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل لڳ اڪيلي کان نابين گداگر ڪيترن ڏينهن کان گم، وارثن پاران ڳولا ۾ مدد جي اپيل

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل لڳ.. سلطانپور واسي اغوا جانابل اڪيلي کان نابين، ٻي سهارو ۽ بي وس گداگر نوجوان خميسو ماروڙي جو ڪيترن ڏينهن کان سخت ڳولا باوجود وارثن کي نہ ملي سگهيو آهي، وارثن جو چوڻ آهي تہ سندن نابين نوجوان کي پنوعاقل واسي ملان حنيف شغل پنوعاقل ۾ خير پنڻ دوران زبردستي اغوا بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: محرابپور تي حادثي سبب عامدورفت بند ٿيڻ تي حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي موجود قلندر جا پانڌيئڙا ڌمال هڻي رهيا آهن

شهدادپور ۾ ساليانو وارابندي بعد شاخن مان مٽي چوري، رهواسين پاران نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

شهدادپور(ن ع) شهدادپور ۾ ساليانو پاڻي جي وارابندي شروع ٿيندي ئي ڊي ايريگيشن عملدارن جي ملي ڀڳت سان مٽي ڊوزن جو سلسلو رڪجي نہ سگهيو ڪيترن ڏينهن کان ڀيري ڪرين مشينن ذريعي جامڙ برانچ شاخ ٽنڊوآدم شاخ سميت ۽ ٻين ننڍين وڏين شاخن مان غيرقانوني طور تي مٽي جي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال عملي جو ڊي ايم ايس خلاف احتجاجي مظاهرو

ملازمن بشير چنڊ، شڪيل سومرو، مختيار ڪوريجو ۽ جي اڳوائي ۾ احتجاج ڪيو

ڊي ايم ايس اسپتال جي ملازمن سان غلط سلوڪ ڪري بد اخلاقي ڪئي آهي، ڪيس هٽايو وڃي

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ڪوٽڙي جي پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي ملازمن سان ڊي ايم ايس جو ناروانا سلوڪ ۽ بد اخلاقي رويي جي خلاف اسپتال جي احاطي ۾ ريلي ڪيڍي مٿن گيٽ وٽ سخت احتجاج ڪيو ان دوران اڳوڻن بشير احمد چنو شڪيل سومرو مختيار ڪوريجو مدثر چانڊيو عمران منگي عبدالحفيظ سومرو ميڊيا سان ڳالهائيندي بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ جاگيراڻي برادري جي ٻن ڌرين جهيڙو، گولين لڳڻ سبب هڪ ڄڻو زخمي

خيرپور(ٿ ر)خيرپور لڳ سوهو ڪناسرا پرسان ڳوٺ شاهہ سراڙ جاگيراڻي ۾ جاگيراڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙو گولين لڳڻ سبب نويد جاگيراڻي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي گهڻي جوکي حالت ۾ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي جتي هن جو علاج جاري آهي

سنڌ ۾ ڪنهن کي گذر تي ٿاٻو اچي ٿو اهو چوي ٿو سنڌ کي ٽوڙيو ٿا: اياز پليجو

اسلام آباد ۾ ڌماڪو ٿيو تہ ڪنهن بہ نہ چيو تہ اسلام آباد کي ٽوڙيون ٿا

پ پ اهڙو ماحول جو ڏاهيو آهي جو دهشتگرد ٽولا پ پ کان ڪارڙجي سنڌ ٽوڙڻ جي ڳالهہ ڪن ٿا

خيرپور ناٿن شاهہ (ن ع) اسلام آباد ۾ ڌماڪو ٿيو پنجاب يا اسلام آباد ۾ ڪنهن نہ چيو تہ اسلام آباد کي ٽوڙيون ٿا پشاور ۾ آرمي پبلڪ اسڪول ۾ ڌماڪو ٿيو ڪنهن ڪونہ چيو تہ ڪي پي ڪي کي ٽوڙيون ٿا ۔ پر سنڌ ۾ ڪنهن کي گذر تي ٿاٻو اچي ٿو اهو چوي ٿو سنڌ کي ٽوڙيون پيپلز پارٽي اهڙو ماحول جو ڏاهيو آهي جو سنڌ ۾ دهشتگرد ٽولا پيپلز پارٽي کان بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خيرپور ناٿن شاهہ: قومي عوامي تحريڪ جو سربراهہ اياز لطيف پليجو جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

نوابشاهہ ۾ ڊويزنل انڊر 25 اسپورٽس فيسٽيول جو افتتاح، مختلف ضلعن مان ٽيمون پهچي ويون

ڊويزنل ڪمشنر شهمير ڀٽو، ڊي آءِ جي فيصل بشير ميمڻ فيسٽيول جو باضابطہ افتتاح ڪيو

فيسٽيول ۾ نوابشاهہ، سانگهڙ ۽ نوشهرو فيروز ضلعن جون ٽيمون مختلف راندين جي مقابلا پهچي ويون

نوجوانن کي مثبت سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ لاءِ راندين جو فروغ انتهائي ضروري آهي: مقرر

نوابشاهہ (رپورٽ مشرف ڀٽي)ڊويزنل انڊر 25 اسپورٽس فيسٽيول جي شاندار رنگا رنگ ۽ افتتاحي تقريب بلاول اسپورٽس ڪمپليڪس نوابشاهہ ۾ منعقد ڪئي وئي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن شهمير بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

بلڙي شاہ ڪريم ۾ اغوا ٿيل نياڻي زڪيرا رند جي بازيابي لاءِ احتجاجي ڌرڻو، روڊ بلاڪ

رند قومي اتحاد ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻي ۾ ٽن هنڌن تي احتجاجي ڌرڻا هنيا ويا

اٺن ڪلاڪن کان جاري ڌرڻي سبب گاڏين بيهجي ويون، ڪو بہ نمائندو مظاهرين وٽ نہ پهتو

ڊي ايس پي وزير شر ۽ انسپيڪٽر هادي بخش مظاهرين وٽ پهتا، مظاهرين پاران ڌرڻو ختم ڪرڻ کان انڪار

بلڙي شاہ ڪريم (ت ر) جنهاڻ سومرو پرسان ڳوٺ براديو رند مان هفتو اڳ ڳوٺ جي مڪتب جي ملان عبدالسلام سومرو پاران اغوا ڪري ڏہ سالا نياڻي زڪيرا رند جي بازيابي ۽ جوابدار جي گرفتاري لاءِ رند بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ ايڪسائيز ۽ اينٽي نارڪوٽڪس پاران ڪارروائي ڪري بغير ٽيڪس وارا سگريٽ هٿ ڪرڻ جي دعوي

خيرپور(ٿ ر)ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن آفيسر نعيم الله گهوٽو مختيارڪار حسين احمد ايڪرو ۽ اسسٽنٽ مختيارڪار شيراز ڦليوٽو جي اڳواڻي ۾ ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن ڪاتي جي ٽيم خيرپور جي مختلف علائقن ۾ غير قانوني سگريٽن خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيو ڪارروائين دوران ايڪسائيز آفيسر مظفر ملاح سوريہ سهاڳ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

رانيپور ۾ درازا مائنر شاخ جي ڪاٽي نہ ٿيڻ خلاف آبادگار جو احتجاجي ڌرڻو

آبادگارن الله ورايو جوڻيجو، سڪندر، امداد ۽ ٻين ايس ڊي او آفيس آڏو احتجاج ڪيو

درازا مائنر ڏهن سالن کان ڪاٽي نہ ڪرائي وئي آهي، اعليٰ عملدار نوٽيس وٺي انصاف ڪن: مظاهرين

راڻي پور (ن ع) ابل واہ مان نڪرندڙ درازا مائنر جي ڪيئري ٿي وقت کان ڪاٽي نہ ٿيڻ خلاف مسلسل ٻي ڏينهن بہ آبادگارن جو ابل واہ کان ايس ڊي او ايريگيشن آفيس گنبت تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي الله ورايو جوڻيجو سڪندر علي جوڻيجو امداد علي جوڻيجو گلشن جتوئي ۽ وڏيرو نماڻو واڍڪي ڪئي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ درازا مائنر ۾ بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڪمشنر حيدرآباد تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

هالا ۾ معذورن جو ڪوٽا تحت نوڪريون نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

عدالتي حڪم باوجود معذور ڪوٽا تي عملدرآمد نہ پيو ٿئي: مظاهرين

جنهن سبب سنڌ جا معذور شديد مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن

هالا (ت ر) هالا ۾ متياري ضلعي سميت سڄي سنڌ ۾ پنج فيصد معذور ڪوٽا تي عملدرآمد نہ ٿيڻ خلاف معذورن پاران پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو معذورن سماجي اڳواڻ سلمان علي لغاري ۽ معذور اڳواڻن سهيل ميرجت، نصرت لغاري، وسيم سولنگي ۽ سڪيلڊرانو سميت ٻين جي اڳوائيءَ ۾ احتجاج ڪندي چيو تہ متياري ضلعي سميت پوري سنڌ ۾ سپريم بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

هالا: معذور نوڪري نہ ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڦورن جي فائرنگ ۾ ٽي اهلڪار شهيد ٿيڻ افسوسناڪ واقعو آهي:حافظ منظور

شهيد اهلڪار قوم جا سچا هيرو آهن جن فرض ادائيگي دوران جانين جو نذرانو پيش ڪيو

واقعي ۾ ملوث ڏوهارين کي جلد کان جلد گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي

ميهڙ(ن ع) قاضي عارف روڊ تي ڦورن جي فائرنگ جي نتيجي ۾ ٽي پوليس اهلڪار شهيد ٿيڻ تي اسان انتهائي ڏک، رنج ۽ افسوس جو اظهار ڪريون ٿا شهيد اهلڪارن جي وارثن سان هن ڏک جي گهڙيءَ ۾ دلي همدردي جو اظهار ڪيون ٿا، جڏهن تہ زخمي ٿيل اهلڪارن جي جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهيون الله پاڪ ڪيئن مڪمل ۽ عاجل شفايابي عطا فرمائي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ ناري روڊ ڪناري اسٽال تي ماني پچائي رهي آهي

ٽنڊوآدم ۾ پوليس پاران مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪري 7 جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعوي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم سٽي پوليس ايس ايڇ او محمد حنيف مهر جي اڳواڻي ۾ مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪري 7جوبدارن کي گرفتار ڪري آئيس، چرس، ڪچو شراب ۽ ماوا گٽڪا برآمد ڪيا آهن جن ۾ جوابدار حيدر شيخ کان 20 گرام آئيس ، وسيم شوڪت راجپوت ۽ دلاور خاصخيلي کان 515 ۽ 520 گرام چرس. بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

پنجاب ۾ سنڌو درياءَ مان زبردستي ڪئنال ڪڍڻ جو ڪم هلندڙ آهي:رياض چانڊيو

پ پ معاهدو ڪيو آهي جيڪو اسان سنڌين کي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ناهي

سنڌ جي حقن ۽ وسيلن لاءِ جدوجهد جاري آهي، سنڌ دشمن منصوبو ڪامياب ڪرڻ نہ ڏينداسون

ٽل(ن ع) جيئي سنڌ محاذ جو چيئرمين رياض چانڊيو ٽل پريس ڪلب پهچي پريس ڪلب ٽل جي چونڊجي آيل عهديدارن کي هار پارائي مبارڪون ڏنيون.ان موقعي تي رياض چانڊيو پريس ڪانفرنس ڪندي چيو تہ پنجاب ۾ سنڌو درياءَ مان زبردستي ڪئنال ڪڍڻ جو ڪم هلندڙ آهي جنهن تي پيپلز پارٽي جي خاموشي معنيٰ خيز آهي، پيپلز پارٽي معاهدو ڪيو آهي. بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

جهڏو ۾ نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڳوٺاڻن جو احتجاج

سليم سومرو کي ڪراچي ۾ جوابدارن سرعام گولين هڻي قتل ڪيو:گل محمد سومرو

ٿاڻي تي ڪيس داخل آهي ۽ 9 مهينا گذرڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪيو

جهڏو(ت ر) جهڏو ۾ نوجوان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ڳوٺاڻن جو احتجاج، انصاف جو مطالبو جهڏو لڳ ڳوٺ محمد هاشم سومرو جي رهواسين گل محمد سومرو، حاجي محمد سومرو، علي اڪبر چانڊيو ۽ ٻين نوجوان سليم سومرو جي بي رحمانہ قتل خلاف قاتلن جي گرفتاري لاءِ پريس ڪلب جهڏو اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري انصاف جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ۾ ميونسپل ملازمن جو جبري برطرفي خلاف احتجاجي مظاهرو

ملازمن مختيار ٽگڙ، ڪفايت گهوٽو، بشير ڪلوڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

برطرف 7 ملازم احتجاج ڪندي فوت ٿي چڪا آهن، نوٽيس وٺي بحال ڪري پگهار ڏنا وڃن

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ۾ ميونسپل ڪاميٽي گهوٽڪي جي 368 ملازمن جون 6 سالن کان پگهارون بند ڪرڻ ۽ جبري برطرفي خلاف گهوٽڪي ميونسپل جي ملازمن مختيار ٽگڙ ، ڪفايت گهوٽو ، بشير ڪلوڙ ، حفيظ لولائي ، مير محمد سومرو قدير ميمڻ جي اڳواڻي ۾ پنوعاقل پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو، مظاهري ۾ پنوعاقل بار جو صدر ۽ پنوعاقل جي وڪيل برادري جي اڳواڻن غلام سرور چاچڙ ، جمال ناصر بلو ۽ جي يو آئي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ايم سي چيئرمين جو ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺڻ لاءِ دورو

ثمر حسين شاهہ رضوي مختلف علائقن جو دورو ڪري هلندڙ ڪمن جو جائزو ورتو

اسان جي ڪوشش آهي تہ عوام جا بنيادي مسئلا انهن جي در تي حل ڪيا وڃن:ثمر شاهہ

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ميونسپل ڪميٽي چيئرمين سيد ثمر حسن شاهہ رضوي پاران شهر جي مختلف علائقن ۾ ترقياتي ڪمن جو جائزو وٺڻ لاءِ دورو ڪيو ويو ايم سي چيئرمين شهر جي طالب المولا ڪالوني ، مسلم ڪالوني ، گلشن واحد ، شاہ لطيف ڪالوني ، امر هائوسنگ سميت مختلف ڪالونين جو دورو ڪري هلندڙ ڊرينج سسٽم ۽ ٻين ڪمن جو جائزو ورتو اڻ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

سنگاپور: هاءِ ڪمشنر ربيہ شفيق ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ کٽيندڙ ڪپتان کي ٽرافي ڏئي رهي آهي

بدين پوليس ڪارروائي، آئيس هٽ، هڪ جوابدار گرفتار

بدين (ڊ ر) ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي بدين پوليس منشيات فروش خلاف ڪارروائي 105 بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

بهادر پوليس جوانن پنهنجي جانين جا نذرانا ڏئي تاريخ رقم ڪئي آهي:نياز برڙو

ميهڙ جو سانحو انتهائي افسوسناڪ ۽ لاقانونيت جو چٽو مثال آهي

جيڪڏهن وقت سر موثر ڪارروائي ڪئي وڃي ها تہ شايد حالتون اهڙيون خراب نہ ٿين ها

رادڻ (ن ع) بهادر پوليس جوانن پنهنجي جانين جا نذرانا ڏئي تاريخ رقم ڪئي آهي کين خراجي تحسين پيش ڪجي ٿو نياز علي برڙو خبر موجب ميهڙ تعلقي جي مزاحمتي ظلم جبر ڏاڍ ڪرپشن خلاف سگهاري آواز بدامني جي خلاف احتجاج ڪندڙ جدوجهد جي علامت جي ڊي اي اڳواڻ ۽ شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

شهدادپور جي نوجوانن پاران ٽيپ بال ٽورنامنٽ جو فائنل خاصخيلي اليون پنهنجي نالي ڪيو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور جي ميونسپل گرائونڊ ۾ خاصخيلي اليون جي نالي سان بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان شاگردن جي تخليقي صلاحيتن لاءِ ضلعي ليول اسٽيم مقابلا ۽ سائنس ميلو منعقد

شاگردن ۽ شاگرديائين جديد سائنسي ماڊلز ، تخليقي منصوبن ۽ عملي تجربن جي نمائش ڪئي

سائنسي ميلو جو مقصد ڏورانهين علائقن جي شاگردن کي برابر تعليمي موقعا فراهم ڪرڻ ۽ انهن ۾ سائنسي شعور پيدا ڪرڻ آهي: ممتاز علي ڪيڙو

اهڙا پروگرام ٻارن جي تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ انهن ۾ خود اعتمادي ۽ عملي سوچ بہ پيدا ڪن ٿا:اعجاز شاهہ بخاري

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي تعليم ڪاتي پاران گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ابراهيم منشي ۾ شاگردن شاگرديائين جي ذهني ۽ تخليقي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ضلعي ليول تي اسٽيم بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا پريس ڪلب جي چونڊ، نظر حسين منگنهجوصدر ۽ اشفاق شيخ کي جنرل سيڪريٽري منتخب ڪيو ويو

سيٺارجا (ن ع) نيشنل پريس ڪلب سيٺارجا جي سال 2026 جي نئين باڊي چونڊي وئي آهي جنهن ۾ سيني جي متفقہ راءِ سان هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا منظور حسين سهتو کي سرپرست اعليٰ نظر حسين منگنهجو صدر، عابد حسين سهتو سينيئر نائب صدر، الله بخش منگريو نائب صدر، حاجي عبدالقادر راڄپر نائب صدر، اشفاق احمد شيخ جنرل سيڪريٽري ، بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: سنڌو ندي ڪناري ٻيڙيون بيٺل نظر اچي رهيون آهن

حيدرآباد: نئي سبزي منڊي ۾ مرچ وڪري لاءِ رکيل آهن

ڊي جي ٽنڊوڄام 1500 ملازم برطرف ڪري اسان جون پگهارون بند ڪيون: شڪيل خاصخيلي

ممتاز پنهور ڊي جي جي ونگهار وهندي سوشل ميڊيا تي ڌمڪين تي لهي آيو آهي

16مهينن جون پگهارون نہ ٿيڻ سبب 3000هزار کان وڌيڪ ملازم فاقاڪشي جو شڪار آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) زراعت کاتي آن فارم واٽر مئنيجمينٽ شعبي جي ڪچن ملازمن جو پگهارون جاري نہ ٿيڻ وارو ماسرو شدت اختيار ڪري ويو. ملازم سوشل ميڊيا تي آمهون سامهون،ڌمڪيون. معاشر ڊر پوليس کان مدد گهري ورتي، 12 فيبروري تي ڊي جي خلاف ڌرڻي جو اعلان.آن فارم واٽر مئنيجمينٽ کاتي جي ڪچن شڪيل خاصخيلي ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ غلام شبير سمون،ذوالفقار ميمڻ ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

وڪيلن جي برادري جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا:سيد لعل شاهہ

تحفظ لاءِ سخت قدم کڻڻ سان گڏ حفاظتي پاليسيون مرتب ڪيون وينديون

وڪيلن جون پيشورانہ صلاحيتن کي بهتر بڻايو ويندو بار ۽ بينچ ۾ رابطو قائم ڪيو ويندو

خيرپور ناٿن شاهہ (ن ع) وڪيلن جي برادري جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا دادو بار کي جديد سهولتن سان آراستا ڪيو ويندو اهڙو اظهار ڊسٽرڪٽ بار ضلع دادو جي نئين چونڊيل صدر سيد لعل شاهہ خيرپور ناٿن شاهہ پريس ڪلب جي صدر قربان علي بگهيو سرپرست اعليٰ سيد ڊاڪٽر ارباب علي شاهہ نائب صدر برڪت علي چانڊيو جوائنٽ سيڪريٽري احمد حسين چانڊيو انفارميشن سيڪريٽري محمد اسماعيل پاران سندس ڪي ڪاميابي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

شڪارپور بچايو تحريڪ جي نون چونڊيل عهديدارن جي حلف وفاداري تقريب

تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو مهمان خاص طور تي شريڪ ٿيو

تقريب ۾ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ معزز ۽ شهر جي معزز شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

شڪارپور (ڊ ر) شڪارپور بچايو تحريڪ جي سال 2026 لاءِ نون چونڊيل عهديدارن جي حلف وفاداري تقريب مقامي شادي هال ۾ وڏي وقار نظم ۽ ضبط ۽ شاندار ماحول ۾ منعقد ٿي قاري مجيب الرحمن مدني نون چونڊيل عهديدارن کان حلف ورتو تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو مهمان خاص طور تي شريڪ ٿيو حلف برداري ۾ مختلف شعبن سان تعلق بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: شڪارپور بچايو تحريڪ جا عهديدار حلف کڻي رهيا آهن

خانپورمهر ۾ گڏاڻي برادري جي ماڻهن پاران باٿرن جي زيادتي خلاف احتجاج

مظاهرين شفيع الله، عنايت، الهڏنو، غلام اڪبر ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

باٿرن واٽر ڪورس بند ڪري زرعي پاڻي روڪي ڇڏيو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر ۾ گڏاڻي ڌر جي ماڻهن پاران باٿر منشي وسند مهر روشن مهر ۽ ٻين خلاف زرعي پاڻي بند ڪرڻ خلاف سخت احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويران موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي سفيع الله گڏاڻي حاجي عنايت الله گڏاڻي حاجي الهڏنو گڏاڻي غلام اڪبر گڏاڻي سميت ٻين ڪئي احتجاج ڪندڙن الزام هنيو تہ منشي وسند مهر سندن زرعي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ٽنڊومحمدخان ۾ بيواهہ عورت جو نادرا خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جو مطالبو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ سستي بستي ٽنڊو محمد خان جي رهواسڻ 43سالا مسمات حور النساءِ شيخ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو آهي تہ نادرا آفيس ٽنڊو محمد خان وارن مون سان وڏي ناانصافي ڪندي منهنجي مڙس سلطان شيخ جي وفات بعد منهنجي مڙس جي نالي جي جاءِ تي مير نواز محمد بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ مختيارڪار جو مختلف تعليمي ادارن جو دورو، تدريسي عمل ۽ بنيادي سهولتن جو معائنو ڪيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر سانگهڙ سارہ جاويد جي هدايتن تي مختيارڪار ٽنڊوآدم امام الدين لاڙڪ ۽ اسسٽنٽ مختيارڪار وسيم احمد پنهور شهر جي بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

ڪمال ديرو ۾ جسقم پاران وڌندڙ بدامني قبيلائي تڪرار خلاف پيادل امن مارچ

ڪارڪنن اڪبر مقبول، حبدار، امداد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ 10 ڪلو ميٽر مارچ ڪيو

سنڌ جي امن امان بحال ڪري عوام جي جان مال جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي: اڳواڻ

ڪمال ديرو(ن ع) سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني قبيلائي تڪرار ۔ وڏيرڪي نظام خلاف جسقم شهيد بشير خان قريشي گروپ جي سڏ تي ڪماليرو کان ڪنڊيارو اسٽار چونڪ تائين پيادل امن مارچ ڪيو ويو ۔ امن مارچ ۾ جسقم شهيد بشير خان قريشي گروپ مرڪزي اڳواڻ اڪبر مقبول سميت حبدار ميرمحر امداد ڪليري امتياز ڪوسو سميت ڪماليرو ڪنڊيارو جي بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو ويجهو درويش جو لاش هٿ، پوليس ڪاغذي ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو قومي شاهراهہ تاج پمپ پرسان نامعلوم لاش هٿ اچڻ جي اطلاع بعد پوليس پهچي لاش تعلقا اسپتال منتقل ڪيو پوليس موجب لاش جي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال بهتر ناهي، بدامني روزانو وڌي رهي آهي:مولانا راشد محمود سومرو

فوج ڪانپورءِ سڀ کان وڌيڪ قربانيون جي پوءِ ڏنيون آهن، اسان لفظن سان نہ پر رت ڏئي هن ملڪ لاءِ قربانيون ڏنيون آهن

ٻن ٻن سالن جا معصوم ٻار اغوا ٿي رهيا آهن، ڇهن سالن جي نياڻين سان زنا جهڙا انسانيت سوز واقعا ٿي رهيا آهن

هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ قيادت تبديل ڪئي وڃي، چو تہ موجوده حڪمرانن سنڌ جي عوام کي ڪجهہ بہ نہ ڏنو آهي

بدين (ڊ ر) جمعيت علماءِ اسلام پاران جيم خاز هال بدين ۾ تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ڪارڪنن، ذميوارن ۽ ضلعي قيادت وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ورڪشاپ کي خطاب ڪندي جمعيت علماءِ بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

پڙهيل لکيل ماڻهن کي سنڌي قوم جو وقار بحال ڪرڻ لاءِ اڳتي اچڻو پوندو: قادر مگسي

سنڌي جا ماڻهو ووٽ جي آزادي ۽ صحيح استعمال سان پنهنجون حالتون تبديل ڪري سگهن ٿا

پڙهيل نوڪري بہ لکين روپين ۾ وڪرو ڪئي ٿي وڃي سنڌ ۾ صنعتي ادارا ڪا لڳايا وڃن

بدين (ڊ ر) پي پي حڪمرانن 17 سالن جي حڪومت ۾ قوم جو حيا غيرت عزت وقار ختم ڪري ڇڏيو آهي پڙهيل لکيل ماڻهن کي سنڌي قوم جو وقار بحال ڪرڻ لاءِ اڳتي اچڻو پوندو اهڙو اظهار سنڌ ترقي بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي: غلام مرتضيٰ جتوئي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

حضرت سچل سرمست جي ساليانو عرس جي حوالي سان سچل يادگار ڪميٽي جو اجلاس 12 فيبروري تي منعقد ڪيو ويندو

خيرپور(ڊ ر)حضرت سچل سرمست جي ساليانو عرس جي انتظامن بابت سچل يادگار ڪميٽي جو اجلاس 12 فيبروري تي ڊي سي آفيس خيرپور جي سچل سرمست هال ۾ منعقد ٿيندو اجلاس ۾ 14 رمضان المبارڪ کان شروع ٿيندڙ ٽن ڏينهن واري بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: ٻارڙا جهولو جهولي رهيا آهن

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.